دنيا انهنجي ديس پرايا

(سفرنامو)

اياز لطيف پليجو

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دنيا پنهنجي ديس پرادا

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH CASIMABAD
SINDH

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دنيا پنهنجي ديس پرايا

(آمريڪا، انگلنڊ ۽ فرانس جو سفرنامو)

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

اياز لطيف پليجو

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1991ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انتساب

SANA جي سروائن جي نالي

— اياز لطيف پليجو

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجي پاران

ٻه ٽي مهينا اڳ ادي ماهتاب محبوب جي گهر هڪ پارٽي هئي. سندن ڪشادي ڇت تي بيدل ڳائي رهيو هو،

”ٽڙ ٽڙ تي طوفان الوميان ناوَ هلي آ ڳيت ڪٿي“

سڀ کان اڳين لائين ۾ شيخ اياز، پليجو صاحب، سوڀو گيانچنداڻي، محمد ابراهيم جويو صاحب ۽ سائين محبوب شيخ انتهائي ڌيان سان گيت ٻڌي رهيا هئا. اوڏي مهل منهنجي پرسان ويٺل فيروز احمد ميمڻ چيو هو، ”آمريڪا مان موٽي آيا، هاڻي سفرنامو ڪڏهن ٿو اچي؟“

”اڃان ته لکڻ جو پروگرام ئي ڪونه ٺهيو آهي.“

”نه، اوهان ڪي لکڻو به آهي ۽ ڇپرائيندو به نيوفيلڊس پبليڪيشنس ادارو.“

پوءِ جنهن نموني مختلف جاين تي ملندي ۽ ٽيليفون ذريعي فيروز صاحب باربار سفرنامي جو پڇندو رهيو، دراصل ان ئي مونکي ڪجهه لکڻ جو اتساهه ڏنو.

آئون کلي دل سان لکڻ جو عادي آهيان ۽ ان ڪري ئي منهنجي سياسي ڊائري ”ساروڻ سپنا آزادي“ خلاف به تنقيدي مهم هلي هئي. هن سفرنامي ۾ به مون ڪوشش ڪئي آهي ته ڪا سياسي يا ادبي لائين ڏيڻ بدران اهوئي بيان ڪريان جيڪو مون ڏٺو ۽ آبزرو ڪيو آهي ۽ مونکي اها ست لکڻ جي ڪا خاص ضرورت محسوس نٿي ٿئي ته ’باقي فيصلو پڙهندڙ ڪندا‘ چاڪاڻ ته آئون چاهيان ٿو ته مون سچ ۽ صحيح لکيو آهي.

اياز لطيف پليجو

بي- 33 نسيم ڊيلڪس

حيدرآباد سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مهاڳ

برسات جي هڪ سرد صبح جو اياز لطيف پليجو جي ڪتاب تي مهاڳ لکڻ ويٺس ته منهنجون آڱريون ۽ انهن ۾ جهليل اسڪول جي زماني واري اينٽيڪ پين ڄڻ ڄري برف ٿي ويا ۽ ڪجهه لکي نه پي سگهيس.... ائين ٿي لڳو ڄڻ مان خود به برف مان ٺهيل ڪا Snow woman هجان.... پر جيئن ته سيارو منهنجي انتهائي من پسند منڊ آهي ننهنڪري نه هيٽر جو سهارو وٺان، نه ئي گهر ۾ رکڻ پسند ڪريان.... هونءَ به هيٽر جي عجيب نموني واري گرمائش ماحول کي مريضاڻو ٽچ ڏيو ڇڏي، ان ڪان ته مَچ جي موج چڱي.... پر هتي ته اهو به خورڪو هو.... ۽ ان ڪان اڳ جو منهنجون سوچون به فريز ٿي وڃن، مون ۾ سڪ ٿيندي مان پنهنجي سموري قوت اراديءَ سان ٻه اکر لکڻ جي ڪوشش جاري ٿي رکان....

ڪتابن تي مهاڳ ڏيڻ هڪ پراڻي پر اڄ ڏينهن تائين زنده رهندڙ مقبول روايت آهي ۽ منهنجي خيال ۾ ته ڪنهن جي ڪتاب تي مهاڳ لکڻ يا لکرائڻ ٻنهي صورتن ۾ هڪ ٻئي کي مانُ ڏيڻ جي برابر آهي، ان سان نه ڪو چوٽ چڙهي ويندو نه ئي لهي پوندو. ڪو ليکڪ جي پنهنجي ڪتاب تي مهاڳ نٿو لکرائڻ چاهي يا رکو پنهنجي پاران ڏي ٻه لفظ لکي اِها رسم ٿو نڀائي ته ان لاءِ بيشڪ هو پنهنجي مرضيءَ جو مختيار آهي، پر انهيءَ سان گڏ اهو ڏانءُ پريو تاثر به ڏيندو هلي ته کيس ڪنهن کان مهاڳ لکرائڻ واري 'سرٽيفڪيٽ' جي ڪا ضرورت ناهي، نه اها تڪبر واري ڳالهه سمجهن سڌي ٻين ليکڪن کي پاڻ کان گهٽ ڪرڻ جي دعويداريءَ واري زمري ۾ اچي ٿي. وسيع نظريءَ سان ڏسجي ته حقيقت ۾ ليکڪ کي پسند يا ناپسند ڪرڻ جو صحيح ۽ سچو سرٽيفڪيٽ Issue ڪرڻ وارا ڪي ٻيا نه، پر سندس پڙهندڙ ئي ٿيندا آهن، ۽ آهي ليکڪ جيڪي احساس برتريءَ ۾ مبتلا ٿي ڪنهن اهڙي سرٽيفڪيٽ کان پاڻ کي بالاتر ٿا سمجهن، سي به ان عوامي

سرٽيفڪيٽ ملڻ ڪانپوءِ ئي پنهنجو وجود ادب ۾ قائم رکي سگهيا آهن. هونءَ مهاڳ جي واقعي ڪنهن لاءِ سرٽيفڪيٽ هجي ها ته پوءِ مان نٿي سمجهان ته مهان شاعر شيخ اياز کي ڪو منهنجي سرٽيفڪيٽ جي ضرورت هئي يا ذهين ليکڪ اياز لطيف پليجو کي به ڪو منهنجي سرٽيفڪيٽ جي ضرورت آهي!

نئين ٽهيءَ جي ڪنهن باصلاحيت ليکڪ کي پڙهندي مون کي اڪثر ڪرشن کٽوائي جا حيرانيءَ مان چيل اهي لفظ ياد ايندا آهن، جيڪي هن سنڌ جي نوجوانن کي ڏسندي چيا هئا ته ’ڪيڏا نه خوش نصيب آهيو اوهين سنڌ وارا جن وٽ هيترا سارا نئين ٽهيءَ جا ليکڪ ۽ سنڌيت جو جذبو رکندڙ نوجوان موجود آهن‘.... تڏهن مونکي سنڌي ادب جي خوشقسمتي تي ناز ٿيڻ سان گڏ ادب جو سمورو آسمان ادبي ستارن سان جرڪندو محسوس ٿيندو آهي.... لاشڪ نه ٽمڪندڙ ستارن جا اهي پل پل وڌندڙ جهرمٽ، سنڌي ادب جي روشن مستقبل جي شاهدي آهن. جن مان اسانجو نوجوان ۽ باصلاحيت ليکڪ اياز لطيف پليجو به هڪ آهي.

خوشنصيب آهن آهي ماءُ پيءُ جن اياز جي روپ ۾ سنڌ کي پنهنجو ورثو ڏيئي ڇڏيو جهڙي ئي پيو جنم ورتو آهي. ان خوشنصيبيءَ جي سنگم، اياز کي مون پهريون ڀيرو اوچتوئي اوچتو بزرگ سياستدان ۽ دانشور رسول بخش پليجو جي جيل مان ڇٽڻ واري موقعي تي ريڊيو تان تقرير ڪندي ڏٺو هو.... ان کان اڳ مونکي سندس وجود جي ڪا خبر ئي نه هئي.... سنڌي لباس تي اجرڪ اوڍيل، هن ڪلهي ملهي خوش شڪل نوجوان جون شعلا بيانيون ۽ پرجوش انداز ڏسي صفا دنگ رهجي ويس هئس ته مار! هن وهيءَ ۾ ئي ايڏا دم خم ائس ته پيءُ واري عمر کي رسي الائي ڪهڙا قهر ڪندو.... هڪ ڀيرو سانس فون تي به ڳالهه ٻولهه ٿي هئي، جنهن ۾ هن جي گفتار جي شيريني ڪافي متاثر ڪيو، تنهن بعد جيڪي به روبرو گڏجاڻيون ٿيون، تن ۾ مان سندس حيادار ۽ ادب اخلاق واري طبيعت جي پڻ قائل ٿيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سهاسي يادگيرين تي مشتمل، جڏهن سنڌس پهريون ڪتاب منهنجي نظرن مان گذريو تڏهن مون دل جي سموري سچائيءَ سان چاهيو ته ڪاش هو هميشه لاءِ پنهنجو پاڻ ادب کي ارپي ڇڏي.... خوشيءَ جهڙي ڳالهه آهي ته اياز پنهنجي ادبي ذميداريءَ کي جيجل سنڌ جي هڪ فرمانبردار پٽ جيان سنڀالي ورتو آهي....

’دنيا پنهنجي ديس پرايا‘ جيڪو نالي مان ئي آرٽسٽڪ ذوق ۽ حساس جذبن جو ترجمان آهي، تنهن جي شروعات ۾ اياز لطيف کي آمريڪا لاءِ ڇهن مهينن جي ويزا لڳي ملڻ جو پڙهي پانيم ته سفرنامو به ڇهن ساري اڌ سال جي احوالن سان سٽيو پيو هوندو.... چالاڪاڻ ته جن کي ڇڙو ڏن مهينن جي ويزا ئي ملي ٿي به ان جي هڪ هڪ ڏينهن جو رت ست ڏُهي پوءِ وڃي ڪا وطن ڏي واڳ ورائيندا آهن، پر اياز ته دير ئي نه ڪئي، جهٽ ۾ موٽي ماڳ پهتو ۽ مختصر عرصي ۾ ماڻيل مشاهدي کي پنهنجي نفيس خيالن ۽ گهري احساسن سان قلم بند ڪري سنڌي ادب کي ’دنيا پنهنجي ديس پرايا‘ جهڙي خوبصورت تخليق ڏيڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته وقت ۽ حالتن سان گڏ سوچن جا انداز ۽ اظهار بدلجندا رهن ٿا. اڄ جي تيز رفتار ڪمپيوٽر ايج ۾ تصوراتي ڪهاڻين يا علامتي افسانين کان وڌيڪ **Live** ادب جي وڌي گهرج آهي، جنهن ۾ سفرنامي جي صنف سرفهرست ٿي اچي. ان ۾ ليکڪ جي ذات ايئن جڙيل ٿي رهي جيئن سِرُ سان سنگيت.... جسم سان روح يا سِپ سان موتي....

ڪو وقت هو جو سنڌي سفرنامن جو ڇيهه رڳو الطاف شيخ جي ڪتابن تي ٿيندو هو پر هاڻ ان ڏس ۾ پيا به ڪيترائي ليکڪ اڳتي وڌي آيا آهن. اياز لطيف جو هي ڪتاب، ان زنده سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، جنهن ۾ هن بنا رکت يا وڌاءُ جي نهايت سچائيءَ سان پنهنجا خيال ۽ مشاهدا دوستاڻي انداز ۾ پڙهندڙن سان **Share** ڪيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اياز جي تحريرن ۾ سنجيدگي، شوخي ۽ شگفته مزاجيءَ کي هڪ جيتري اهميت حاصل آهي. ٺاهوڪين تشبيهن سان سينگاريل سندس هن سفرنامي ۾، ملڪ ماڳ ۽ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻيءَ جا عڪس ذهن جي اسڪرين تي اُجاگر ٿيڻ سان گڏ، ليکڪ جي پنهنجي همه گير شخصيت پڻ هڪ وڻندڙ ڪردار جيان اُڀري پڙهندڙ جي سامهون ٿي اچي. جتي هن جون ذهانت ڀريون ڳالهيون ۽ پنهنجي ماڻهن ڏانهن ڪميٽڊ هجڻ وارا گڻ، سندس تحرير جي آئيني مان پرکي سگهجن ٿا آتي سندس جوشيلي طبيعت ۽ لاجواب ڪرڻ واري انداز جون ڪي جهلڪيون جهٽڻ جو به وجهه ملي ٿو.... مثال طور هيٿرو ايئرپورٽ جي لائونج ۾ عمران خان سان ڳالهه ٻولهه مهل هڪ پناهه گير ڇوڪري جي وچ ۾ ٽپي پوڻ تي ڪيس چڙهڻ، چيني دڪاندار سان چرچ ڪري ڪيس مچرائڻ، SANA جي ڪانفرنس ۾ اڪوٽي اسپيڪر کي آڏين ڀچائڻ سان منجهائي لاجواب ڪرڻ. ساڳي ريت فرانس جي سفر ۾ پنهنجي هم سفر ليجار کان فرانس جي فن ۽ ادب جي حوالي سان ڦوندڙ ڀريل گفتا ٻڌي ڪيس ٺهه پهه چئي ڏيڻ ته، ”اڄ ڪلهه جنگ به هڪ فن آهن پوءِ نيپولين لاءِ توهانجا تورا مڃجن يا نه؟“ پر اڪيان ليجار به ڪنهن نينجا کان گهٽ نه هئي. ٽوڪ کي سمجهندي به هر ڳالهه جو وٽس هڪيو ٽڪيو جواب هو. هونءَ اسانجو اياز به هار مڃڻ وارو نه هو، پر ليجار جيئن ته زال ذات ٿي پئي هئي ۽ آها به سدا ملوڪ، تنهن سان ڪهڙو ويهي مهاڏو اٽڪائي ها.... انڪري ڪچ ٻجهيءَ ۾ وجهڻ بدران ’مسڪي‘ وارو نسخو آزمائي نيٺ هٿي هنڌ ڪيائين.

سفرنامي مان اها ڳالهه پڌمرادو واضح ٿيو وڃي ته اياز جي آمريڪا اچڻ جو مکيه مقصد تفريح بدران SANA جي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ هو، انڪري ئي هن اتي جي خاص جاين جڳهن يا تفريحي مقامن جا تفصيلي احوال ڏيڻ بدران SANA جي ڪانفرنس ۾ هلندڙ اهم ڊسڪشنس کان پنهنجي پڙهندڙن کي واقف ڪرايو آهي، ته گڏ اتي جي سائين سنگتين سان بحثن مباحثن ۾ پاڪستان

جي سياسي صورتحال کان ويندي سنڌ جي ٻرندڙ حالتن تي پنهنجا خيال ظاهر ڪري، سياسي شعور جي پختگيءَ جو ثبوت ڏنو آهي.

گفتگو هجي يا تحرير، بحث مباحثا هجن يا تقريرون.... اياز کي اجائي ڊيگهه ڪرڻ بدران To the Point ڳالهه ڪرڻ نوڙي لکڻ جو ڏانءُ آهي.... اسان وٽ ته ڪيترين ئي چاڻاڻن ۽ جهان ديده شخصيتون اهڙي فن کان وانجهيل ملنديون، جن سان بحث ڪرڻ ته هڪ پاسي ڪا خير اصلي جي ڳالهه، به ڪبي ته چڱ ڪکر ۾ ڪڙو لڳيو وڃي....

ان سفر ۾ سنڌ جي آمر ڪلثوم جيجي زرينه بلوچ رکيو آمريڪا ۽ لنڊن تائين اياز جو ساٿ ڏنو، ان ڪانپوءِ 'مورڪان وياج ميٺو' واري چوائيءَ جيان، ڏهتائي پوٽائي اولاد جي سڪ ۾ ولايتن کي به ٿڏي سنجهيئي وڃي ٻچڙن پيڙي ٿي، نه ته ان ڪتابي سفر ۾ سندس هردلعزيز شخصيت جا به ڪيترائي رنگ ڏسڻ جو وجهه ملي ها.

حسن جي پرک ۽ ان کي Define ڪرڻ واري ڀرپور حِسَ رکندڙ اياز، آمريڪا، لنڊن ۽ فرانس جهڙي رومينٽڪ ملڪن ۾، حسن پرستيءَ واري حق کي فراخدليءَ سان نڀائيندي به پنهنجي طبيعت جي نفاست پسنديءَ اڌو ان مهل بنهه بي وس لڳم، جڏهن هڪ حسينا کي بي تڪلفي سان نڪ ۾ ڏوئي کهمائيندي ڏسي سنائس، به ٻول ڳالهائڻ تان ئي ارواح ڪڄي ٿو وڃيس....

'بنيادي ضرورتن' تي تالا لڳڻ جي حوالي سان 'ايمرجنسي' 'ٻـري مهل' وغيره جهڙا معنيٰ خيز لفظ ۽ 'آمريڪا نه ٿي عذاب ٿيو' جهڙيون زنده دليءَ واريون ڳالهيون پڙهندي اياز جي طبعيت جون مڙئي شوخيون پڙهندڙ مٿان چٽ پلٽجو وڃن.... ۽ هو انهن لفظن جي گهرائيءَ کي محسوس ڪندي صدق دل سان پنهنجي ملڪ جي 'اهميت' کي مڃڻ تي مجبور ٿيو پئي. مطلب نه ڀيو سڪ هجي نه هجي 'مومن' جي بنيادي ضرورتن جا حق ۽ واسطا اسان وٽ محفوظ آهن. شايد نه ان ئي سڪ کي آڏو رکي جهان جا مومن اسان جي مسڪين ملڪ ڏي ڪاهي پيا آهن. آمريڪا ۾ ابراهام لنڪن جي

مجسمي کي پروقار انداز ۾ ويندي ڏسي اياز جي اها سوچ دل چهندڙ لڳي ته ڇا آمريڪا واقعي اهو سڀ ڪجهه حاصل ڪري ورتو آهي جيڪو لنڪن چاهيو ٿي؟.... اياز جي ذهن ۾ ايندڙ اهڙا ڪيئي ٻيا سوال دنيا جي هن ترقي يافته معاشري جو تضاد وارو رخ ڏيکارين ٿا.

شيرين فاروقيءَ جي دعوت ۾ پڇيل هڪ سوال جي جواب ۾ اياز جون هي سٽون پڙهي ته ’سنڌ جي اها ضرورت آهي ته سٺن سالن جو ٻار به، پنهنجا سڄڻ توڙي دشمن سڃاڻي سگهي‘.... مون بي اختيار آمين چوندي اهو سوچيو ته ڪاش اهڙي سوچ سنڌ جي هر ننڍي ۽ وڏي جي به هجي، جن الڳ الڳ پليٽ فارم ۽ جهنڊن هيٺان ويراهجي پنهنجي نااتفاقين سان دشمن کي ٿهانئين اڳتي وڌڻ جا وجهه پئي ڏنا آهن.

برائيٽن جي مشهور سامونڊي بيچ جو مشاهدو سائيندي، اياز جون ان وقت واريون فيلنگس پڙهي مون رکو اهو سوچيو ته ڇا ان جاءِ تي پهچي ڪنهن ٻئي به هن جيان ائين سوچيو هوندو؟ شايد ته نه.... ڪنهن به نه....

مجموعي طرح اياز لطيف پليجي جو هي سفرنامو سندس عمر، تجربي، نيز مشاهدي ۽ سياسي سوچ جي حوالي سان اسان جي Expectations کان به گهٽ وڌيڪ آهي، جنهن لاءِ لاشڪ ته هو گهٽي گهٽي جس لهڻي. آخر ۾ منهنجي دعا آهي ته نئين ٿهيءَ جو هي سنڌباد سيلر، ڪوڙ سارا ملڪ گهمي اهڙا ڪيئي قدر لائق ڪتاب لکي، پنهنجي منفرد سوچن سان سينگاري؛ پڙهندڙن جي ادبي اُڃ اجهائي ثواب ڪمائيندو رهي.

— ماهتاب محبوب

حيدرآباد ١٩٩١-١-٧

روانگي

”اياز هاڻي شايد جلد مشڪل موٽي“ اِن خيال جو اظهار ۱۰ جولاءِ تي ڪراچي ايئرپورٽ تي الوداع ڪرڻ لاءِ ايندڙن هر هر پئي ڪيو ۽ هو شايد پنهنجي ان راءِ جي اظهار ۾ ڪجهه صحيح به هئا. ڀلا هڪ نوجوان شاگرد کي جنهن تازو ڊگري به ورتي هجي، آمريڪا جي ويزا ملي ته ڪيس ٿيو ڇا ڪبي، ويزا به ان سڳوري ملڪ جي، جتي جي ويزا لڳل پاسپورٽ جي قيمت ٿي هزارين رپيا ٿي ويندي آهي. پاڻ اسلم، ظفر، نورن، رزاق، فاخره ۽ آنٽي سميت سڀني ان ڳالهه جو اظهار مختلف ردِ عمل سان ٿي ڪيو. ڪٿي خوشي هئي، ڪٿي ڏک ۽ ڪٿي حسرتون. ٻي طرف آئون هئس، جنهن کي آمريڪا گهمڻ جي خوشيءَ سان گڏ سنگت سات جي ڏياريل ڊپن جو احساس به ذهن ۾ چنبڙيل هو ته الائجي آمريڪا ۾ داخل ٿيڻ به ڏيندا يا ايئرپورٽ تان ئي ٽپڙ ٻڌائيندا ۽ سانا جي ٽيهن هزارن جي ٽڪيٽ تيل ڪرائي، ٻن ڏينهن ڪانپوءِ وري اُنهن موڪلائيندڙن جي وچ ۾ منهن ڦلڙو ڪيو ويٺو هوندس. بهرحال هڪڙو ڏي هو ته ۸۷ع ۾ به هيٿرو ايئرپورٽ (انگلنڊ) جي اميگريشن وارن کي مات ڏئي چڪو هئس. پر سائين هن ڀيري اڳيان انگلنڊ نه پر آمريڪا هو. ٽين دنيا جي اڪثر ملڪن جو سياسي ۽ اقتصادي آقا. انساني آزادين جو وڏي ۾ وڏو علمبردار به ته ساڳي وقت ٿيو. پهلوي، مارڪوس، ضيا ۽ ارشاد جهڙن انسان دشمنن جو دل گهريو باس به.

هاڻي ڪٽڻ اسانجا پاڳ. مون کي هلڪو هلڪو ٽيمپريچر محسوس ٿي رهيو هو. سو جلدي جلدي سڀني کان موڪلائي اندر داخل ٿياسين. ظفر ٽوڙ نيايو ۽ پنهنجي ورديءَ جو فائدو وٺندي جهاز ڏانهن ڪٺي ويندڙ وين تائين ڇڏي آيو. وهن ۾ ٽيهارو کن پيسينجر هونداسين — پر واري سيٽ تي وينل هڪ همراهه غور سان اسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏانھن نھارڻ لڳو. موٽ ۾ مون به مسڪراهٽ ڏني ماڻس ته منھن ڦيرائي شيشي مان ايئرپورٽ تي چمڪندڙ روشنين کي ڏسڻ لڳو.

جھاز ۾ چڙهي پنھنجون سيٽون اچي سنڀاليوسين. اسان دريءَ واري پاسي ويٺي ۽ آئون وچ ۾. پر واري سيٽ اڃان خالي هئي. مون سامان مٿي خاني ۾ رکي جھاز جو مڪمل جائزو وٺڻ شروع ڪيو. در تي آجيان ڪندڙ ايئرهوسٽس ته مھانڀاءَ جي چڱي هئي پر ويھڻ کان پوءِ جيڪا ٻي اسان جي پٺيءَ ۾ آئي هئي، تنھن کان ته مھانڀاءَ نوڙي اخلاق ۾ فلائيٽ اسٽيوارڊ چڱو هو، جنھن متعلق اڳتي هلي خبر پئي ته مزاحيه فنڪار مقصود مغل جو ڀاءُ هو. جھاز کي ٽيڪ آف ڪئي اڃان ١٠ منٽ گذريا هوندا ته مسڪرائيندو همراهه، جنھن بس ۾ مون ڏانھن چتائي پئي نھاريو سو پر واري سيٽ تي اچي ويٺو ۽ هٿ ملائي تعارف ڪرايائين. ”منھنجو نالو سيف الله ڀاٽولي آهي، آئون فلائيٽ انجنيئر آهيان.“ خوشي ٿيم ته هڪڙو سنڌي اهڙي چڱي پوسٽ تي آهي، سو حال احوال شروع ڪياسين. حيدرآباد جو ذڪر آيو ته آلين اکين سان چيائين، ”منھنجي ننڍي ڀاءُ حفيظ الله ڀاٽولي کي ڪجھه ڏينھن اڳ دهشتگردن شھيد ڪري ڇڏيو.“ پوءِ ته بقول فيض،

”بڑا ہے درد کا رشتہ یہ دل غریب سہی“

وانگر سنڌي قوم جي گڏيل درد جي حوالي سان سيف الله سان فلائيٽ جي مختصر وقت ۾ ئي روح جا انيڪ ڏاڳا ڳنڍجي ويا. همراهه طبيعت جو لڳو به کرو ٿي، ڳالھه ٻولھه ۾ ور وڪڙ گھٽ هئس. ايمسٽرڊيم ايئر پورٽ اچڻ کان ڪجھه دير اڳ ۾ مون کي ڪاڪ پٽ گھمائڻ وٺي ويو. اندر ٻه پائلٽ جھاز اڏائڻ ۾ مصروف هئا. اتي مختصراً مشينري جي واقفيت ڏئي پوءِ مٿين منزل تي ٺھيل هڪ ننڍو مسافرن جو ڪمرو ڏيکاريائين، جنھن کي پي آءِ اي وارن ٺھڻي ڪلاس جو نالو ڏنو آهي. منھنجو بخار هاڻ ڪجھه وڌڻ شروع ٿي ويو هو، سو سيف الله مون کي فرسٽ ڪلاس ۾ ويٺل ڊاڪٽر عالماڻي ڏانھن وٺي ويو، جنھن سيپٽران کائڻ لاءِ چيو. ڊاڪٽر

صاحب پنهنجي مسز سان گڏ آمريڪا وڃي رهيو هو. جهاز هالينڊ جي شهر ايمسٽرڊيم ۾ اڌ ڪلاڪ ڪان وڌيڪ ترسيو. ان دوران اچڻ ڪڇڻ ۾ ڪيترن ئي خوبصورت ڇوڪرين ۽ هڪڙو قداور مرد چڙهيا. اسان انهن کي ڏسي مون کي ڪن ۾ چيو، ”هي سڀ جهڙا ڏٺل هجن. انگريزي فلمن جا اداڪار ته ڪونهن؟“ آئون اڃان جواب سوچيان تيسين اهي سڀ اداڪار لوائيلٽن مان ڪڇري جا وڏا ٿيلها کڻي تي ڪٿي ٻاهر نڪتا. چئبو ته اهي سيئي سريلا جوان ۽ جوانڙيون ايئرپورٽ تي ڪم ڪندڙ پنگي هئا. هاڻ جي ڊچ قوم جا پنگي ئي اهڙا آهن ته پوءِ مس هالينڊ ۽ مسٽر هالينڊ ته الاهجي ڪهڙا هوندا. سيف الله اسان ڪان ايمسٽرڊيم تي موڪلايو، پر ويندي ويندي به مونکي منرل واٽر جون ٻه بوتلون ۽ ڇهه ڊسپوزيبل گلاس ڏيئي سان گڏ جهاز جي عملي کي اها هدايت به ڪري ويو ته جي هن جي طبيعت گهڻي خراب ٿئي ته ڪيس پيرس ۾ گرائونڊ ڊاڪٽر کي ڏيکارجو.

ڪلاڪ ٻن ڪان پوءِ پيرس جي ايئرپورٽ تي لٿاسين. اسين ٻئي ٽرانزٽ ڪارڊ وٺي ايئرپورٽ اندر آياسين. هاڻ مسئلو هو ڊاڪٽر ڳولڻ جو، سو هڪڙي سهڻي هوسٽس ڪان ڏکي ڏکي ان بابت پڇيم ته سنڌس وات مان انگريزي بدران پشتو وانگر نڪرندڙ جهٽڪيدار فرينچ هٽي منجهائي وڌو. اڃان اسان هڪٻئي جي منهن ۾ پئي نهاريو، تيسين هڪڙي ٻي ڇوڪري اٽڪندڙ انگريزي ۾ ٻڌايو ته پي آءِ اي جو ڪائونٽر هينئر بند آهي، ڪلاڪ ڪان پوءِ کلندو، سو مجبورن واپس ورڻو پيو. پر ان ڳولا جو اهو فائدو سو ٿيو جو پيرس ايئرپورٽ کي اندران چڱيءَ طرح ڏسي سگهياسين ۽ اسان به ايسڪيليٽرس تي پير رکي هلڻ سکي ورتو. پوءِ جيتوڻيڪ ان ڪوشش ۾ ٿورو ٿابو به کاڌائين پر هڪدم سنڀالي وٺي. واپس جهاز ۾ آيس ته پر واري سيٽ پرجي چڪي هئي ۽ هڪڙي ڪاري ڪيٽ شيدياڻي همسفر بڻجي چڪي هئي، يڪدم خيال آيو ته ٨٧ع ۾ ڪراچي ڪان لنڊن ويندي به ڪا شيدياڻي ئي ساٿي

ٻڌي هئي. سو آخر منهنجو بخت ايترو ٻالا ڇو آهي؟ پر بهرحال هڪ سٺي مومن وانگر ٻي ڪا واهه نه ڏسي دل ۾ شوڪارو ڀريم ته ان ۾ به ضرور قدرت جي چڱائي هوندي.

جهاز اڏامڻ ته خبر پئي ته جهاز ۾ ٻن فرينچ ايئر هوسٽس جو به واڌارو ٿي چڪو هو، جن کي پي آءِ اي جي ساڳي وردي ڏاڍي نهي پئي. پاڙيسرياڻيءَ سان واقفيت ٿي. اٽڪل ويهارو ڪن سالن جي هوندي. سندس نالو ڊروٿي هو. فرينچ انڊيز جي رهاڪو هئي، ٿنهنڪري انگريزي ۾ جهلي پئي هئي، پر ته به ”واٽ مني ڪياماڙي گو؟“ واري ٻولي ۾ ٻڌايائين ته سندس خيال ايئرهوسٽس ٿيڻ جو آهي. دل ۾ آيم ته چوانس ته مائي سڳوري جهڙو منهن مهانڊو اٿئي ان سارو رڳو پي آءِ اي ۾ ڪجهي سگهين ٿين. نو جهڙيون سو ڪڙيون اتي ٿي هلنديون آهن. باقي يورپ جي جهازن تان آسرو لاهي ڇڏ. پر چوندا آهن ته ڏاڍن جي ڪاوڙ هونئن به تکي گهڻي سو ماٺ ڪيو ويٺو هئس. ٿورڙي دير کان پوءِ فرينچ ايئر هوسٽس سڀني مسافرن ۾ ڪٽمتڙا ورهائڻ لڳي. مون کي به آڇيائين پر مونکي نيز هلندڙ اي سي (A.C) ٿپائي ماريو هو، سو چيومانس، ”ڪٽمتڙ آيا نو ڪي، منهنجو رڳو هڪڙي ڪمبل جو سوال آهي.“ مسڪرائي موٽي وئي ۽ پوءِ نيويارڪ تائين سري به رڳو اهسا مسڪراهٽ باقي ڪمبل آخر تائين نه مليو.

اسان جي سيٽ جي پويان هڪ بزرگ آمريڪي جوڙو هڪ نوجوان ايراني ويٺل هئا. ايراني يار جي انگريزي ڏاڍي پلي هئي، سو ڪم کي ڪنيو ويٺو هو. آمريڪن پوڙهي جي ڪلن ڪو ڪريا هجن. همراهه به نوان نوان چرچا ٻڌائڻ سان گڏ هنن کي خوش ڪرڻ لاءِ ايشين ملڪن ۽ انهي جي عوام خلاف نيون نيون ٽوڪون پي ايجاد ڪيون. مونکي سمجهه ۾ نه آيو ته هن سهڻ ايراني کي وڌو گوشت آخر ايترو ڇو ٿي وڻيو.

آمريڪا

اسان وارو جمبو جيٽ هاڻي آمريڪا جي فضائي حدن ۾ داخل ٿي چڪو هو. مون مُڙني انهن چهرن ڏانهن ڏٺو، جن لاءِ شڪ هئم ته اهي هتي گم ٿي وڃڻ لاءِ آيا هئا. سندن چهرن تي هڪ چٽي اڻتڻ نظر اچي رهي هئي. اڄڪلهه شام جو 6 بجي ڌاري نيويارڪ جي جان ايف ڪينيڊي ايئرپورٽ تي لٿاسين. هاڻ اهم ترين مسئلو هو اميگريشن مان پار پوڻ. وڏي لائين لڳل هجي، جتي ويٺي ويٺي منهنجي نراڙ تي پگهر جون ڦڙيون ظاهر ٿيڻ لڳيون هيون. سامهون چار بوٿ ٺهيل هئا؛ جيڪو خالي ٿي ٿيو اتي نمبر مطابق وڃڻو ٿي پيو. واپس موٽائڻ جو ڪٿڪو ايترو ته شديد ٿي ويو، جو ان مان ڌيان هٽائڻ لاءِ انگريزي فلم 'مڊنائيٽ ايڪسپريس' جي ڪهاڻي ذهن ۾ ورجائڻ لڳس ته ڪيئن نه فلم جو هيرو پيٽ تي چرس ٻڌل هئڻ جي باوجود پُراعتماد هو. آئون ته سڪتو پريشان پيو ٿيان. بهرحال وارو آيو ۽ هڪڙي ڪلڪي ماڻي بنان ڪنهن پڇا ڳاڇا جي پاسپورٽ تي ڇهن مهينن جو ٺپو هڻي ڇڏيو. ڪسٽم ڏانهن وڌياسين ته رڳو پڇيائون ته Any thing to declare جواب ۾ No. Nothing ٻڌي بيزڙڪ اڳتي وڌڻ ڏنائون. سڀ اندازا غلط ٿي چڪا هئا. اڄ جي دور ۾ ڪنهن مغربي ايئرپورٽ تي پاڪستانيءَ جو سامان چيڪ نه ٿيڻ هڪ معجزو آهي، ان ڪري ٿي مون ته اسان کي بسڪيٽ کڻڻ کان به روڪي ڇڏيو هو، نه متان انهن جي به ليبارٽري ٽيسٽ نه ڪرائين. ٻاهر نڪري پي آءِ اي جي ڪائونٽر تي آياسين ۽ ٻڌايوسين ته اسان جي هتان کان ٽرانس ورلڊ ايئر لائنز ذريعي واشنگٽن ڏانهن، رات جو 8 واري فلائيٽ ۾ بڪنگ آهي. سامان وٺي انهن ني ٽيڪ هڻي ٻئي ٽرمينل جو ڏس ڏنائون. خبر پئي ته هتي وڏين وڏين ايئرلائينز جا پنهنجا ٽرمينل ٺهيل آهن. جهڙوڪ: ٽرانس ورلڊ، يونائيٽيڊ، پان آمريڪن، برٽش ايئرويز وغيره. لائونج مان ٻاهر نڪري بس ۾ چڙهي ٽرانس ورلڊ جي ٽرمينل تي آياسين،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پر هاڻ خبر نه پئي پئي ته ڪيڏانهن وڃجي. اسڪرين تي ڏٺم ته اسان واري فلائيٽ جو نمبر ته چيڪيو پئي پر ان جي آڏو رکيو 12 نمبر لکيل هو. مونکي واڳڙو ڏسي پرسان بيٺل همراهه ٻڌايو ته ٽرانس ورلڊ جي آمريڪا اندر پروازن لاءِ به ويهن ڪان مٿي گيٽ آهن. پوءِ ته ڊوڙي ڊوڙي 12 نمبر گيٽ تي لڳل لائين ۾ اچي بيٺاسين. ٽائيم پريو بيٺو هجي، پر پنهنجو ملڪ ته هو ڪونه جو سيٽني ڪي ڏکي اکيان وڃي ٻيهجي. سو جيسين نمبر آيو، تيسين فلائيٽ پرجي چڪي هئي ۽ اسان کي ساڍي 10 واري جهاز لاءِ ڪمپيوٽر سلپ ڏنائون. خير اهو به چڱو جو ڪلاڪ ڏيڍ کان پوءِ جهاز پيا هلن نه ته پاڻ واري حساب سان ته ڏينهن ٻه ترسڻو پئجي وڃي ها. پر هاڻ ٻيو مسئلو ياد آيو. واشنگٽن جي نيشنل ايئرپورٽ تي ڪو نه ڪو همراهه اسان کي رسيو ڪرڻ لاءِ اچڻو هو، سو آهو ته 8 واري جهاز ۾ نه ڏسي هليو ويندو. ان فڪر ۾ اچي ٽيليفون بوٿ وٽ بيٺس، پر ان لاءِ سڪا ٽي ڪتا. اوچتو ياد اچي ويم ته آمريڪا ۾ ڪليڪٽ ڪال به ڪري سگهبي آهي جنهن مطابق آپريٽر کي گهربل نمبر ٻڌائبو، آن نمبر تان هو پڇندو آهي ته فلاڻو ماڻهو اوهان سان ڳالهائڻ چاهي ٿو، پئسا اوهان ڀريندو؟ جي ٻريون همراه راضي ٿيو ته پوءِ ڳالهائي سگهجي ٿو. سون مون به آپريٽر کي SANA جي جنرل سيڪريٽري جاويد لغاري جو نمبر ڏئي ان سان ڳالهايو. جنهن چيو ته اوهان فڪر نه ڪريو بندوبست ٿي ويندو. هاڻ ٻي ڪٿڪا ٿي ويهي ٽرانس ورلڊ جي فلائيٽ جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. هاڻ جڏهن ڊڪ ڊوڙ مان واندڪائي ملي ته بک جو احساس به ڪَرُ موڙڻ لڳو. لائونج ۾ بلڪل سامهون فاسٽ فوڊ جو اسٽال هو، اتي وڃي قيمتون ڏٺم ته دل ڏسي ڪڇي وئي ۽ پاڻ کي ڏڍ ڏنم ته چاڻ جهاز آيو، ان ۾ ڪجهه نه ڪجهه ته ضرور کارائيندا. پر ڪجهه دير ۾ ڏي پرسان ويٺل ٻن همراهن جي ڳالهه ٻولهه مان اندازو ٿيو ته نيويارڪ کان واشنگٽن جي فلائيٽ ڪلاڪ سوا جي مس آهي، سو مري جهري وڃي چپس جي پليٽ ۽ ڪوڪ جا ٻه دٻا وٺي آيس. جهاز پنهنجي

پوري وقت تي آيو پر ان ۾ سوار ٿيڻ لاءِ نه. ڪنهن بس ۾ چڙهڻو پيو ۽ نه ئي ڪا ڌاڪڻ لڳي. لائونج جي گيٽ ٽپي اچان سوچيم ته ٻئي ئي نه ڪيڏانهن وڃون، تيستائين ائيرهوسٽس ڪي ڏسي احساس ٿيو ته جهاز جي اندر ئي ويٺل آهيون.

اٽڪل 30-11 ڌاري واشنگٽن جي نيشنل ايئرپورٽ تي لٿاسين، جيڪو ڊوميسٽڪ فلائيٽس لاءِ آهي. باقي انٽرنيشنل فلائيٽس لاءِ ڊلاس ايئرپورٽ آهي. اندر لائونج ۾ هڪ ٺندري قد جو صحتمند ڪلين شيو همراه اڳتي وڌي اچي مليو. "منهنجو نالو بدر شيخ آهي. اوهان جو سفر ڪيئن رهيو؟" ٻڌايوسينس ته اسان جو سامان گذريل فلائيٽ ۾ روانو ٿي چڪو هو. هن ٻڌان ڪنهن پريشاني جي آمريڪن اسٽائيل ۾ سنڌي ڳالهائيندي چيو، "ڊونٽ وري. مان ڏسي ٿو وٺان." پوءِ سنڌس اڳواڻي ۾ ٿورو ئي اڳتي وڌياسين ته ڪنڊ ۾ سامان جو ڍير لڳو پيو هو، جنهن ۾ اسان جون اٺ پيٽيون بيگون به هٽيڪيون رکيل هيون. مون کي هڪدم آمريڪا ۾ هئڻ جو احساس ٿيو ته سامان نه صرف پهتو پر رولنگ بيلٽ تان ڪنيو ويو ۽ بنا ڪنهن نظرداري جي محفوظ رکيو به هو. سامان کڻي ڊاڪٽر بدر جي گاڏي ۾ رکيوسين. مونکي لنڊن وارا ڪجهه قائدا قانون ياد هئا. سو سيٽ بيلٽ چڪي ٻڌم ۽ اسان کي به ان لاءِ چيم. گاڏي تيزيءَ سان ڊوڙڻ لڳي. هلڪو هلڪو ميوزڪ ٻڌندي هڪ ٻئي سان مڪمل تعارف ٿيو. همراهه هتي ريسرچ ڪندڙ ڊاڪٽر هو. پندرهن سالن کان مٿي عرصو آمريڪا ۾ ٿي ويو هئس. اصل لاڙڪاڻي جو ويٺل هو. ڪجهه دير کان پوءِ جيئن رات جا 12 وڳا ته ساڃهون ڪار ۾ لڳل ننڍڙي ڪلاڪ تاريخ تبديل ڪئي ۽ 10 مان 11 جولاءِ ٿي وئي. مون بدر صاحب جو ان ڏانهن ڌيان ڇڪايو ته هاڻ ته ٻارهين ٿيڻ گهرجي. چوائين، "اوهان شايد پاڪستان ۽ آمريڪا جو ٽائيم ڊفرنس وساري ڇڏيو آهي." هڪدم پنهنجي غلطي جو احساس ٿيم. اسين 10 جولاءِ تي رات جو 11 ڌاري ڪراچي ايئرپورٽ تان جهاز ۾ چڙهيل، لڳ ڀڳ 24 ڪلاڪ سفر ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ساڳي ڏينهن رات جو ساڍي ٻارهين وڳي واشنگٽن پهتا هئاسين. زندگي جا 24 ڪلاڪ جنهن کي چوريهه جاڳائي وڃو هجي. آمريڪا ۾ پير رکندي ئي اوپر جي هڪ غريب ماڻهو جي اها پهرين چوري هئي. رات هئڻ جي باوجود ٻاهر رستا روشن هئا. گاڏي انهن مٿان جڻ ترڪندي پئي وئي. اٽڪل منٽ ڪلاڪ ۾ پوٽامڪ نالي ننڍڙي شهر، جنهن جو نالو اتان وهندڙ درياءَ تي رکيل هو، جي هڪ خوبصورت گهر جي سامهون وڃي بيٺاسين، بيل وڄائي وئي. در پنجتيهه کن سالن جي هڪ خوبصورت، ۽ پروقار عورت کوليو. اسان کي، کيس ٻي ٽيمو جاڳائڻ جو احساس هو، ان ڪري سرد مهري جي توقع هئي. پر ادي رضيه جنهن خلوص ۽ ٽپيڪل سنڌي اسٽائيل ۾ آڌرڀاءُ ڪيو، ان ڪجهه گهڙين لاءِ اهو وساري ڇڏيو ته ڪو آمريڪا ۾ آهيون. فورن ئي بيڊروم اسان جي حوالي ڪيا ويا ۽ ڪير، آمليٽ ۽ ايپل جوس آڻي سامهون رکيا ويا. هي گهر علي نواز ميمڻ جو هو، جيڪو ورلڊ بينڪ ۾ سروس ڪندو هو. اسان کي هتي هڪ ڏينهن رهڻو هو. ٻئي ڏينهن کان اسان جي بڪنگ گيدرس برگ جي هاليڊي ان هوٽل ۾ ٿيل هئي. بدر شيخ اسانکان موڪلائي گهر روانو ٿيو.

اسان کي ٻه ٽي ڪو ٽيهن ڪلاڪن جو ٿڪ هو، سو جيئن لٽ ڪوڙي ستس ته ٻي ڏينهن 12 بجي اک کلي. شاور وٺي ٻاڻ کي فريش ڪري آمليٽ ۽ ايپل جوس سان ناشتو ٻي ڪيم ته هڪڙو ڏکيڙو ٿلهن نقشن، ننڍڙي ڏاڙهي ۽ ڪيڊٽ ڪٽ وارن وارو ڇوڪرو آيو ۽ انتهائي مخرج سان اسلام عليڪم چيائين. خبر پئي ته اهو ادي رضيه جو تبليغي فرزند ارجمند ڪامران هو. ٻاڻ صحافت پڙهيو ٻي ۽ ان سان گڏ ڪنهن رسالي ۾ ڪم به ڪندو هو. ٻڌايائين ته کيس مسلم صحافت اختيار ڪرڻ جو شوق آهي. پڇيو مانس، ”اها مسلم صحافت وري ڪهڙي بلا آهي؟“ جواب مليو. ”اٿون دنيا جي آڌو افغان، ڪشميري ۽ فلسطيني مسلمانن جو ڪيس پيش ڪرڻ گهران ٿو ۽ ها ان کان سواءِ مرتد سلمان رشدي خلاف قلم

جو جهاد ڪرڻ بہ پنھنجو فرض ٿو سمجهان."

مسٽر ڪامران جيڪو هڪ پڪو پختو مسلمان هـو، سو بدقسمتيءَ سان ساڳي وقت هڪ سنڌي بہ هو پر ڪيس اهو احساس ئي ڪونہ هو تہ مشرق وسطيٰ، ڪشمير ۽ ڪابل ڪانسواءِ ڪراچي کان ڪشمور جي وچ ۾ بہ ڪي ڪروڙ کن اهڙا ماڻهو رهن ٿا، جن کي نهايت چالاڪي سان پنھنجي ڌرتي تي جلاوطن بنايو پيو وڃي، جن جي ميزباني کي مهمانن ئي چيلينج ڪري ڇڏيو آهي. پر ڪامران جو بہ تہ ڏوهہ ناهي. پهرين تہ اها جانچ ڪرڻي پوندي تہ سنڌي مسلمان آهن بہ يا نہ؟ پلا جي مسلمان هجن ها تہ مجيب الرحمان شامي، نذير ناجي، ۽ عبدالقادر حسن پاران جنگ ۽ نواءِ وقت جي مسلم صحافت جا علمبردار انهن کي راجا ڏاهر جو ڪافر اولاد ڇو سڏين ها. يا پوءِ حيدرآباد جي پڪي قلعي جي مسجدن جا مومن ملان اهي اعلان ڇو ڪن ها تہ "ڪافر سنڌيون ڪو مارنا جهاد هـي."

اڃا انهن سوچن ۾ ٻڏل هئس تہ ڪامران جي پيڻ ريشمان هڪ پنجابي ڇوڪري سان گڏ آئي، جيڪو شايد سندس مگيندو هو. اسان ڪجهہ دير ڊرائنگ روم ۾ وڃي ويٺاسين، تيسين بدر شيخ سندس گهر واري ۽ ادي رضيہ جي ڪينيڊا کان آيل نڻان ادي نجمہ بہ اچي پهتا. انهن سيني جي چوڻ تي جڏهن قومي نغمن جي ڪيسٽ جو ڪٽي ڊيڪ ۾ لڳايم تہ سڄي محفل بحث مباحثي کي ڇڏي رقص ۾ جنبي وئي. مونکي بہ زوري ڪٽي اٿارياڻون. جهمر اڃا جاري هئي تہ ادي رضيہ ٻڌايو تہ تنهنجو فون آهي. يڪدم خيال آيو تہ مسعود نوراني صاحب هوندو، چاڪاڻ تہ ان لاءِ ٽيليفون ميسيج ريڪارڊ ڪرايو هئم. پر رسيور کنيم تہ ٻي طرف کان مختلف لهجي ۾ آواز گونجيو، "اياز لطيف پليجو؟"

"جي ڳالهايان پيو." چيم. آواز آيو."پهرين لطيف سائين جو اهو بيت ٻڌائي جيڪو بنوري واري هاري ڪانفرنس ۾ ٻڌايو هئي."
ڪن پل لاءِ مان ٿي ويس پوءِ ابهرائي سان چيم، "ڊاڪٽر فيروز

صاحب!“ ”بلڪل صحيح“ هلڪي ٽهڪ سان جواب مليو.

ڊاڪٽر فيروز سان اهــا ڳالهه ٻولهه چوڏهن سالن ڪان پوءِ پئي ٿــي. بابا سان ٻه ڊاڪٽر جي ملاقات ڪافي عرصي ڪان پوءِ گڏيل سال سينٽ لوئس ۾ ٿــي هئي جنهن جو احوال اقبال جتوئي جــي هلال پاڪستان اخبار ۾ شايع ٿيل خط ۾ ڏنل هو. ڊاڪٽر صاحب انهي ڏينهن رات جو سندس گهر ڊنر ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏني جيڪا بنا ڪنهن هٻڪ جي هڪدم قبول ڪيم. ڪجهه دير ڪان پوءِ اسان ان هوٽل ۾ شفٽ ٿي وياسين جتي سانا جي ڇهين سالياني ڪانفرنس ٿيڻي هئي. اهــا هوٽل گيدرس برگ نالي شهر ۾ هئــي جيڪو ميري لينڊ رياست ۾ آهي. هن علائقي ۾ آمريڪا جون ٽي رياستون ورجينيا، واشنگٽن ۽ ميري لينڊ اهڙي ريت گنڊيل آهن جو خبر ئي ڪانه ٿي پوي ته ڪهڙي مهل ڪهڙي رياست مان نڪري ڪنهن ۾ گهڙياسين. هاليڊي ان جي بلڊنگ شايد ٨ منزلہ هئي. اسان کي پنجين منزل تــي ڪمرو مليو. ڪائونٽر نان چابي بدران هڪ پلاسٽڪ جو ٻه انچ ويڪرو ڪارڊ ڏنائون جنهن تي ڇهه ست ننڍا تنگ ٺهيل هئا. لفٽ ذريعي جنهن کي آمريڪا ۾ ايليويٽر چــون، پنهنجي فلور تــي پهچي در کولي وسين تــہ مزو اچي ويو. سامهون شيشي جي فريم مان گيدرس برگ شهر جو انتهائي خوبصورت منظر اکين آڏو هو. هلڪو مينهن وسيو پــي ۽ پسيل رستي تــان سوين گاڏين جــي قطار انتهائي ترتيب سان هلي رهــي هئي. ٻريان ڪا ننڍڙي ندي يا ڍنڍ هئي. آئون منهن وغيره ڌوئي بوٽ لاهي ويهائي کي ٽيڪ ڏئي مس ويٺس ته سامهون ٽرالي مٿان رکيل ٽي وي ڏانهن ڌيان ويو. هڪدم اٿي بٽڻ آن ڪيم پر ڪا راند پئي هلي. مايوس ٿي بند ٿي ڪيم ته هڪدم ياد آيو ته هي پاڪستان ڪونهي جو پروگرام وڻي ته ڏسجي نہ ته ٽــي وي ڪٽي بند ڪجي. هتي تــہ پيا چينل ٻہ هوندا. سو هڪدم نمبر بدلايم ته خبرون پئي هليون. وري بدلايم ته ڪو ميوزڪ جو پروگرام هو. بس پوءِ تــہ هٿ بٽڻ کي ڦيرا ڏيندو ويــو ۽ منظر بدلجندا ويا. ڪيهن ڪان مٿي چينل تــہ مون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آزمايا ۽ ڪيبل پروگرام ان ڪانسواءِ. مطلب تہ چوويهہ ڪلاڪ کولہ ڪو پروگرام چالو. اسان پاري ماڻهو ڪي تہ رکو ٽي وي ڏئي ڪنهن ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏجي. تڏهن بہ هفتو ڪن تہ ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪئي نہ ڪجي. اٺون بہ هڪڙو چينل لڳائي ويهي رهيس. ڪا فلم هئي جنهنجو شروعاتي حصو هلي چڪو هو. وچ ۾ ڪمرشل دوران وري نالو ڏناءُون. ’اڪيوزڊ‘. هڪ ڇوڪريءَ جي ڪهاڻي جنهن سان هڪ پريل ڪلب ۾ ڏينهن ڏٺي جو سوين ماڻهن جي موجودگيءَ ۾ ريپ ڪيو ٿو وڃي. جوڊي فاسٽر ڇوڪريءَ جو ڪردار انتهائي شاندار نموني ادا ڪيو هو. خاص طور تي ڪورٽ ۾ وڪيل پاران آڏي پڇا دوران سندس اداڪاري تہ لاجواب آهي. وڪيل سوال ٿو ڪريس تہ ”جڏهن هنن توسان زبردستي ڪئي تہ تو رڙيون تہ ضرور ڪيون هونديون؟“

هوءَ چوي ٿي، ”نہ هنن منهنجو وات بند ڪري ڇڏيو هو.“

”پوءِ تو هٿ پير تہ هنيا هوندا؟“ وڪيل پڇي ٿو.

”نہ سمورن بدمعاشن سونکي جڪڙي ورتو هو.“

”پوءِ تنهنجي احتجاج ڪرڻ جو ڪو ثبوت؟“

ڇوڪريءَ جي اکين ۾ ڳوڙها ٻرجي ٿا اچن. پر امريڪن ڪورٽ آڏو رزسٽ ڪرڻ جو ذريعو فقط رڙيون يا ڇڙيون نہ آهن. وڪيل ثابت ٿو ڪري تہ واردات دوران ڇوڪريءَ جي ذهن ۾ انهن بدمعاشن خلاف جيڪا نفرت جي باهہ ڀڙڪي رهي هئي اها ڪاوڙ بذات خود ڇوڪريءَ جي احتجاج جو اٽمٽ ثبوت هئي.

ڪلاڪ ڊن ڪان پوءِ چانهہ جو ڪپ پي، ٽي وي بند ڪري روانا ٿياسون ۽ رات جو اٽڪل 8 بجي ٽيڪسيءَ ۾ رُلي رُلي نيٺ ڊاڪٽر فيروز جوڳهر وٽ پهتاسين. در تي ڊاڪٽر ۽ سندس گهر واري نادره پرجوش استقبال ڪيو. مهمانن مان رهيا ٿي وڃي اسين هئاسين. نہ تہ ٻيا سڀ اڳ ۾ ئي اچي چڪا هئا. ويٺلن ۾ حفيظ پيرزادو، شيخ عبدالمجيد جو فرزند انور شيخ، مٺل وقاصي، برطانيہ کان آيل خالد لغاري، الهوڏايو ٻٽي، علي نواز وفائي جو

فرزند آصف وڏاڻي ۽ سندس ميڪسيڪن زال شامل هئا، جن سان ڊاڪٽر فيروز انتهائي پنهنجائپ سان اسانجو تعارف ڪرايو. پوءِ ڪافي دير تائين پاڻ سيني کي هاري ڪميٽيءَ واري زماني جا دلچسپ احوال ٻڌائيندو رهيو. گڏوگڏ ماني به هلي پئي ۽ سياسي احوال به. سنڌ جي حالتن جو ذڪر ڪندي پيپلز پارٽي جي حڪومت جي حوالي سان حفيظ پيرزادي صاحب جي پيءُ محترم حسن شيخ چيو ته اسين راڄ به ڪيون پيا ۽ روئون به پيا. جنهن تان يتي صاحب چيو، "اهو سيڪجهه تعليم نه هئڻ ڪري آهي. اسانجا جٽ رڳو نعرن پويان لڳي قومي فرض بدران فردن جا قرض پيا چڪائين."

ڳالهه ٻولهه هلي پئي، تيسين سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر عبدالله شاهه جو فون آيو ته هو واشنگٽن پهچي چڪو آهي ۽ سفارتخاني جي هڪ عملدار اشفاق ميمڻ وٽ ترسيل آهي. گفتگو هڪ دفعو وري پاڪستان جي سياسي صورتحال ۽ سنڌين جي اڻچاڻائي تان گهمندي ڦرندي اچي بيٺي ته سنڌي نوجوان ٻئي ملڪ ته ٺهيو پر هڪ شهر مان ٻي شهر به نٿا وڃن. "پر سائين ان ۾ ڪجهه ڏوهه ته اسانجي ٻاهر موجود سنڌين جو به آهي جيڪي ٻين کي ٻاهر نڪرڻ لاءِ همٿائين نٿا." مون ڳالهه اڏ ۾ ڪٽيندي چيو. انورصاحب جيڪو هڪ ڪامياب وڪيل به آهي ان فورن ورائيو، "همٿائڻ لاءِ اسين سڀ تيار آهيون پر بهرحال شروعات ۾ سخت جدوجهد ته ڪرڻي پوندي نه." مون چيو، "برابر، پر ان لاءِ اوهان ڪين گائيڊ ته ڪريو نه."

"مهاجرن ۽ پنجابين کي ڪير ٿو گائيڊ ڪري جيڪي هر مهيني سون جي تعداد ۾ ڪنهن نه ڪنهن نموني ويزا وٺيو پهچيو وڃن ۽ پوءِ پاسپورٽ وڃايل ظاهر ڪري ٻه ٽي هزار ڊالر وڪيل کي ڏيو سال ٻن ۾ گرين ڪارڊ هٿ ڪريو وٺن." انور صاحب ورائيو. "پر ايترا پئسا ڪٿان اچن؟" مون چيو.

"ڇو؟ هتي ته محنت جو ملهه آهي." يتي صاحب چيو،

”هڪڙي ڪلاڪ ڪم ڪرڻ جا ڳهٽ ۾ ڳهٽ ٻه پونا چار ڊالر ملن ٿا. ماڻهو سخت جان ٻنجي شروعات ۾ ٻارنهن ڪلاڪ روز ڪم ڪري ته مهيني جا هزار ڪن ڊالر ڪيڏانهن به ڪونه ويا آهن.“

اهو حال احوال ڪندي رات جا 12 ڪن ٿي ويا. ميزبان ۽ ٻين مهمانن کان موڪلائي واپس هوٽل پهتاسين. رات جو سمهڻ کان اڳ ڪجهه دير نائين سنڌ جي شيدين متعلق لکيل ڊاڪٽر فيروز جو مضمون پڙهندو رهيس. اهو مضمون جنهن ۾ هن هوشوءَ کي زبردست خراج پيش ڪيو هو. هاورڊ يونيورسٽي جي ميگزين ۾ شايع ٿيل هو. ٻئي ڏينهن صبح سان برطانوي سفارت خاني تي حاضري هئي. ڪراچي مان ٽڙ ٽڪڙ ۾ نڪرندي يو.ڪي جو ويزا ڪونه ورتو هوسين ۽ هتان لنڊن ياد ٻـ ڏاڍو پئي آيو، سو هتي قسمت آزمائڻ جو فيصلو ڪيوسين. ماس ايوينيوتي برطانوي سفارت خاني جي ڪائونٽر تي هڪ ملوڪ مائي ويٺي هئي، جنهن پهرين ته ٽڪڙ ۾ منهنجي تصوير اسان جي فارم تي لڳائي ڇڏي ۽ پوءِ ان تي گهريلو خاتون لکيل ڏسي، منهنجي منهن ۾ نهارڻ لڳي ته هي ڏاڙهي مڇن سان ڇوڪرو خاتون ڪيئن بڻيو آهي. پر هي ملڪ به آمريڪا هو، جتي سڀڪجهه ممڪن آهي. هتي ايمرنگ پيل وڏن وارن ۽ لپ اسٽڪ لڳل چپن وارا ڇوڪرا به نظر ايندا ته ڪرخت چهرن ۽ تازي ڪوڙيل چلڪندڙ گنجن متن واريون ڇوڪريون به . سو مائي ٿورو سوچڻ لڳي. پر پوءِ غلطي محسوس ڪري وري فارم درست ڪيائين.

هاڻ مسئلو اهو هو ته اسان واري واپسي جي ٽڪيٽ تي نيويارڪ کان لنڊن جي ڪنفرميشن ته هئي ڪانه، سو مائي کي به ٻهانو مليو ۽ چيائين، ته سيٽ ڪنفرم ڪرائي پوءِ اچو. وقتي طور تي مايوس ٿي وياسين. بلڊنگ سان ٻاهر اچون ته ادي رضيه واري گاڏي به نه هئي. مجبورن سفارت خاني جي سامهون روڊ جي ٻئي طرف ساوڪ سان پريل ميدان تي پلٿي هڻي ويهي انتظار ڪرڻ لڳاسين. روڊ تان قسمين قسمين گاڏيون متي رهيون هيون. سيني جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شيشا بند هئا. شايد ايئرڪنڊيشنڊ هلندا هوندا. اسان سمجهيو هو ته هيڊانهن آمريڪا ۾ ڪا ٿڌ هوندي. پر جولاءِ ۾ هتي به چڱي گرمي ٿي ٿئي. مونکي هاڻ ٿوري ٿوري بک لڳڻ شروع ٿي هئي، پر اسان جيڪا هميشه اهڙن موقعن لاءِ ڪانهه ڪا سوڪڙي سنڀاليو ويندي هوندي آهي تنهن فورن دال سيون جي پڙي ٿيلهي مان ڪڍي ڪئي ٻاهر رکي. آئون هاڻ اهڙي بي خيالي سان وات هلائي رهيو هئس ڄڻ جنگشاهي جي بس ٿي نه يا حيدرآباد ۾ نسيم ڊيلڪس واري ڇپر تي مقصود، زيب، شهاب ۽ طفيل سان گڏ ڪجهه کائي رهيو هجان. ڪجهه دير گذري ته هڪ اڏڙوٽ جوڙو جاگنگ سوٽ ۾ ڊوڙندو پرسان لنگهي ويو. اسان چوڻ لڳي، ”هي مئا اهڙي گرمي ۾ به پيا ورزشون ڪن.“ هنن ٻنهي کي گنجي ۽ چڊي پيل هئي ۽ ڪنن تي واڪ مين جا هيڊ فون لڳل هئا. سندن رفتار تيز هئي، تنهنڪري منٽ اڌ ۾ ئي پريان غائب ٿي ويا. ڪلاڪ ڪن ڪانپوءِ نيٺ گاڏي پهتي ۽ سڌو هوٽل اچي پيٽ پوڄا ڪيم. هاڻ آهستي آهستي ڪانفرنس جا مهمان اچڻ شروع ٿي ويا هئا. ڪمرن جي بڪنگ اڳ ۾ ئي ٿيل هئي. انٽاريو ڪينيڊا کان خالد هاشماڻي ۽ اسرار انصاري پهچي چڪا هئا. وينا شرنگي ۽ هدايت بلوچ به پهچڻ وارا هئا. سڀ کان پهرين ڊاڪٽر جاويد لغاري ۽ سندس گهرواري سان ملاقات ٿي. جاويد صاحب سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا جو جنرل سيڪريٽري هو. سندس ئي عزيز اقبال ميمڻ ٽڪيٽن جي بڪنگ جي سلسلي ۾ اسانجي ڪافي رهنمائي ڪئي هئي. هيٺ هال ۾ تعارفي تقريب شروع ٿي چڪي هئي. هر ڪنهن پنهنجو نالو ڏنڌو ۽ سنڌ ۾ اباڻي ڳوٺ جو نالو ٻڌايو. منهنجي پرسان ويٺل نوجوان اٿيو. ”نالو فلاڻو، ڌنڌو شاگرد، اصل ٺٽيارين جو.“ ٻوئين لاڻين مان هڪ سوٽيڊ بوٽيڊ ڪلين شيو همراهه اٿيو. ”نالو فلاڻو، ڌنڌو وڪالت، ويٺل ٺٽياري.“ هڪ ٻئي ٻويان ٺٽيارين جا ٽوالا اهندا ويا. اوچتو هڪ سوريس شخص اٿيو. ”نالو خالد، بناءِ پروفيشن ڊاڪٽر ۽ خدا جو قسم ته آئون ٺٽيارين جو ڪونه آهيان.“ چوڏاري ٺهڪ

گونجڻ لڳا ۽ مٺيارين جا سمورا رهواسي شڪي ٿي هڪٻئي ڏانهن ڏسڻ لڳا.

مونکي ڪجهہ فون ڪرڻا هئا، سو ڪائونٽر تي اچي سڀ ڪان پهرين ’آئـوا‘ ۾ عمر ملاح کـي ڪال ڪيم. فـون پاڻ ئي کنيائين ۽ منهنجي واتان ”ڀاءُ عمر ڪهڙا حال آهن.“ جا لفظ ٻڌي واڇڙو ٿي ويو. پوءِ منهنجو نالو ٻڌڻ شرط انٽرويو شروع ٿـي ويو. ”ڪڏهن پهتين؟ گهڻا ڏينهن آهين؟ مون ڏانهن ڪڏهن ٿو اچين؟ ڊاڪٽر اسلم ڪيئن آهي؟“ بهرحال هر منٽ تي خرچ ٿيندڙ ڊالرن جي ڪري مختصر جواب ڏئي موڪلايو مانس. تيسين اوچتو ڪنهن ڪلهي تي اچي هٿ رکيو. ”اوهان اياز لطيف آهيو؟“

”جي ها!“ مون وراڻيو.

”آئون نند ڪمار لکوائي آهيان ڪجهہ ياد آيو؟“

”نند ڪمار! همايون! سائي گڏنس! اڙي يـار تـون هتي!“

منهنجي وات مان هڪٻئي پويان سوال رڙين جيان نڪرندا ويا.

همايون منهنجي ننڍپڻ جـو يـار. منهنجو ۽ غفران جـو حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن وارو سائـي. ٻارڙن جـي پاري جو مشهور ڪمپيئر، منهنجي اکيان ٻيٺو هو. بس پوءِ تـہ هڪدم اکيتي وڌي ياڪر ڏي پاتو مانس، پر هڪدم خيال آيم تہ هي گاڏي کاتي جو حيدر چوڪ ڪونهي، آمريڪا جي هاليڊي ان آهي. هتي جي مرد مرد کي ياڪر پائي تہ چوڪرين جي پيچ تـي چڻ ڪـڙ پير رکي چڏيو.

هڪدم مٿـي سندس ڪمري ۾ هلي ويهڻ جـو فيصلو ڪيوسين. ڪئي سال گذري چڪا هئا، تـڏهن بـہ جيئن جيئن هڪٻئي سان احوال ڪندا وياسين، تيئن تيئن ننڍڙا ننڍڙا معمولي ۽ ياد تہ رکڻ جهڙا واقعا بہ ذهن جي اسٽور مان هڪ هڪ ٿي نڪرندا آيا. هڪ ٻي کي گڏيل مصيبتن ۽ مزن جون يادگيريون ڏيارڻ لڳاسين. ”ننڍو ياد اٿئي هڪ ڏينهن هڪ قسط وار ڊرامي ۾ مونکي ڊهڪ ڏيڻا هئا پر نہ ڏئي سگهيو هئس.“ مون پڇيو مانس.

”ها. پوءِ مون، ادي سڪينہ ۽ ادا سرور بلوچ ٿو کي سائيڪ

آڏو ڪتڪتوڙي ڪري ڪلايو هو."

"۽ هو ڪوٽڙي ۾ درياءَ شاهه جي ڪناري ڊنگيءَ منجهه دريا جي شوٽنگ. هارون رند ۽ علي بابا جا ليڪچر ۽ پنهنجون شرارتون."

سڀڪجهه ته ياد هو. هڪ هڪ اداڪار، پروڊيوسر رائيٽر، ريهرسلون، ريڪارڊنگس سڀڪجهه.

"پلا پڙهائي ڪتي پهتي؟" مون پڇيو.

"بيچلر آف سول انجنيئرنگ سان گڏ ايل ايل بي به ڪئي اٿم ۽ تون؟"

"ڪمپيوٽر انجنيئر آهيان، هتي ايرو سپرو بزنس اٿم." ننڍو بيٺو جو ٿن ڪولي گجيءَ سان پريل گلاس مون ڏانهن وڌائيندي ڳالهه جاري رکي، "گرين ڪارڊ وٺڻ لاءِ شادي به ڪرڻي پئي. سياست ۾ به عمل دخل آهي. ريپبلڪن پارٽيءَ جو سرگرم ڪارڪن آهيان."

پڇيو مانس، "پلا زندگي جو مزو اچي ٿو؟"

"جيڪڏهن سنڌ اهڙي ئي هجي ها جهڙي ٥٧ع يا ٦٧ع ۾ هئي ته پوءِ اهي ڏينهن ته ڏاڍا ٿا ياد اچن. پر جيڪا حالت اڄڪلهه آهي ان لحاظ کان هتي هزار دفعا بهتر آهيون."

همايون منهنجو دوست مسز زرينه ٽيومل جو لاڏلو ۽ شرارتي فرزند ڪيڏو نه پريڪٽيڪل ٿي چڪو هو. چيائين پي، "ڊيئر هتي عشق ۽ دوستي جو اهو ڪنسيپٽ نه آهي، جيڪو پاڻ وٽ هو. هتي محبوب ۽ محبوبائون به ڊسپوزيبل گلاسن وانگر بازار جي ڪموڊٽي آهن. جيستائون هليا ته هليا، ٽورڙو به اختلاف ٿيو نه معاملو ختم."

"تون به هوڏانهن اڃا ئي رهيو پيو آهين. هتي اچ ۽ زندگيءَ جا مزا وٺي ڏس." چيائين.

"پوءِ سنگتي ساٿي، مٽ مائٽ، ڌرتي ۽ اتي جي سياست؟" چيومانس.

”سنڌين جي سياست ۾ ڇا رکيو آهي، اصل سياست جو مزو ته هتي آهي، سال ٻن ۾ گرين ڪارڊ وٺ ۽ پنجن سالن کان پوءِ آمريڪن آئين ۽ انگلش جي ٽيسٽ ڏئي آمريڪن سٽيزن ٿي وڃ، بس پوءِ ويهي مزا ڏس.“ نندو چيو.

نندو جا خيال سمجهڻ ۽ بحث ڪرڻ جو ڪٿا هئا، پر SANA جو پينل ڊسڪشن شروع ٿيڻ وارو هو، سو هيٺ لهي حال ۾ آياسين. جتي ڊاڪٽر فيروز مادربٽر جي ذميداري ادا ڪري رهيو هو. جڏهن ته پينل ۾ انور شيخ، ڊاڪٽر وقاصي، منظور ميمڻ، مسز حسنه، شنڪر ڪلوائي، وهاب قاضي ۽ اقبال ترين شامل هئا. عنوان هو.

“The role of overseas Sindhis in the development of Sindh.”

اقبال ترين ڪراچي ٽيليويزن جو خوبرو اداڪار ۽ سنڌ جي ابتدائي شاگرد سياست جو هڪ اهم ڪردار اڄ به اوترو ئي ايڪٽو ۽ چست نظر اچي رهيو هو، پنهنجي تقرير ۾ چيائين:

”سنڌ ميدان جنگ آهي. اسين سنڌ ۾ انقلاب آڻي نٿا سگهون، ان لاءِ قصوروار آهيون، پر گهٽ ۾ گهٽ انهن جي دانهن ته ٻاهر پهچايون .... پناهگير جمهوريت مخالف آهن، اهي ڪڏهن به اسان جا سچا نٿا ٿي سگهن. انهن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ اسان کي دنيا جي ڪروڙين ماڻهن جي همدردين جي ضرورت آهي ۽ اهي تڏهن حاصل ٿينديون جڏهن اسين پاڻ کي عالمي سطح تي مڪمل طور تي مظلوم ۽ جمهوريت پسند ثابت ڪنداسين.“

ترين جيڪو هتي مساچوسٽس رياست ۾ ڪاروبار ڪري رهيو آهي ان جو موقف ڪافي ٺڪيل ۽ ٺوس لڳو. منهنجي سياسي ڊائري ’سارون سپنا آزادي‘ متعلق گذريل رات مونکي چيو هئائين ته هڪ ٻن ڳالهين متعلق وضاحت ضروري آهي. اوڏي مهل مون لنوائي ڇڏيو هو. پر سندس تقرير ٻڌي هاڻ فيصلو ڪيم ته وقت مليو ته سائس ضرور ڪچهري ڪبي.

منظور ميمڻ صاحب جيڪو هن ميٽنگ ۾ شرڪت لاءِ ٻري

ڪان آيو هو، تنهن مائيڪ تي اچي چيو، ”اوهان خوش ٿيندؤ ته منهنجو اهو سوٽ ڪيس وچائڻجي چڪو آهي جنهن ۾ ٽيهن صفحن جي تقرير رکيل هئي.“ اهو ٻڌي سڀني جي چپن تي مرڪ اچي وئي. هي همراهه ڪافي حقيقت پسند ٿي لڳو. چيائين، ”اسان سنڌين کي آئيڊيل ازم جو مريض نه ٿيڻ گهرجي. اهي جملا ته فتح اسان جو مقدر آهي ڇاڪاڻ ته سچ اسان سان گڏ آهي فقط ذهني عياشي آهن ڇاڪاڻ ته سچ ته فلسطينين سان به گڏ آهي پوءِ اهي ڇو شڪست جو شڪار آهن.“ ڪانٿس پوءِ همايون جو وڏو پاءُ شنڪر آيو ۽ اهڙي شرط شرارتي انداز ۾ چيائين، ”ڊاڪٽر منظور جي بيگ مون لڏي آهي سو اها طويل تقرير ٻڌڻ آئون ٿي ڪندس.“ ڪيس شڪايت هئي ته سنڌي يورپ ۽ آمريڪا ۾ ٻه هندو مسلم دائرن ۾ ورهايل آهن. هن انتهائي جذباتي انداز ۾ چيو، ”آئون انڊيا بيس سنڌي ناهيان، سنڌ بيس سنڌي آهيان.“

آخر ۾ بحث کي سميٽ ڪندي ڊاڪٽر فيروز ٻڌايو ته سانا جا بنيادي مقصد آهن سنڌ ۾ ڳوٺاڻي ترقي، صحت، تعليم ۽ اطلاعات جنهن لاءِ هو گهڻو ڪجهه ڪرڻ چاهين ٿا پر وسيلا گهٽ آهن، تنهن هوندي به هنن سنڌ لاءِ ٻه ايمبولينس موڪليون آهن ۽ هاڻي ٻيو ڪجهه پئسا گڏ ڪيا اٿون جيڪي هدايت بلوچ هٿان موڪليندا.

ڊسڪشن پورو ٿيڻ تي حال مان ٻاهر نڪتس ته لابي ۾ هلڪي ميوزڪ جو آواز پئي آيو. رسيپشن تان پڇا ڪرڻ تي ٻڌايائون ته گرائونڊ فلور جي هيٺان بار ۾ ڊسڪو ٿي رهيو آهي. لاڳيتو ويهڻ ڪري بت ونجي ويو هو پر لنڊن جي ايمپائر ڊسڪو ڪلب جا نشا اهڙا چڙهيل هئا جو هيٺ لهي آيس. ڊرم ڪنن جا پردا ڦاڙي رهيا هئا ۽ شيدي ڇوڪرين جي اڪثريت وچ جي ننڍڙي جيان فرش تي ٿرڪي رهي هئي. ڪل ۹ ڪن جوڙا هوندا جن ۾ گوريون فقط ٻه هيون. پر انهن ٻنهي مان جنهن کي اچي اسڪرٽ پيل هئي، سا ڄڻ ته جنت جي ڪا حور هئي جيڪا ٻنهي هيٺر

ڏڪڻ وٺي زمين تي لٿي هئي. حالانڪ سندس اسٽيپس ۾ ٻه ڪا خاص اسٽائيل ڪونه هئي ۽ هوءَ هڪ مخصوص ترتيب سان لاڳيتو نچي رهي هئي پر ته ٻ سندس بُت جي لچڪ ۽ هر قدم تي جهٽڪا ڪائينڊر وار ڪنهن چڱي ڀلي ماڻهو کي بيهوش ڪرڻ لاءِ ڪافي هئا. سندس پارٽنر وري هڪ ٿلهن چپن ۽ بيني نڪ وارو ٻندرو شيدي هو. ان ڪن ٽـوپيل هوراهه جـو انداز اهڙو هو ڄڻ حسينه سان رقص ڪري اٿلو مٿس احسان ڪندو هجي. واهڙي قدرت تنهنجا ڪرشما! ڪٿ چور سچا ڪٿ ڊور سچا. اسان واري پاسي اهڙو ڪو همراهه هجي ها ته ڪيس مٿياري ۽ لياري جـون شيدياڻيون ٻه سڱنل ڪونه ڏين ها. پر ڪنهن جي ڀاڳ سان ڪهڙي ريس، سو مٿي اچي ڪپڙا بـدلائي ۽ برش ڪري ليٽي پيس. اڃان اک لڳي پندرنهن منٽ مس گذريا هوندا ته در تي ٺڪ ٺڪ ٿي. اسان جـي ننڊ خراب ٿيڻ جي احساس ڪري هڪدم اٿـي آهستگي سان در کوليم. ٻاهر ته ڪير به ڪونه هو. واپس اچي اڃان پاسو مس ورايو هوندم ته وري ڪنهن ناڪ ڪيو. پيهر در کولم پر ساڳيا ڪاري وارا ڪڪ. بخيلي وٺي ويم ۽ اتي ئي گوڏن ڀر ويهي ڪـي هول سان اگ لڳائي ڇڏيم. ٻه ٽي منٽ مس گـذريا هوندا تـه آهستگي سان ساهون وارو در کليو ۽ ٻه ننڍڙا ٻار ۽ 13 کن سالن جي هڪ ڇوڪري پير پور ۾ ڏٺي اسان جـي در ڏانهن وڌڻ لڳا. هنن اڃان هٿ کنيو ئي مس هو ته در کولي ڇڏيم. هڪدم ڪٽي ڊوڙ پاتائون. مون به ڪاوڙ ۾ سڏو وڃي سندن در وڃايو. هڪ وڏي پيٽ واري مائي ۽ هڪ 18-19 سالن جـي ڇوڪري نڪري آئي ۽ منهنجي ڳالهه ٻـڌي هڪدم معذرت ڪري ٻـارن کي دڙڪا ڏيڻ شروع ڪيائون. مجبورن آئون به 'اٽس آل رائيٽ' چئي اچي سمهي رهيس. پر اڌ ڪلاڪ مس گذريو هوندو ته وري ساڳي جنگ شروع. هاڻ ته باهه وٺي ويم ۽ هڪدم رسيپشن جونمبر ڊائل ڪري شڪايت ڪيم. اسٽاف کي به رات جو ڏيـڍ بجي جو دانهن ٻلي سو ٻڪا ٽي چار ملازم اچي ٻارن جي ماڻن تي ڪڙڪيا. بس پوءِ ته منٿون ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جان ڇڏايائون ۽ سڄي رات موج سان ننڊ آيم.

صبح جو اک سوير کليم، شايد ڇهه ٿيا هوندا. پهرين ته سوچيم ته اڃان ڪجهه دير ليٽيو پيو هجان، پر پوءِ هڪدم خيال آيو ته آمريڪا جي صبح جو مزو وٺي ڏسجي، سو جينس ۽ ٽي شرٽ پائي، هوٽل کان ٻاهر نڪري آيس. لان جون بتيون اڃان ٻريون پئي. چوراهي تي گاڏين جي وڏي قطار سگنل کلڻ جي انتظار ۾ هئي. ساڄي پاسي کان هڪ سٺ ستر کن سالن جو پوڙهو ڇڏي ۾ جاگنگ ڪري رهيو هو. همراهه پرسان لنگهيو ته ٻن ٽن وکن تائين سهڪڻ جو صاف آواز پئي پڌو مانس پر مجال آهي جو منٽ کن لاءِ به بيهو هجي. ٽنگن تان گوشت ائين پئي لڙڪيس جيئن رسيءَ تي پسيل ڪپڙا پيا لڙڪندا آهن. هن اولهه جي ملڪن ۾ نوجوانن جون چڏيون ۽ اسڪرٽون پائڻ ته سمجهه ۾ اچي ٿو جو سندن صحتمند ۽ سڊول ٽنگون ڏسي ٻين جي رت جو دورو به تيز ٿيو وڃي پر پنجاهه جي وهي ٽپيل پوڙها ۽ پوڙهيون جڏهن ماس لڙڪيل اگهاڙين ٽنگن سان رستي تي هلندي نظر اچن ٿا ته ماڻهوءَ جو سونهن تان ارواهه ٿي کڄيو وڃي ۽ آخرت جا عذاب اکين آڏو ڦرڻ لڳن ٿا. بلڪ بقول هڪ دوست جي ڪراچي ۾ ايمپريس مارڪيٽ جي آس پاس پوڙهين ڪرسچن عورتن جا لڙڪيل جسم ۽ پيتين تي چنبڙايل نماز پڙهو، ان کان اڳ جو اوهان جي نماز پڙهي وڃي، جهڙا اسٽيڪر ڏسيو چڱو ڀلو ماڻهو به گهڙي کن لاءِ پاڻ کي منڪرنڪير جي امتحاني مرڪز ۾ ٿو پائڻ لڳي. اڃان انهن مايوس سوچن ۾ ٻڏل هئس ته اهتري ۾ هڪ نوجوان جوڙو پرسان اچي لنگهيو. شڪل صورت ٻنهي جي عام هئي پر اصل ڳالهه هئي سندن سڄي دنيا کان لاتعلقي. ڇوڪريءَ جي هڪ ٻانهن ڇوڪري جي چيلهه ۾ هئي ۽ ٻيو هٿ جينس جي کيسي ۾. ڇوڪري ڪيڏي مهل کيس ڪن ۾ ڪا ڳالهه ٿي چئي ته ڪيڏي مهل هلڪو چڪ ٿي وڌائين، جنهن تي هوءَ سڄي ٻيڻي ٿي وارن کي جهٽڪا ڏيڻ ٿي لڳي. ڇوڪرو جيستائين نظر پئي آيو تيستائين ڇوڪريءَ جي

هوس کي ڦاڪيون ڏيندو پئي ويو. انهن پئي لکيو ڇو ته هنن پنهنجي لاءِ سموري ڪائنات اهو ياڪر هو جنهن ۾ ڪنهن غيبي قوت ڪين جڪڙي ڇڏيو هجي. سندن حالت ڏسي منهنجي ڇپن تي پنجابي لوڪ گيت اچي ويو.

”ايوين مين تي ميرا چن ساهي
جيوين تيچ بڦنان جي جوڙي“

ڪلاڪ اڌ کلي فضا ۾ وڏا وڏا ساهه کڻي شاور اچي ورتم. بات روم مان نڪري اڃان ٽوال سان وار اگهي رهيو هئس ته فون جي گهنٽي وڳي ۽ پئي طرف مسعود نوراني صاحب ڳالهايو ۽ ٻڌايائين ته پاڻ اسان سان ملڻ لاءِ ڪلاڪ کن ۾ اچي رهيو آهي. نوراني صاحب هتي ڪافي عرصي کان آهي. منهنجي ساڻس آخري ملاقات نومبر 1988ع ۾ ٺٽي ۾ اليڪشن ڪمپئن دوران ٿي هئي جتي پاڻ پليجي صاحب جي ورڪ لاءِ آيو هو. ڪيمپئن جي آخري ڏينهن جو جلسو ضلعي جي يادگار جلسن مان هڪ هو. اسٽيج تي بابا سان گڏ جويو صاحب، مسعود نوراني، طارق اشرف، فقير محمد لاشاري، سرويچ سجاولي ۽ حفيظ قريشي ايڊووڪيٽ ويٺل هئا. ان ڏينهن جلسي کان اڳ ۾ پيپلز پارٽي جي اميدوارن اعجاز شاهه ۽ بابو ميمڻ جي غنڊن اسٽيج ناهيندڙ ڪارڪنن تي قاتلانه حملو ڪيو هو، جنهن ۾ دوست سليمان ڏاهري ۽ ٻيا شديد زخمي ٿي پيا هئا. جلسي گاهه ۾ داخل ٿيڻ شرط منهنجي نظر اسٽيج جي ڪاٺي ڪنڌ ۾ سليمان تي پئي هئي جنهن جي ڪاڏيءَ وٽان رت لارون ڪري وهي رهيو هو، ۽ پوءِ جيئن سراج مونکي تقرير لاءِ سڏيو ته آئون پاڻ تي ڪنٽرول نه ڪري سگهيس ۽ انتهائي ڪاوڙ ۾ سخت جملا ڳالهايم، جنهن دوران ئي انائونسر ساجده شيخ مونکي هٿ ۾ پرچي ڏني هئي ته سخت نه ڳالهايو. مون کان پوءِ منير به بيحد سخت ڳالهايو. پر مزو ته ڪيو هو حفيظ قريشي وڪيل، اهندي شرط چيو هئائين، ”اڙي ماروئڙو، اڙي جهانگيئڙو! شابس هجنو، ڪيڏي نه افسوس جي ڳالهه آهي جو رسول بخش پليجي کي ووٽ ڏيڻ لاءِ به

اوهان کي ڇوڙو پيو پوي. اڙي هي ته اوهان جو محسن آهي. محسنن کي وساريندا ته سڄي زندگي پاڻ به ڌڪا جهليندا ۽ اولاد کي به ڌڪا جهلائيندا.“ پوءِ پليجي صاحب ڏانهن منهن ڪري چيو هئائين، ”اها ته قوم پليجا صاحب جنهن لاءِ رڙيون پئي ڪيئي ته جمهوريت بحال ڪريو. سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ بند ڪريو . اڙي هي اٿئي سهڻن فوٽن جي پوپان، هنن کي سري ديوي جو فوٽو ڏيکار ته ان کي به ووٽ ڏيئي ايندا.“

بهرحال ڳالهه پئي هلي نوراني صاحب جي، سو 9 بجي جيئن هن هوٽل جي لابي ۾ قدم رکيو ته اڳتي وڌي پاڪر پائي مليو ماڻس. سانس گڏ هڪ پيو همراهه به هو، لابي ۾ صوفاتي ويهاري اسين مٿي روم ۾ اچي ويٺاسين. نوراني صاحب ذري ذري مون کي هيڏان ڪان مٿي تائين ڏسيو وريو مرڪڻ لڳي. پوءِ چيائين، ”تنهنجو ڪتاب ’سارون سپنا آزادي‘ سچائي جي لحاظ کان قيدياڻي جي ڊائري کان پوءِ سنڌ جو پيو ادبي ۽ سياسي ڪارنامو آهي.“ پوءِ احوال هجن جو ڪٿي ني نه. چوڻ لڳو، ”سنڌ ڏاڍي ياد ٿي اچي. هر روز جو قتل عام ۽ ڌماڪن جون خبرون ٿا پڙهون ته دل ڏکيو وڃي. سنڌين کي ڪنهن وڏي جراح جي ضرورت آهي ۽ اها صلاحيت پليجي صاحب ۾ آهي پر سنڌين هن جينئس انسان کي اڃان پوري طرح سڃاتو نه آهي.“

پڙدايائين ته هتي زندگي جا مزا ته تمام گهڻا آهن پر محنت به پاڻ واري حساب کان بيٺي ٿي ڪرڻي پوي. چوڻ لڳو، ”هي ملڪ نوجوانن جو ملڪ آهي. توهان لاءِ هتي اڳتي وڌڻ جا سوين موقعا آهن.“ ان دوران مون محسوس ڪيو ته لڳاتار 19 ڪن مهنا آمريڪا ۾ رهڻ جي باوجود نوراني صاحب جو رابطو هتي جي سنڌين سان گهٽ هو. ان جو ثبوت ان وقت لابي ۾ مليو، جڏهن اقبال ترين ڪيس پاڪر پائي اهو پڇيو، ”تون هتي ڪڏهن آئين.“ پوءِ وري اڻ ڄاڻائي وچان منهنجو تعارف ڪرائڻ لڳو، تڏهن نوراني صاحب چيس ته هن کي نه رکو سڃاڻان ير ملڻ به هن سان ڏي آيو

آهيان. سنڌس وچڙ ڪان پوءِ جڏهن سانا جي هردلعزيز صدر خالد هاشماڻي کي خبر پئي ته مسعود نوراني آيو ۽ هليو به ويو ته ڏاڍو ڏک ٿيو هئس. چاڪاڻ جو سنڌس ڪاليج فيلو رهيو هو. خالد هاشماڻي به پنهنجي جاءِ تي هڪ پرجوش ۽ بي لوث ماڻهو هو. مون سڄي ڪانفرنس دوران ڪيس انتهائي سرگرم ڏٺو، ۽ سرگرمي به بنا ڪنهن کي محسوس ڪرائڻ يا جتائڻ جي.

اڄ پنڇهرن جو لنچ ڪان پوءِ سانا پاران سال جا بهترين ايوارڊ ڏنا ويا. انهي تقريب ۾ امان کي پڻ بهترين لوڪ گلوڪاره جو ايوارڊ ڏنو ويو. ان ڪان سواءِ ادي رضيه جي پنهي پارن ۽ سانا جي نائب صدر محمود قلباڻي جي ڌيءَ تعليمي ايوارڊ حاصل ڪيو. هن وقت هال ۾ تنظيم جي گذريل سال جي ڪارڪردگي متعلق رپورٽون پيش ٿي رهيون هيون. جن ۾ ڊيگهه بدران صرف ڪم جي ڳالهه ٿيل هئي. آڏون ڪجهه پوائنٽون نوٽ ڪري رهيو هئس ته وينا شرنگي اچي پرسان ويٺي ۽ هٿ ۾ جهلهل ڪتاب جا پنا اٿلائيندي آهستگيءَ سان چيائين، ”رات ڊسڪو ۾ مون کي به وٺي هلين ها. ڪجهه چينج ته ٿي پوي ها.“

اڄ ساني ڪان پوءِ پيرزادي صاحب ۽ عبدالله شاهه کي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻو هو پر ٻئي همراهه اڃا تائين ظاهر ڪونه ٿيا هئا. شايد پنهنجن ڪمرن ۾ هئا. هال اندر ٻي ڪنڊ ۾ ٽيبل تي پائيءَ جو وڏو ڊرماس ۽ ان سان گڏ ڪنڊ ۾ پتيءَ جون ننڍڙيون پڙيون رکيل هيون. اسين چانهه جا ٻه ڪوپ ٺاهي پويان ويهي حال احوال ڪرڻ لڳاسين ته ڊاڪٽر نرنجن دوداڻي به اچي ڪچهري ۾ شامل ٿيو. ڪجهه دير مس گذري ته سرڪندڙ چهري سان ٻاءَ الطاف ميمڻ اندر داخل ٿيو. هڪدم اٿي وچي ڪيس ڀاڪر پائي مليس. چيائين، ”جيجي ڪٿي آهي.“ چيومانس، ”اچي پئي ۽ ادي شمع؟“ مون سنڌس گهر واري لاءِ پڇيو.

”اياز ۽ امر کي وٺي پئي اچي.“ هن ورائيو.

اياز ۽ امر به آيل آهن ڇا؟“

”آيل نہ آهن، رهندا ٿي هتي آهن ، هتي منهنجا پٽ اٿئي.“
پوءِ ڪيس بہ ان مختصر چانهہ پيئندڙ ٽولي ۾ شامل ڪيوسين. پـاءَ الطاف جيڪو اصـل هالن جـو آهـي ۽ هتي سول انجنيئرنـگ ۾ ڊاڪٽريٽ ڪري، هاڻ گيڊرس برگ ۾ جاب ڪندو آهي، سو اڄ کان ڇهہ مهنا کن اڳ حيدرآباد آيو هو ۽ پوءِ اسان جي اچڻ جو سڄو انتظام ٿي پاڻ ڪيو هئائين. هونئن ڏٺو وڃي تہ در اصل سانا جي بنياد وجهڻ ۾ بہ سندس بنيادي ڪردار رهيو آهي.
”منهنجي لاءِ ڪي ڪتاب آنـدا اٿئـي يـا نـہ؟“ الطاف پاءُ پڇيو.
”ڪوڙ سارا. شام جو ڏيندو سانوَ.“
”شام نہ هاڻ، اهي اڪو پوءِ گهر هلي ڏجائين، ڪانفرنس پوري ٿيڻ کان پوءِ اوهين اسان جا مهمان آهيو.“
ڪچهري اڃان هلي پئي تہ بـدر شيـخ مائيڪ آڏو اچي اسٽائيلش آواز ۾ حفيظ پيرزادي کي تقرير لاءِ سڏيو.
پيرزداي صاحب پهرين پـہ اکر سنڌي ۾ ڳالهائڻ کان پوءِ سڄي تقرير انگريزي ۾ ڪئي. جنهن ۾ هن سنڌ جـي موجوده صورتحال لاءِ گهڻي ڀاڱي پيپلز پارٽي کي ذميندار ڄاڻايو. ان کان اڳ ڊاڪٽر فيروز جي گهر دعوت ۾ پيرزادي صاحب ٻڌايو هو تـہ پي پي جي MNA مهان مٺو ٿي چار هزار پنجابين کي لڏائي ڇڏيو هـو، ان ڪري بہ فوج اندر سنڌين خلاف نفرت پيدا ٿي هئـي. پر اڄوڪي تقرير ۾ سندس ڪي دليل ڪافي وزنائتا هئا. ها باقي جڏهن هن قلعي آپريشن جي ذميداري بہ گهڻي ڀاڱي سنڌي پوليس تي وڌي تہ ويٺلن .ان ڪيترن ٿي ناپسنديدگي جـو اظهار ڪيو. پيرزادي کان سواءِ عبدالله شاهہ جي تقرير بہ ڪافي چاڻ ڏيندڙ هئي. پـاڻ ڳالهہ پولهہ مان بنهہ مولائي مڙس ٿـي لـڳو . پيرزادي صاحب کي مخاطب ٿي چيائين، ”پاڻ اسان تي تنقيد ٿا ڪن پر جڏهن سائين صلاح مصلحت جو سوچيوسين تـہ صدر سان ملاقات لاءِ اسلام آبـاد وڃـي نڪاءُ ڪياڻون.“ ايم ڪيو ايم متعلق ڳالهائيندي چيائين ، ”انهن جي

25 ايم پي ايز مان ويهه کن قتل جا جوابدار آهن.“ ان تان هيئان کنهن رڙ ڪئي، ”انهن قاتلن مان ڪن کي ته اوهان وزير به بڻايو هو.“

ڪائنس پوءِ ڪالهائيندي مون سوال ڪيو ته، ”شاهه صاحب جن ٻڌائين ته جڏهن حيدرآباد ۾ سوين سنڌي قتل ڪيا ويا. نياڻين جي چاتين تي تتل چرين سان MQM لکيو ويو. هزارين ماڻهن قاسم آباد وڃي ڪئمپن ۾ پناهه ورتي، تڏهن پيپلز پارٽيءَ جا وزير ۽ ميمبر ڪٿي هئا؟“

شاهه صاحب پهرين ته منجهي پيو، پر پوءِ چيائين، ”اسان جا هڪ ٻه چڙا ته ويا هئا، پر بهرحال اها حقيقت صحيح آهي ته سمورن سنڌي سياستدانن مان ان وقت حيدرآباد ۾ فقط پليجو صاحب ڪئمپ هڻي ويٺو هو. اسين جي نه هئاسين ته پيا نام نهاد قومپرست به ڪٿي هئا.“

بهرحال نشست پوري ٿي ۽ وينا، امان، آڏون، پياءُ الطاف ۽ ادي شمع سنڌن ننڍي پٽن سميت سنڌن ڪار ۾ لنچ لاءِ ڪنهن فاسٽ فور ريسٽورنٽ جي ڳولا ۾ نڪتاسين. اوڏي مهل هلڪي هلڪي ڦڙ ڦڙ وسي پئي. گاڏي جا وائپر شيشي تان ڦڙين کي تيزي سان هٽائي رهيا هئا. هتي رستن جي بناوٽ اهڙي رکيل هئي جو پاڻي بيهڻ جو ته سوال ئي پيدا نٿو ٿئي، فقط ڏامر جي سطح تي هلڪي آلاڻ ئي محسوس ٿي ٿي. ميڪڊونلڊ جي ٻاهران گاڏي بيهاري، ڦڙين کان بچڻ لاءِ ذري گهٽ ڊوڙندا ريسٽوران ۾ داخل ٿياسين. ڏاڍي رش هئي. ماڻهن مينهن کان بچڻ لاءِ گاڏين جو سهارو ڳوليو هو. ڳاڙهن ڳٽن واري صحتمند ويٽريس اسان کان آرڊر وٺي هلي وئي. ۽ ٿوري ئي دير ۾ اسان کي سڏي هڪ ٽيبل جي چوڌاري ويهاريائين جيڪا مس خالي ٿي هئي. مون کي مائي جي ڪم جي تيز رفتاري ڏسي حيرت پئي ٿي. ايڏي ڦڙتي، ايڏي ڪرتسي. پر اها شايد هن معاشري جي ڪاروباري روٽين آهي. هي مائي اڄ جنهن ڏيهاڙي سان ڊيوٽي پئي ڪري چنچر ڏينهن اوڏي ئي ڏيان سان وار سيٽ ڪرائڻ، ماسڪ لڳائڻ ۽ بلوچ ڪرڻ ۾ مصروف هوندي، ڇاڪاڻ ته شام جو ڪيس براءِ فرينڊ سان لانگ ڊرائيو تي يا ڊسڪو ۾ وڃڻو

هوندو. اوڏي مهل سندس ذهن ۾ هن ريسٽورنٽ، ان جي مينو، گراهڪن ۽ ٽائون جو ڏنڌلو پاڇو به نه هوندو. پٺاڻن مان ڏهيل هوش برائون ڪائيندي ڪائونٽر ڏي نهن ڏٺم ته ادي رضيه ميمڻ بيٺي هئي. هڪٻئي کي هيلو ڪيوسين. ساڻس گڏ مسز شيرين فاروقي به هئي. هنن لنچ ڪري ورتو هو، سو هوٽل ۾ ملڻ جو واعدو ڪري هليون ويون. اسان ماني کائي ورتي پر پاءِ الطاف جي ننهي فرزندن جي اچان جاري هئي، سو اٿي ٻاهر پارڪنگ وٽ اچي ويٺس. هلڪو هلڪو ميوزڪ وڄي پئي ۽ پرسان بيٺل ڪار جي دريءَ جي سيرن مان ڳاني جا ٻول ٻڌڻ ۾ پئي آيا. ڊيش بورڊ وٽ چپس جي پليٽ ۽ بيئر جا ٽن رکيل هئا ۽ ٻه نوجوان جسم هڪٻئي ۾ وچڙيا پيا هئا.

"If you leave don't leave now
Please don't take my heart away
I touch you once I touch you twice
I won't let go at any pricc."

جو ڪي ڪجهه گيت ۾ چيل هو، هوبهو اهوئي منظر ڪار جي اندر هو.

"ليٽس گو." نيڊڙي امر مونکي ڇرڪائي ڇڏيو. واپس آياسين ته ڪانفرنس هال جي ڪنڊ ۾ سرفراز عباسي، اعجاز ترڪ، محمد علي شاهه، خالد چنا، بشير مهر، سليم عرساڻي، وهاب قاضي ۽ سرفراز ميمڻ ڪچهري ڇاپيو ويٺا هئا. موضوع هو تازو حيدرآباد ۾ ٿيل بم ڌماڪا. اتي ڏسي ڳالهه ٻولهه دوران سعيد شيخ ناليهڪ ڪلي مک نوجوان پنهنجو تعارف ڪرائي، سنڌيونيورسٽي جا احوال وٺڻ شروع ڪيا. چوڻ لڳو، "آغا رفيق ۽ انعام شيخ منهنجا يار آهن. توهان سڃاڻون؟" پڌايومانس ته آغا ته پنهنجي ڊرامي 'سوال' ذريعي چڱو مشهور ٿيو آهي، باقي انعام جا ڪالم اڪثر هلال ۾ ڪن مخصوص ليڊرن تي تنقيد سان ڀريل هوندا آهن. ڪچهري جاري هئي، پر اوچتو دروازي ڏانهن نهاريم ته ڇرڪ نڪري ويم. "هي ڪير هئي ڪيٽي؟" يڪدم ذهن ۾ سوال اڀريو.

ٽائيٽ پاجامي ۽ ڊگهي چولي ۾ اينڊز سمارٽ ڇوڪري

۽ اسان جي ڳوٺ جي هئي. نه، پر هيءَ اها نٿي ٿي سگهي. ٻـوءِ ٻه اهڙي مشابهت! ايـڏي هڪجهڙائي! شايد انڪري ٿي چونـدا آهن، ته قدرت هن دنيا ۾ هڪڙي ئي چهري جا ٻه ـ ٻه ماڻهو خلقيندي آهـي. منهنجي نڪي گهور ڪـي محسوس ڪري ڇوڪري ٻه هاڻ شڪي ٿيڻ لڳي هئي. خاص طور تي سندس ڪنفيوزن جو احساس شام جو محفل موسيقي جي دوران ٿيو، جڏهن هر هر سندس نگاهن مون ڪي ماڻهن جي ميڙ مان ڳولي ٿي ورتو.

اقبال ترين جي اناؤنسمينٽ جا لفظ ڪنن ۾ پئي گونجيا. ”اسان سيني جي جيجي، سنڌ جي ام ڪلثوم اوهان جي آڏو ايندي“ ۽ پوءِ جيئن، جيئي سنڌ ۽ جيئي سنڌ جام، محبت پيئي سنڌ“ جـا ٻول هال ۾ پڙلاءُ بنيا، تيئن سنڌ ڪان هزارين ميل پري هڪ جيئري جاڳندي، خوبصورت ۽ حسين سنڌ رقص ڪرڻ لڳي. سيني جـو وجدان ڏسڻ وڻان هـو. ڊاڪٽر جـي آمريڪن زال ۽ غلام مصطفيٰ شاهه جي ڌيءَ زورين ۾ مقابلو جاري هو. ادي رضيه، همايون، الطاف ميمڻ ۽ آصف وفائي به نچي رهيا هئا. ۽ جڏهن ترين اجرڪ ڪلهن ۾ پائي جهمر هڻڻ شروع ڪئي ته پوءِ ته سڀ اٿي پيا.

اوڏي مهل هنن سيني جي چهرن تي ڪـڙيل سُرڪن ڪي ڏسـي ڪير ٿي چئي سگهيو ته هن قوم ڪي ڪو ڇيڀائي ۽ ختم ڪري سگهندو. پر اهو سڀ هڪ نغمي جو تاثر هـو. حيدر بخش جتوئي جي شاعري جو ڪمال هو. ۽ پوءِ جڏهن پيهر امان جو آواز گونجيو ته ائين لڳو ته ڪيرٿر جي چوٽيءَ تـان لهندڙ سج جـي رتي رت جهڙي ڳاڙهاڻ هيٺ ساري سنڌ روئي رهي هجي.

”هي منهنجو شهر آهي يا دشمن جو شهر آ.“

بنان ميوزڪ جي آلاپ جا ٻول ڪنهن خنجر جـي نوڪ جيان دلين مان آرپار ٿيندا پئي ويا.

”اي حيدرآباد شهر، اي نيرون ڪوٽ شهر،
تو ڪان سواءِ حسن ۾ آهي ادا ڪٿي،
تو ڪان سواءِ عشق ۾ آهي وفا ڪٿي،

تون منهنجو منهنجي ﭘيءُ جو ڏاڏن جـو شهر آن
تون منهنجي ٻارڙن منهنجي پيارن جو شهرآن...."

امداد حسيني جي ان دردناڪ نظم عبدالنبي ميمڻ جي اکين ۾ ڳوڙها آڻي ڇڏيا هئا. پر شايد اهو حال ته هر ڪنهن جو هو، نه ته نظم ڪان پوءِ اهڙي پن ڊراپ ماٺ ڇو طاري ٿي وڃي ها.

آڌي رات جو فوم جي نرم گدي تي ٻاٽ ڪي اڇلائڻ ڪان پوءِ به مختلف نغمن جا لفظ ذهن ۾ وچڙندا رهيا. "دشمن جو شهر آهي،.... جيئي ڪاڇو، جيئي ٿر، جيئي لاڙ، جيئي ڪينجهر."

ﭘي ڏينهن ڪانفرنس جو آخري سيشن هـو ۽ اسانجي ماني جـو انتظام هڪ مقامي ڪميونٽي سينٽر ۾ ڪيو ويو هـو. آئون آفتاب قاضي سان گـڏ گاڏيءَ ۾ اوڏانهن روانـو ٿيس. هي همراهه بلڪل روايتي پروفيسرن وانگي پنهنجي مقصد متعلق بيحد ڪميٽڊ هئڻ سان گڏ ڪافي غير حاضر دماغ پڻ هـو . ڪجهه دير ڊرائيو ڪرڻ ڪان پوءِ اعلان ڪيائين ته ٻاٽ رستو وڃائي ويٺا آهيون. اڌ ڪلاڪ ان رستي جـي ڳـولا دوران ڪيـل احوالـن ۾ قـاضي صاحب ٻڌايو تـه هو سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن متعلق صحيح انگ اکر گڏ ڪرڻ ۾ مصروف آهي ڇاڪاڻ ته هن معاشري ۾ فيڪٽس کي بنيادي اهميت حاصل آهي.

هٿي هٿي نيٺ سيني ڪان آخر ۾ وڃـي سينٽر تي پهتاسين. مانـي دوران سيني جو ڏيـان پليٽن ڏانـهن گهٽ ۽ هڪٻئي ڪان موڪلائڻ ڏانهن گهڻو هو، ولر ڪان وڇڙيل هي پکي پرديس ۾ به سال ۾ هڪ اڌ دفعو ٻاٽ ۾ ملي ولر جي وڇوڙن کي تـازو ڪندا رهندا آهن پر جڏهن اتي به موڪلائڻ جي مهل ايندي آهي تڏهن مرڪ هاڻـن چهرن تي به اندروني محرومي جـو احساس چٽو نظر ايندو آهي ۽ نراڙ جون ريکائون سندن گهايل دلين جون عڪاسي ڪرڻ لڳنديون آهن. اسانکي دعوتن مٿان دعوتون پي مليون. آصف وفـٽي ۽ دادو جو هڪ ٻنڊ دوست جيڪو گلن ٻنڊ جو مائيٽ هو، مونکي گڏيل تصوير ڪيرائڻ لاءِ ٻاهر وٺـي آيا. پوءِ اها تـه ڇڻ شروعات هئي ۽ ڪئميرا جا شٽر هڪٻئي پويان ڪڙڪڻ شروع ٿي

ويا. عبدالله شاهه ۽ پيرزادو به اسان سان گڏ هئا.

شام جو هالبڊي ان پاهران لان تي اسان نوجوانن جي محفل مچائي ويٺاسين. سعيد شيخ، خالد، رفيق سهتو، غلام قادر ميمڻ، ناصر، مقبول، نديم ۽ ٻيا يار آمريڪا ۾ پنهنجين پنهنجين ڪاميابين ۽ ناڪاميابين جا داستان ٻڌائي رهيا هئا. انهن مان ڪي يار ته اڃان تائين ليگل ڪونه ٿيا هئا، پر تڏهن به حوصلا بلند هئن. ڪجهه دوستن ته نيويارڪ ۾ پنهنجي فليٽ جو نالو ئي سنڌ هائوس رکيو هو. باقي سڀني کي آمريڪي ڇوڪرين تي اصل ٻاهيون هيون. بقول سندن، ڇورين ۾ جيترو گهڻو حسن هو اوترو ئي سندن دل بي ايمان هئي. هتي جي وفاداري ۽ غيرت جي معيارن تي به ڏاڍا چرچا ٻڌايائون. خاص طور تي هي ٻه لطيفا ته آمريڪن معاشري جي شاندار ترجماني ٿا ڪن.

لطيفو نمبر ١:

هڪ پريشان ڇوڪريءَ پنهنجي ساهيڙيءَ کي ٻڌايو ته اڄ سندس پيءُ سندس ماءُ کي نوڪر سان گڏ صوفا تي پيار ڪندي ڏٺو ورتو. ساهيڙيءَ کيس سمجهايو ته اهو سندس ماءُ پيءُ جو نجي معاملو آهي پاڻ فڪر نه ڪري. ٻي ڏينهن ساڳي ڇوڪري سٽي موڊ ۾ ساهيڙي سان ملي. هن پڇيس ته ڪالهوڪي ڳالهه جو ڇا ٿيو. ڇا سندس پيءُ نوڪر کي ڪڍي ڇڏيو.

”نه!“ ڇوڪريءَ وراڻيو.

”پوءِ ماڻهين کي ڪڍي ڇڏيائين ڇا؟“

”نه . بابا فساد جي جڙ کي ئي ختم ڪري ڇڏيو. هن اهو صوفا ئي وڪڻي ڇڏيو.“

لطيفو نمبر ٢:

هڪ پيءُ کي جڏهن خبر پئي ته سندس ڌيءَ جيني پيٽ سان آهي ته هو ڪاوڙ ۾ ڪاڙهو ٿي سڌو جيني جي ڪروڙ پتي بواءِ فرينڊ وٽ پهتو. بواءِ فرينڊ کيس ناراض ڏسي يڪدم چيو، ”ڏسو جناب شادي ته آئون توهان جي ڌيءَ سان نٿو ڪري سگهان،

باقي آئون وعدو ٿو ڪريان ته جيني جي پار جو خرچ ويهه هزار ڊالر ڏيندس.“

ڪاوڙيل پيءُ هڪدم ٺڏو ٿي ويو ۽ پوءِ ڪجهه دير سوچي چوڻ لڳو. ”پر پٽ اهو ٻڌاءِ ته جيڪڏهن جيني جي پيٽ متعلق اسان جو انديشو غلط نڪتو ته ڇا تون ڪيس هڪ ٻيو موقعو نه ڏيندين؟“

رات جو دير تائين اهڙا ئي قصا ۽ لطيفا ٻڌندا رهيا هئاسين. ٻي ڏينهن صبح جو خالد هاشماڻي جي قيادت ۾ اسان جي ڇهه رڪني وفد واشنگٽن جي 14 ڪي اسٽريٽ تي ايمنسٽي انٽرنيشنل جي نمائندن سان ملاقات ڪئي ۽ کين سنڌين سان ٿيندڙ دهشتگردي جا تفصيل ٻڌايا.

هتي اڪثر سانا جا سرگرم عهديدار ۽ ڪارڪن پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪري ڪائيم ڪيدي نه صرف اهڙن ادارن سان ملندا رهندا آهن بلڪه ڪانگريس جي ميمبرن وغيره کي به وقت به وقت سنڌين سان ٿيندڙ زيادتين کان آگاهه ڪندا رهندا آهن. اڄوڪي ميٽنگ دوران به مسٽر هاشماڻي، انور صاحب، آفتاب قاضي صاحب، سنڌين جو ڪيس انتهائي موثر نموني پيش ڪيو. ايمنسٽي جا عهديدار به اسان جي سڄي ڳالهه ٻولهه جا نوٽس انتهائي ڌيان سان وٺندا رهيا. هڪ نوجوان ڇوڪري جيڪا اصل پارت پنجاب جي هئي، تنهن ٻڌايو ته سندن تنظيم فقط انهن ظلمن خلاف آواز اٿاريندي آهي جيڪي ڪنهن گورنمنٽ پاران ڪيا ويا هجن. اسان جو ڪيس ٿورڙو مختلف هو.

ملاقات کان پوءِ آفيس جي ڏاڪڻ لهي فٽ پاٿ تي بيهي اهو سوچڻ لڳاسين ته ماني ڪٿي کائجي. آفتاب قاضي ٻڌايو ته سامهون ميڪڊونلڊ جي پرسان هندستاني ريسٽورنٽ مڙارتا تي هلجي. اسان مان هڪ صاحب ان جي سخت مخالفت ڪئي ۽ چيو، ”گوشت کائڻ بيحد ضروري آهي. وشنو خوراڪ انسان کي ڪمزور ڪري ڇڏيندي.“ پر اڪثريت جو فيصلو مٿس مڙهجي

چڪو هو. وات مان انڊين پاپڙن جي پرڪڻ جا تڙڪات ڪيندي اوچتو مونکان ٺهڪ نڪري ويو. منهنجي مڙئي نهاريو پر آئون کِل کِلي ويس حالانڪ امر جليل جي ڪهاڻي جي هڪ ڪردار جا اهي ڊائلاگ مونکي کلڻ تي مجبور ڪري رهيا هئا ته ”جيڪڏهن گوشت نه کائيندو آهين ته پوءِ پنهنجن ڀارن جي باري ۾ اها پڪ ڄاڻج ته اهي ڀاڙي وارن جي مهرباني آهي.“

ڪانفرنس هلندي مون وڏي ڊوڙ ڊڪ ڪانپوءِ برطانوي ۽ فرينچ ويزا لڳرائي ڇڏيا هئا. هاڻ رڳو آمريڪا ڇڏڻ کان اڳ ڀاءُ الطاف وارن جي بيحد اسرار تي هڪ ڏينهن لاءِ هيرس برگ وڃڻو هو. باقي انهن ويزائن لاءِ سوين ڊالرن کي ڌڪ لڳي ويو هو. رڳو ٽيڪسين جي ڀاڙن ئي ڇيله ڀڃي ڇڏي هئي. هتي ٽيڪسيون گهڻو ڪري ڪارن کي هلائيندي ڏٺم. عجيب و غريب ڪپڙا پهريل ۽ چڙچڙاهٽ جا شڪار. ڪالهه فرينچ ايمبيسي ڏانهن ويندي مون واري ڊرائيور جيئن Resevoir روڊ ڏانهن ٽيڪسي ئي موڙي ته سامهون ڪنهن مائي گاڏي رورس ڀڃي ڪئي. ٽڪر ته ٿيندي ٿيندي بچي ويو. باقي هن ڏاڍي به نه ان مائي کي ڇڏيو ۽ ان جي مٿان مائيٽن کي. سندس واتان انگريزي ۾ گارين جي پنجاهه کن قسمن کان واقفيت مليم. اهو به سٺو ٿيو جو ڳالهه نه وڌي. ها سچي، ان ۾ هڪڙي معمولي غلطي ۽ پنجاهه ڊالرن جي چٽي وجهرائي. اسانکي ويزا فارم لاءِ تصويرون ٿي کپيون. پر آٽوميٽڪ مشين ڳولڻ بدران ٿو ٽڪڙ ۾ ڊائون ٽائون جي هڪ وڏي دڪان تان 12 فوٽو تقريباً ٻارنهن سؤ رپين ۾ وڃي ڪيرايا سين. ٻي ڏينهن صبح ساڻ هاليڊي ان هوٽل، ۾ ادا خالد هاشماڻي ۽ وينا شرنگي کي خدا حافظ چئي هيرس برگ وڃڻ لاءِ بس اسٽاپ ڏانهن روانا ٿياسين. وينا ڪيليفورنيا وڃي رهي هئي. هن اسانتي ڪافي زور ڀريو ته ساڻس گڏ اسپين هلون جتي سندس ڀاءُ ۽ اڙ رهيل آهن پر اسان وقت جي کوٽ سبب اسپينش سفارتخاني جي ڊوڙ ڊڪ کان لهرايو هئي. Grey Hound Bus جي اڏي تي پهتاسون ته ڪافي حيرت ٿي. منهنجو خيال هو ته اهو ڪو نما پَل

استنابيل نه، نه به ان کان ڪجهه بهتر هوندو، پر هوندو ته بسن جي اڏن جهڙو ئي، پر هتي ته ڳالهه ئي ٻي هئي. ذري گهٽ جهڙو ايئرپورٽ. هتي بسن ۾ گهٽ ڪري يا ته سياح سفر ڪن يا وري ڪارا باقي گورا گهڻي ڀاڱي پنهنجون ڪارون استعمال ڪن. ڪارون هنن جي لحاظ کان آهن به سستيون. ڏهه هزار ڊالرن ۾ سٺي ڪار ملي وڃي ۽ عام آمريڪي لاءِ اها 8 ٽي مهينن جي پگهار.

اسان جا اڪثر همسفر به ڪارا هئا. رڳو هڪ گورو جوڙو ۽ ٻه جاپاني مايون پويان ويٺل هيون. ٻاهر رستي جي ٻنهي پاسن بي انتها ساوڪ هئي، خاص طور تي قداور وڻن جي ڇهڇ ساون جهنگن کي ڏسي اکيون ٺري ٿي پيون. ويتر انهن مٿان ڪرنڊڙ مينهن جي ڦڙين مزو وڌائي ڇڏيو. وڻن جي پويان وري ننڍڙيون ننڍڙيون ٽڪريون هيون. ٿوري ٿوري مفاصلي تي وڏن فارمن جي وچ ۾ ٺهيل خوبصورت هٽس ڏسي خيال آيم ته اتي ئي رهي پئجي. واشنگٽن کان مڪينڪس برگ جو سفر اٽڪل ٽن ڪلاڪن جو هو. جنهن وچ ۾ بس، يارڪ ۽ بالٽي مور ۾ ڪجهه دير بيٺي. بالٽي مور مان مون ايپل جوز جا ٻه گلاس ورتا. هتي شهر مان لنگهندي گهڻائي رڳو ڪارن جي نظر آئي. مايون به بي ترتيب ڪپڙن ۾ ٽڪيون ٽڪيون هلي رهيون هيون. هونئن ته سڄي آمريڪا ۾ ڪپڙن کي مڙئي گهٽ اهميت ڏني وڃي ٿي پر ڪارن جا حال ته ويتر وڌ آهن. رنگين گلن ۽ چٽن واريون قميصون فاٽل پينٽون ۽ مڃيءَ مهانڊي بوٽ پائي بي فڪرا ٿيو پيا هلن. خير فاٽل ته مون واري پوئين سيٽ تي ويٺل جاپاني عورت جي پينٽ به هئي ۽ سا به انتهائي نامناسب جاءِ تان، پر اهو شايد اتفاق هوندو. مونکي به خبر نه هن پئي جڏهن هو ڪجهه وٺڻ لاءِ هيٺ ٿي لٿي. بالٽي مور مان ئي هڪ ميڪاپ سان لٿڙيل بندري گوري بس ۾ اچي چڙهي. سائي جي ظاهري ڏيک مان لڳو ٿي ته سندس گذارو اڪثر هن شهر جي برادري تان ٿيندو هوندو جتي جون مايون مردن جا کيسا ڦرڻ جون ماهر ٿيون وينديون آهن. هوءَ ڪجهه دير ته سيٽ کي پويان ٽيڪ ڏئي دريءَ

مان ٻاهر نهاريندي رهي پوءِ ننڍڙي پرس مان سگريٽ ڪڍي ڪائي سچي بس ۾ دونهون پکيڙڻ لڳي. وڏا وڏا ڪش هڻندي اوچتو ڪيس ڇڪون شروع ٿي ويون. ڇڪون ٻه ڀيڪ ساهي ويهارو ڪن. ان جو اهو فائدو ٿيو جو سگريٽ جي دونهين مان جان ڇٽي ۽ مون ٻــ موقعي جو فائدو وٺي ٽيڪ ڏئي اکيون پوري ڇڏيون. مڪينڪس برگ جي اسٽاپ تــي بس مــان لهــي اڃان ڀٽي منٽ مس انتظار ڪيو هونداسين ته الطاف ڀاءُ جي گاڏي اچي پرسان بيٺي. سندن گهر هتان ڪجهه مفاصلي تي هڪ ٻئي ننڍڙي شهر هيرس برگ ۾ هو. هي ۽ پينسلوينيا رياست هئي. جتي ٻنس برگ يونيورسٽي ۾ آپا قمر پڙهي چڪي هئي. ساڳي يونيورسٽي جي ٽرانسپورٽيشن انجنيئرنگ جي ڊپارٽمنٽ ۾ M.S لاءِ منهنجي داخلا به ٿي چڪي هئي پر پوءِ ڪن سببن ڪري اهو سلسلو اتي ئي رهجي ويو. وڏي ڪشادي رستي تي ڊرائيو ڪندا ۽ پنهي پاسن جي هڪ مخصوص ترتيب سان پکڙيل ساوڪ جو مزو وٺندا هڪ انتهائي حسين علائقي جــي خوبصورت گهر آڏو اچي بيٺاسين. ادي شمع اسانجو انتظار پئي ڪيو. سندن ٻئن مان وڏو امر ته هڪدم دوست بنجي ويو باقي منهنجي ناليءِ ڀاءُ ننڍڙي ايــاز ڪجهه وقت لڳايو. موز تــي اسان لاءِ مختلف قسمن جون ڀشون لڳــي چڪيون هيون. ڪافي ڏينهن کان پوءِ خالص سنڌي ماني ملي هئي، سو ڍؤ ني ڪائي ٻئي ڪمري ۾ اچي ڪجهه دير آرام ڪيوسين. شام جــو ستين ڊاري اک کلي. هوٽ سٽنگ روم ۾ ڀاءُ الطاف ۽ ننڍڙو امر ڊي وي ڏسي رهيا هئا. پوءِ اتي ئي ڪچهري شروع ٿي وئي. هنن خاص طور تــي اسانکي گذريل سال سينٽ لوئس ۾ ٿيل سانا جي ڪانفرنس جي مووي ڏيکاري، جنهن ۾ بابا پــڻ شرڪت ڪئي هئي. انهيءَ ڪانفرنس جــي ڪلچرل پروگرام ۾ سنڌي شاديءَ جــي رسمن متعلق هڪ سٺو ٽيبلو پيش ڪيل هو. ان کان سواءِ اسان جي لوڪگيت چانڊي تي پارٽ جي هڪ سنڌياڻي جو رقص ته ڏسڻ وٽان هو. ادي شمع کي ٻه اهو ڏاڍو ٿي وڻيو. ان پروگرام ۾ ئي اسٽيج تي ملاکڙو پڻ ڪرايو ويو هو،

Scanned with CamScanner

جنهن ۾ آخري مليہ ماري اعجاز ترڪ چيمپئن بڻيو. ڪيسٽ پوري ٿيڻ شرط سنڌياڻين جي روايتي اسٽائيل مطابق امان ۽ ادي شمع اٿي بي ڪمري ۾ ڪچهري ڪرڻ هليون ويون، جتي هڪ هـو ماڊل اسڪول جون ياد گيريون تازيون ڪنديون هونديون. هيڏانهن پاڻ الطاف مونکان سنڌ جي سياست جا احوال وٺڻ شروع ڪيا. ڪجھ سنڌي سياستدانن جي هڪ ٻئي ڏانهن روين کان ڪافي شڪايتون هيون. اڃان ڪچهري جاري هئي ته امر ٽي وي جو چينل چينج ڪري ڇڏيو. ڪو اسٽيج پروگرام هليو پئي، جنهن متعلق پاڻ الطاف ٻڌايو ته، هن شو ۾ پردي پويان ٽي مرد ويهاريا ويندا آهن ۽ اڳيان ڪئميرا آڏو ڪانہ ڪا خوبصورت ڇوڪري. پوءِ اها ڪانئن سوال پڇندي ويندي آهي، جيڪو مرد صحيح جواب ڏئي ٿو، اها ڇوڪري ان مرد سان ڪجھ ڏينهن ڪنهن شاندار هوٽل ۾ وڃي گذاريندي آهي ۽ سندن ان تفريح جو خرچ ڪونہ ڪو ڪمرشل ادارو برداشت ڪندو آهي. ان پروگرام جي جسٽيفڪيشن اها آهي تہ اهڙي ريت ٽي وي وارن ان پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙ سوَ مان ويهارو ڪن جوڙن جون شاديون ڪرايو وجهن.

اڄڪلھ آمريڪي حڪومت بہ ملڪ اندر فيملي لائيف جي تباهي تي ڳڻتي ۾ آهي. ٽي وي جا اهڙا پروگرام بہ ان پريشاني جي عڪاسي ڪن ٿا. هتي نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گڏ رهن، گهمن ۽ نچن ٽپن تہ راضي آهن پر شادي ڪري گڏجي رهڻ سندن لاءِ هڪڙو وڏو مسئلو آهي. پر جي شادي ٿيو بہ وڃي تہ پوءِ وري سال ٻن ۾ طلاق. انڪري ٽي وي تي بحث جو هڪ اهم موضوع طلاق بہ هوندو آهي.

ٻي ڏينهن صبح جو پاڻ الطاف تہ جاب تي هليو ويو. باقي ادي شمع اسانکي هرشي پارڪ گهمائڻ وٺي هلي. ڪجھ ڪجھ پئسا ڪڍائڻا هئا، سو رستي ۾ هڪ ڊرائيوان بينڪ وٽ گاڏي بيهاريائين. اهڙيون بينڪون پيٽرول پمپن جيان آهن، جتي گاڏي مان لهڻ کان سواءِ دريءَ مان هٿ ڪڍي مشين ۾ پنهنجو چيڪ

وجهي ڀنسا ڪيا آهن.

هرشي پارڪ شهر کان ڪجهه پرڀرو هو. ادي شمع ٻڌايو ته هرشي نالي هڪ شخص ڪئي سال اڳ چاڪليٽن جي فيڪٽري ٺاهي هئي، جيڪا اڄ سڄي آمريڪا ۾ مشهور آهي. مون سمجهيو ته اتي گهمڻ آيلن ۾ رڳو اسين هونداسين، پر اڄ ويڪ اينڊ هئڻ ڪري ماڻهن جا هجوم هئا، رڳو پارڪنگ ۾ ڪارون ڏي سوَن ۾ هيون. گاڏي بيهاري اتان ٿي هڪ ٻڳهي ريل ۾ چڙهياسين. ريل وري ڪهڙي؟ ساڳي اهڙي جهڙي ڪراچي جي فن لينڊ ۾ هلندي آهي. فرق رڳو ايترو هو جو هي پٽڙين بدران روڊ تي ئي هلي. ننڍڙي امر اسان سڀني جو گروپ فوٽو ڏي ڪڍڻ چاهيو. سندس پريشاني ڏسي گاڏيءَ ۾ ويٺل هڪ چاليهارڪن سالن جو پروقار شيدي اٿي بيٺو ۽ ڪيس اسان سان ويهڻ جو اشارو ڪري ڪئميرا وٺي اسانجي تصوير ڪڍيائين. هُن اهو سڀ ڪجهه ٻنهي چوڻ جي رضاڪارانه طور ڪيو. چاڪليٽ فيڪٽري جنهنجي سير کي مون فقط هڪ فارملٽي پئي سمجهيو. اها هڪ يادگار تفريح ثابت ٿي. بلڊنگ اندر ٻه سڀ کان پهرين اسانکي هڪ ريل ۾ ويهاريو ويو، جنهن ۾ ويهاروڪن ننڍڙا دٻا هوندا. اسانکان اڳيان هڪ پوڙهي آمريڪن عورت ٻن ننڍڙن ٻارن سان ويٺل هئي. ڪجهه گهڙين کان پوءِ ٽرين هلي ته چوڌاري اونده پکڙجي وئي. ٻار ڊڄي ويا. پوءِ اسپيڪرس تي گونجدار آواز ايريو ۽ هرشي فيڪٽري جي تاريخ، چاڪليٽ تيار ڪرڻ جي مختلف مرحلن کي ڏيکارڻ سان گڏ ٻڌائڻ لڳا. ان دوران ڪڏهن ڪڏهن ريل جي رفتار ۽ موڙن جي ڪري دين مان سٽيليون ٻڙيون ٻه بلند ٿي ٿيون. سفر پورو ڪري ٻاهر آياسين ته مختلف اسٽالن تي بي انتها رش هئي، ماڻهو نه رڳو فيمليز جي صورت ۾ گهمڻ آيا هئا پر مختلف اسڪولن مان ٻارن جون بسون به ڀرجي آيون هيون. اٽڪل ٻن ڪلاڪن کانپوءِ گهر موٽياسين. رستي ۾ ادي شمع گاڏي پيٽي جو ڪجهه سامان وٺڻ لاءِ گاڏي هڪ گروسري اسٽور وٽ بيهاري. موقعي جو فائدو وٺي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آئون پرسان ھڪ ٻئي دڪان ۾ داخل ٿي ويس. دڪان ڇا ھو ڄڻ ھڪ ننڍڙي فيڪٽري يا گدام ھو. سوين ريڪن ۽ خانن ۾ ھزارين قسمن جون ورائٽيز رکيل ھيون. منھنجون اکيون اچان واچن جي ھڪ خاني ۾ ئي وچڙيل ھيون تہ امر سڏ اچي ڏيو. گھر پھچي پيٽ پوڄا ڪري آئون امر ۽ اياز جي قيادت ۾ پنڌ گھمڻ نڪتس. ھتي پنھنجي ٻارن جي انگريزي مونکان گھڻي سٺي ھئي. خاص طور تي سندن بيباڪي تہ آمريڪن معاشري جي ذات ھئي. ننڍڙو اياز اسد ۽ عليءَ جيان ڏاڍو ڦڙت ۽ شرارتي ھو. ڪجھہ اڳيرو ٻہ ننڍڙا آمريڪن ٻار ھڪ چاليھارو ڪن سالن جي عورت سان گڏ لان تي ٽروبال کيڏي رھيا ھئا. امر انھن سان ھيلو ڪري منھنجو تعارف ڪرايو. پوءِ ٻڌايائين تہ اھا مائي سندن ٻيبي سٽر ھئي. ھتي اسان وارو ماحول تہ آھي ڪونہ، جو مڙس وھو ڪم تي تہ زال ٻار سنڀاليندي. جي ڪٿي اھا بہ ڪيڏانھن وئي تہ ڏاڏي يا ناني پڻي ٻارن سان مٿو ھڻندي آھي. ھتي تہ ماءُ پيءُ وڃن ڪم تي ۽ پويان ٻارن لاءِ ٻيبي سسٽرس ويٺيون آھن، جيڪي ڪلاڪن جي حساب سان ڊالر وٺن. امر کي چيم تہ مونکي بہ پيٽ زينا ۽ پاءُ اسلم جي ٻارن کي ريجھائڻ جو وسيع تجربو آھي سو جيڪڏھن ڊالر ڪٿي پون تہ اھو ڪم آئون نہ ڪري سگھان ٿو. ھو پھرين تہ کلڻ لڳو پر پوءِ ڪجھہ دير سوچي چيائين، ”جي ٻار نيپي خراب ڪري ڇڏين تہ پوءِ؟“

اھو واقعي پيچيدو مسئلو ھو. آمريڪا ۾ ٻارن کي ڪڇ ۾ ڪڻڻ جو رواج بنھہ ڪونھي. ھتي ٻارن کي دل ۾ تہ ٻار سمجھيو آھي پر ٽريٽ وڏن وانگر ڪبو آھي. نہ سائن ڪوڙو وعدو ڪبو نہ غير ضروري طرح دڙڪو ڏبو آھي. گھر پھتس تہ پاءُ الطاف بہ اچي چڪو ھو. بيئر جو ٽين فرج مان ڪڍي مونکي وٺس موجود سانا جو پرنٽيڊ ريڪارڊ ڏيکارڻ لڳو. آئون بہ کيس ڪتاب ڏيڻ لاءِ مٿين ڪمري ڏانھن آيس پر ٽڪڙ ۾ ڏاڪڻ تان پير ترڪي ويو ۽ ذري گھٽ ٽنگ ڀڄائي ھئم. نڪاءُ تي الطاف ھڪل ڪئي، ٻہ ٻڌايو مانس نہ خير آھي: ھتي آمريڪا ۾ گھر سڀجي جا سڀجا ڪاٺ

جا ٿهيل ٿين ٿا. چٽڻون، ڏاڪڻيون، پارٽيشن والس سڀ ر ڳو ڪاٺ. پوءِ ٿورو به هٿ يا پير زور سان لڳيو وڃي ته سڄي گهر ۾ آواز. ۽ شايد اهو ئي سبب آهي ته آمريڪن جا ٻار ٻارنهن ٻارنهن سالن جي عمر ۾ ئي بلوغت جو در کڙڪائڻ لڳن ٿا. ٻلا ڪاٺ جون ڀتيون ڪهڙن رازن جو امين بڻبيون.

ٻي ڏينهن صبح جو ۷ وڳي ڀاءُ الطاف وارن ڪان موڪلائي واشنگٽن روانا ٿياسين. اسٽاپ تي جيسين بس هلڻ نه شروع ڪيو، تيسين ننڍڙو امر هٿ کي لوڏيندو رهيو. اسان سان جيترو پنهنجائپ وارو رويو ڀاءُ الطاف ۽ ادي شمع جو هو اوترو ئي پيار امر ۽ اياز سان ٿي ويو هو. واپسي جو سفر به رستي جي نظارن ڪري ٺيڪ رهيو. واشنگٽن پهچي سڌو P.I A جي آفيس ۾ آياسين. سائي لباس ۾ گهري لپاسٽڪ لڳل پنجابي ڇوڪري اسان جي ٽڪيٽن جا تفصيل ڪمپيوٽر ۾ فيڊ ڪري ٽڪيٽن تي لنڊن جي فلائيٽ لاءِ اسٽيڪر هڻي ڏنا. ان دوران هڪڙو همراهه ٻـر واري ڪمري مان آئي آيو ۽ ڇوڪريءَ کان هڪ چاٻي وٺي هليو ويو ۽ ڪجهه دير کان پوءِ اها موٽائي ڪٺي آيو. اسين اٿياسون ته هڪ ٻي مائي اردو ۾ ڪائنٽس چاٻي گهري ۽ اسان سان گڏ ئي ٻاهر نڪتي. لفٽ جي لاءِ سامهون اچي بيٺاسين ته خبر پئي ته اها چاٻي ٽوائلٽ جي هئي ۽ اهڙي چاٻي بلڊنگ جي هر آفيس کي ڏنل آهي ته جيئن ڪو ٻاهريون ماڻهو ٽوائلٽ استعمال نه ڪري وڃي. ڇنبو نـه هتي ماڻهن جي بنيادي ضرورتن تي بـه تالا لڳل آهن. هاڻ سائون واشنگٽن جو شهر، اسان پاري ڪنهن همراهه تي بري مهل اچي وڃي ته پوءِ ته سر ئي هلڻو وڃي. نـه ڪا مسجد، نه ڪا ريلوي اسٽيشن، ويجهو ڪو جهنگ به ڪونهي. بلڊنگن، اسپتالن ۽ هوٽلن ۾ ٽوائلٽن کي تالا، جي ايمرجنسي ۾ ماڻهو ڪو ڪنڊ پاسو وٺي ته سوين ڊالر جرمانو. آمريڪا نه ٿي عذاب ٿي پيو. پنهنجو ملڪ آخر پنهنجو ملڪ آهي، جتي وٺي اٿي منهن جا پڪا ٿي ويهي رهو. سون پي آئي اي جي آفيس مان ڏي سائين بدر کي فون ڪري ڇڏيو

هو ۽ هن ڪلاڪ کن کان پوءِ ميڪڊونلڊ ۽ سڌارٿا جي سامهون پارڪ وٽ اچڻ لاءِ چيو هو پر هاڻ ٽڪيٽ واري ڪم مان ته رٿيل وقت کان جلدي جان ڇٽي وئي. هاڻ ڇا ڪجي؟ مسئلو حل ڪرڻ لاءِ اسان آئسڪريم جي فرمائش ڪئي. پر اها کائڻ ۾ به ٻه ويهارو کن منٽ مس لڳا. مجبورن پارڪ ۾ هڪڙي بينچ تي قبضو اچي ڪيوسين جتي مون ٽائيم پاس ڪرڻ لاءِ گل چانگ جو لکيل ڪتاب 'پنهنجي ٻچار' پڙهڻ شروع ڪيو. اڃان ٽيهارو کن صفحا مس پڙهيا هوندم ته خيال آيو ته آڏون 1990ع ۾ واشنگٽن جي وچ بازار وٽ سنڌي هاري تحريڪ جي 76ع 77ع واري دور جي تاريخ پيو پڙهان. بس پوءِ ته ذهن ۾ دلچسپ خيال هڪٻئي جي جاءِ تڪڙو تڪڙو وٺڻ لڳا. هاري ڪارڪنن جا حوصلا، بدين ۽ ٺٽي ۾ هارين لاءِ عوامي تحريڪ جون هلايل جدوجهدون، اليڪشن جو ورڪ، وڏيرن جا داوَ پيچ، هيڏانهن وري دنيا ئي ٻي. هتي K اسٽريٽ جي ماڻهن ۽ ڪيٽي بندر، ڪولاڙچي ۽ جوهي جي ماڻهن جي وچ ۾ ٻن صديُن جا مفاصلا آهن. اهي مفاصلا ڪڏهن گهٽجي نه سگهندا؟

بدر شيخ ايندي شرط اعلان ڪيو ته اڄ سرسري طور تي اوهانکي واشنگٽن جو اهم جايون ڏيکاريون . سوُر شروع ٿي ويو. ٿي واشنگٽن مانو مينٽ آهي 152 ميٽر اوچو. چوڌاري ماڻهن جا هجوم هئا. مون هڪ ٿلهي مائي جو فوٽو ڪڍيو جنهن جي فڪر ڏسي خبر ٿي نه ٿي پئي ته هوءَ آئي پئي يا وئي پئي. ڪجهه مفاصلي تي لنڪن ميموريل آهي اندر ڪرسيءَ تي ابراهام لنڪن پروقار انداز ۾ ويٺل آهي. مونکي والٽ وٽمين جي نظم ياد اچي وئي،

"O captain my captain
Our fearful trip is done
the ship has weather'd every rack
the price we sought is won."

ڇا واقعي آمريڪين اهو سڀ ڪجهه حاصل ڪري ورتو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي جنهن کي لنکن چاهيو ٿي. اڄ جڏهن لنڪن ميموريل ۾ ڪرسيءَ تي ويٺل ڪيپٽن جيترو ٻي ٻاهر نڪري اچي ته پنهنجي ملڪ جي هزارين ماڻهن کي ايڊز جو شڪار ڏسي، هزارين بيوس ۽ مجبور پوڙهن کي سنسان گهرن ۾ قيد تنهائي ڪاٽيندو ڏسي، هزارين نوجوانن کي ميءَ کان بچڻ لاءِ سب وي جي پليٽ فارمن تي ستل ڏسي ڇا سوچيندو؟ اڳتي هلي سمٿ سونين انسٽيٽيوشن ميوزم آهي. اتي رائٽ پائرن جو پهريون جهاز به رکيل آهي ته آرمسٽرانگ جي خلائي گاڏيءَ جو ماڊل پڻ.

بائنڪ گارڊن جي سامهون ڪيپيٽل هل بلڊنگ آهي. ان بلڊنگ ۾ بينظير ڀٽو ڪانگريس کي خطاب ڪري چڪي آهي. ڪجهه پريرو وائيٽ هائوس آهي. اهو ئي وائيٽ هائوس جتي گورباچوف، ٿيچر ۽ متران جهڙن عالمي ليڊرن جو استقبال ته آمريڪي صدر ڪندو ئي آهي پر فن ۽ فنڪارن سان آمريڪن جي والهانه عقيدت طور مائيڪل جيڪسن جو پڻ زبردست آڌر ڀاءُ ڪيو ويو آهي.

ان ساڳي علائقي ۾ هڪ ٻي جاءِ جيڪا ڏسڻ وٽان آهي سا آهي لائبريري آف ڪانگريس. 27 ملين بُڪس. يعني ٻه ڪروڙ ستر لک ڪتاب. ڪتاب جي دنيا يا ڪائنات ڪٿي ڇنجي. ماڻهو 24 ڪلاڪ پڙهي ۽ سؤ سالن تائين پڙهندو رهي، تڏهن به ان جو هڪ سيڪڙو ڪتاب به نه ڪتائي سگهي.

رابرٽ F ڪينيڊي ميوزم کان اڳيان هڪ وڏو اسٽيڊيم آهي. جتي راند يون ۽ ڪنسرٽ ٿينديون آهن. اسٽيڊيم جي پرسان اناڪوسٽارور وهي رهي هئي. ان وٽان لنگهي اڌ ڪلاڪ جي ڊرائيو کان پوءِ بدر صاحب جي گهر پهتاسين. هڪ خاص ڳالهه جيڪا مون محسوس ڪئي سا اها ته رستي ۾ ڪنهن هڪ گاڏي جو به هارن نه ٻڌم. ڀيو ڪير غلطي ڪري ته ڊرائيور هارن به وڃائين. اسان وانگر پنهنجي موجودگيءَ جو احساس ڏيارڻ لاءِ هتي هارن ٺورو ئي وڃائبو.

Scanned with CamScanner

رات جي ماني کائي اڃان ڪچهري پئي ڪئيسين ته ادي شيرين فاروقي فون ڪيو ۽ ٻئي ڏينهن لنچ جي دعوت ڏنائين. ٻڌايومانس ته اسين ٻنپهرن جو لنڊن وڃي رهيا آهيون. پر تمام گهڻو زور ڀريائين. بدر صاحب سان صلاح ڪيم ته چوڻ لڳو، ”جي ماني ٽائيم تي تيار هجي ۽ رستن تي حد کان وڌيڪ رش نه هجي ته پوءِ توهان کي ٽائيم اندر ايئرپورٽ پهچائي ڇڏبو.“

ماني کان پوءِ بدر صاحب جي ڀائيٽي سان ڪچهري ٿي، جيڪو هتي پڙهي رهيو هو ۽ جاب به پئي ڪيائين. ان ٻڌايو ته آمريڪا ۾ پڙهائي ڪريڊٽ هاورز ۾ ڳڻبي آهي، جي ڪو شاگرد ڪو سبجيڪٽ هڪ ڪلاڪ ڪلاس ۾ ۽ ٻه ڪلاڪ گهر ۾ پڙهي ته اهو هڪ ڪريڊٽ ڳڻبو. هتي M.S سال ڪن ۾ ٿيو وڃي ۽ ان لاءِ تقريباً 30 ڪريڊٽ مڪمل ڪرڻا پون ٿا. پڇيومانس ته هو هتي اميگرنٽ (گرين ڪارڊ هولڊر) ڪيئن ٿي سگهندو. ٻڌايائين ته ڪوبه وزٽ ويزا تي آيل، جيڪڏهن ڪنهن آمريڪن گرين ڪارڊ هولڊر سان شادي ڪري ته ٽن سالن اندر ان کي به گرين ڪارڊ ملي ويندو آهي. پر شرط اهو آهي ته اها شادي ٻه سال هلي به ههي.

ٿورڙي دير کان پوءِ هو يار ته ٿيو جاب تي روانو ۽ منهنجي چارج ٿي بدر صاحب جي ٻارن صوبيه، شهزاد ۽ صنوبر جي حوالي. وڏين اکين واري صوبيه جي عمر 16 کن سال هوندي. سندس ڏندن تي سنهيون اسٽيل جون تارون چڙهيل هيون. ٻڌايائين ته اهي ڏندن کي سڌو رکڻ لاءِ هونديون آهن ۽ ڪجهه عرصي کان پوءِ لاهي ڇڏبيون آهن. مون کي ليڊيس واري ڊورا ياد اچي وئي، اها جڏهن شاهپور چاڪر ۾ سنڌيائي تحريڪ جي ڪانفرنس ۾ ملي هئي ته سندس ڏندن تي چڙهيل تارن سڀني ماين کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو هو. ڪافي پيئڻ کان پوءِ شهزاد ۽ صنوبر مون کي ٻاهر سيون اليون اسٽور گهمائڻ وٺي هليا، جتان رات جو 10 ڏاڍي موٽي وري ٽي وي ڏسڻ لڳاسين. ننڊ کان منهنجون اکيون ڳريون پئي ٿيون، پر هنن ننهي جي دل رکڻ لاءِ زبردستي سندن پسند جي ويڊيو فلم پئي ڏٺم.

ٻي ڏينهن صبح جو ڏهين بجي اک کلي. شاور وٺي سامان وغيره پيڪ ڪري، مسز شيرين جي گهر آياسين. پاڻ اصل شڪارپور جي هئي. سندس شادي هڪ مهاجر ظفر فاروقي سان ٿيل هئي. ظفر صاحب هو ته مهاجر پر مهاجر لڳو صفا نٿي. ڇهڙو روبو بهتر هئس اهڙوئي آواز. حالانڪ سانا جي فنڪشن دوران ڊاڪٽر فيروز جي ساڻس هڪ جهڙپ به ٿي چڪي هئي، پر پاڻ اوڏي مهل به ڏاڍي ڳالهه لنوائي ويو هو. ساني ۽ ڪان اڳ ۾ ادي شيرين ڪيسٽ رڪارڊر ڪڍي اسان جا نغما رڪارڊ ڪرڻ لڳي. ان مختصر محفل ۾ بدر صاحب جي گهر واري ۽ ادي شيرين جي لاس اينجلز ڪسان آيل هڪ ساهيڙي محترمه فريده جکراڻي به ويٺل هيون. ڳالهين ٻي ڳالهين ۾ ادي شيرين جي وات مان نڪري ويو ته ظفر به سٺو ڳائيندو آهي بس پوءِ ته ادي فريده پنهنجي ديس ۾ مجبورن کيس ڳائڻو پيو. چا سندس آواز هو،

”پيرين پوندي سان چوندي سان رهي وڃ رات پنهور ۾“

تنگ توري چڙهائين. همراهه جي انداز ۾ درد ۾ ٻڏل آواز سان لڳو پئي ته ڪا تڙپ آهي جيڪا کيس بيچين ڪندي اچي. اجان ڳايائين پي ته سندس پنجويهه ڪن سالن جي نوجوان پٽ وچ ۾ اچي ٽوڪيو، ”ابو اوهان جي طبعيت ٺيڪ ناهي، اوهان کي ڳائڻ نه گهرجي.“ چوڪري جي ڳالهه ته صحيح هئي، پر لهجو انتهائي جارحانه هئس. پر چمڪنڊڙ اکين وارو ظفر نه مڙيو،

”جو تم کو هو پسند وهي بات ڪرين گي“

مڪيش جي مشهور گاني ان مهل آمريڪا ۾ اسان جي دلين تي اسڪرين ۽ اسپيڪرس کان به وڌيڪ اثر چڙهيو. هر گاني لاءِ اهڙوئي ڪو ماحول گهرجي. اڄ اسين هنن هيڏن سازن مهربان ماڻهن کان موڪلائڻ وارا هئاسون، ان ڪري ٿي شايد پيٿمڪ گانا ٻڌڻ تي دل پئي چيو. هونئن به ويسٽرن ميوزڪ ۾ جتي بنيادي اهميت آلاتي (Instrumental) ميوزڪ کي آهي، اتي ووڪل ميوزڪ جو ڪو عام رواجي نموني ٿي ڪلي ٻڌجي ته اهو به زبردست

اثر ڇڏيندو آهي.

سيمي جي زور ڀرڻ تي ادي شيرين ۽ پوءِ مون به پنهنجي ڀڃڊي آواز ۾ پهرين مهدي حسن جو ”بهت ياد آئين گي وه دن“ پوءِ شيخ اياز جو، ”منهنجا پرين او بانورا“ ٻڌايو.

ماني لڳي چڪي هئي، اسان کي به ايئرپورٽ پهچڻو هو، ان ڪري ٽيپ رڪارڊ کي آف ڪري ٽيبل جو پاسو اچي ورتوسين، جتي خوش خوراڪي جو مظاهرو ڪندي ادي فريده سان تفصيلي تعارف ٿيو. پاڻ بئنڪ ۾ ملازم هئي. سندس گهر وارو پهرين ڪسٽم ۾ هو پر هاڻي ڪافي عرصي کان هتي سيٽ ٿيل آهي. ٻڌايائين ته يوسف جکراڻي سندس گهر واري جو سڳو سوٽ آهي. سياست متعلق ڳالهه ٻولهه دوران ظفر صاحب ۽ منهنجي موقف ۾ اختلاف ظاهر ٿيا ته ادي فريده پڇيو، ”پاڻ وٽ 24 ـ 25 سالن جا ڇوڪرا رڳو شوبازي ۾ پورا هوندا آهن. تو کي ادب ۽ سياست سان ايڏي دلچسپي ڇو آهي.“

ڇيو مانس، ”سنڌ جي اها ضرورت آهي ته ستن سالن جو ٻار به پنهنجا سڄڻ ۽ دشمن سڃاڻي سگهي.“ آخر ۾ موڪلائڻ مهل ادي شيرين ۽ ظفر صاحب اسان جا الاهي سارا فوٽو ڪڍيا.

بدر صاحب جي ڏکڻي ڪار هاڻ نيشنل ايئرپورٽ ڏانهن ڊوڙي رهي هئي ۽ مون دل ۾ ٽريفڪ گهٽ هئڻ لاءِ دعائون پئي گهريون. بهرحال خير ٿيو ۽ مقرر وقت تي پهچي بدر صاحب ۽ سندس گهرواري کان گرمجوشي سان موڪلايوسين. شهزاد ۽ صنوبر ٽيستائين ٻاءِ ٻاءِ ڪندا رهيا، جيستائين شوشي سان نظر ئي پئي.

ٽرانس ورلڊ جي واشنگٽن کان نيويارڪ جي مختصر فلائيٽ ۾ پهرين ڀيرو جيان فقط ايپل جوز ئي نصيب ٿيو. نيويارڪ ايئرپورٽ تي اميگريشن وارن پاسپورٽ کي هٿ به ڪونه لاتو. ڏاڍي حيرت به ٿي ۽ مونجهارو پڻ. حالانڪ انڊيا ۽ انگلنڊ به وڃي چڪو هئس، پر اتي ته واپسي مهل EXIT جو ٺپو هڻندا آهن. ڪئنيڊي ايئرپورٽ تي هڪ واقف چهرو پڻ نظر آيو. هڪ سانوري رنگ جي ڊٻل وائٽل

چوڪري سامان تي ٽيگ هڻي رهي هئي. هن به شايد مون کي سڃاتو، سو ويجهو اچي هيلو ڪيائين. مون کي ياد اچي ويو ته محترمه مهراڻ يونيورسٽي جي شاگردياڻي رهي چڪي هئي ۽ اسان کان ٻه سال سينئر هئي، نه صرف ايترو پر ڪن چڱن ذهنن ۾ پوائنٽ بس ۾ هرويرو چوڪرن کي سيٽن تان اٿاري پاڻ قبضو ڄمائيندي هئي. اهي پراڻا پلانڊ چڪائڻ لاءِ منهن تي اجنبيت آڻي رُکو ٿي چيو مانس، ”اوهان جو تعارف.“

هن ويچاري انتهائي نوڙت سان نه صرف واقفيت ڪرائي بلڪ ڪم مان واندي ٿي، سٺ سيٽن جو نقصان برداشت ڪري مونکي ڪوڪ به پياري. لنڊن لاءِ پان آمريڪن جي فلائيٽ ڏيڍ ڪلاڪ ليٽ هئي. مسافر بظاهر لاپروائي سان مختلف ڌنڌن ۾ لڳا پيا هئا. ٻه پوڙها سڪ شطرنج کيڏي رهيا هئا. سڪ ۽ شطرنج! حيرت ته مون کي به ٿي پئي، پر ڇا ٿو ڪري سگهجي. پرڀان ڪنڊ ۾ ٿي پوڙهيون، جن جون عمرون سٺ کان به مٿي هونديون انتهائي غور سان تاش کيڏي رهيون هيون. سنڌن انوالمينٽ ڏسي لڳو ٿي ته ڇڻ ڳوٺ منگر خان پليجي واري پرائمري اسڪول ۾ ڇورا سائين سلوءَ کان لڪي دروازا بند ڪري پتا ڪڏندا هجن. لائونج ۾ طرح طرح جا چهرا هئا، در اصل هي سڄو ملڪ ئي مڪسچر آهي، آمريڪي ڪو اصل آمريڪي ته آهن ڪونه، سڀ آهن ئي پناهگيرن جو اولاد، ڪي اطالوي، ڪي جرمن، ڪي چيڪ، ڪي پول. مطلب ته ڊنڊ ڊنڊ جي مڇي اچي هڪ هنڌ گڏ ٿي آهي. تنهنڪري سنڌن عادتون، لباس، پسند ۽ رويا به اڪثر 180 ڊگرين جي فرق تي هوندا آهن. جيئن ئي جهاز ۾ بورڊ ٿيڻ جو اعلان ٿيو ته وٺ پڪڙ مچي وئي. دروازي تي بيٺل پان آمريڪن جي وردي پهريل سهڻي جوان سڀ کان اڳ ۾ هڪ ويل چيئر تي ويٺل ٻار کي اڳيان ڪيو. آئون ڪجهه پيرا فضائي سفر ڪرڻ ڪري هاڻ ٻوڙڻ ٿي چڪو آهيان، سو جهاز ۾ وڃڻ شرط مٿي خاني ۾ رکيل ٻن نرم وهاڻن ۽ هڪ ڪمبل تي قبضو ڪري سڀهي رهيس. وچ ۾ رکو مانيءَ لاءِ ڪجهه، دير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اٿيس، باقي صحيح معنيٰ ۾ اڪيون انگلنڊ ويجهي اچڻ ڪان ڪلاڪ اڌ اڳ ۾ پٽيم. باٿ روم مان اکين تي پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻي واپس اچي ٽورزٽو جهڪي دريءَ مان هيٺ نگاهه ڦيرايم تہ ذهن يڪدم فريش ٿي ويو. اسين ائٽلانٽڪ سمنڊ پار ڪري چڪا هئاسين ۽ هاڻ هيٺ ساوڪ اهڙي ترتيب سان پکڙيل هئي، ڄڻ ڪنهن شرير ٻار ڪاغذ تي سائي مارڪر سان چؤڪندا گهر ٺاهي ڇڏيا هجن. ڪجهه دير کان پوءِ نازڪ ۽ نفيس ايئر هوسٽس بيلٽ ٻڌڻ لاءِ چيو ۽ اسان پنهنجون سيٽون سڌيون ڪري ڇڏيون.

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

Scanned with CamScanner

لنڊن

ساڍن ٽن سالن جي عرصي کانپوءِ ٻيهر هيٿرو ايئرپورٽ منهنجي اکين آڏو هو. مسافرن سان گڏ ٽڪڙو ٽڪڙو لائونج ڏانهن وڌندي بي‌خياليءَ ۾ غلط رستو مڙي ويس ۽ ڪويت ايئرويز جي مسافرن جي قطار ۾ وڃي بيٺس. عرب گرائونڊ اسٽاف ٻه مشڪي ”پاڪستاني“ جنهن انتظار ڪرڻ لاءِ چيو. خبر تڏهن پئي جڏهن ٻه وارين نائيجيرين پڇيو ته ڪويت ڪڏهن پهچبو. وري ساڳي ڊوڙ ڊوڙان، ٿيلها لڙڪائيندا ٻئي رستي کان لائونج ۾ اچي پهتاسين. اميگريشن تي ڪو خاص مسئلو ڪونه ٿيو، ڪسٽم تي به گرين چينل مان نڪتاسين. ساڳيو ماحول هو، سون جي تعداد ۾ سک ۽ ٻيا ايشين اچي وڃي رهيا هئا. اڪثر جي هٿن ۾ ويل ڪيريئر هئا، جن تي سامان مزي سان پئي گهليائون.

انگلنڊ جي وقت مطابق صبح جا 9 ٿيا هوندا. سون سپ کان ٻيهر پائونڊ هٿ ڪرڻ لاءِ ٽريولرس چيڪ مٽايا ته هزار ڊالرن جا فقط 516 پائونڊ مليا. اصل سُورَ ڏئي ڇڏيائون. شيشي جي پويان ويٺل مائي کي منٿ ڪيم ته 10 پينسن جا ڪجهه ڪليا ڏيکا ڏي ته فون ڪري سگهان. هاڻ اهم مسئلو هو لنڊن ۾ سنگت سات کي هٿ ڪرڻ جو. سوٽ آصف هتي نئي هو، پر ان جو ٽيليفون ڪجهه ڏينهن اڳ ڪٽجي چڪو هو. محسن باري جو به ڪو مستقل ٺڪاڻو ڪونه هو. سرور صاحب برائيٽن ۾ هو، باقي بچيو ٿي تنوير. نمبر گهمايم ته ٻاڻ ئي کنيائين. پڌايومانس، ته ايئرپورٽ تان پيو ڳالهايان ۽ رهڻ جو بندوبست ڪرڻو آهي. جواب مليو، ”اسان وٽ ڪجهه مهمان آيل آهن انهن سان گڏ ٻاهر پيا وڃون، ٽن چئن ڪلاڪن کانپوءِ موٽنداسين.“

”پوءِ ڇا ڪجي؟“ منهنجو منهن لهي ويو هو.

”اوهان هيئن ڪريو ته جيئن آصف ڪم ٿو ڪري، اتي

ڪٺي فون ڪريو.“ تنوير صلاح ڏني.

ان دڪان تان خبر پئي ته آصف هتان ڪم ني ڇڏي ويو آهي. اهو ٻيو عذاب ٿيو.

”توهانکي گهر جي ايڊريس ڏئي سگهون ٿا.“

”مهرباني.“ تڙ تڪڙ ۾ ايڊريس لکيم.

فون رکڻ ڪانپوءِ ياد آيو ته ٽيوب اسٽيشن پهچڻ تائين وري وڌيڪ پيا ڏهه پينس وڃايم. هاڻ پيٽ ۾ ذري گهٽ پوليس ڊوڙڻ لڳي هئي، سو پهرين ڪجهه کائڻ جو فيصلو ڪري، فاسٽ فوڊ اسٽال جو اچي پاسو ورتوسين. برگر جي قيمت هڪ پائونڊ پنج پينس هئي، يعني تقريباً پنجيتاليهه رپيا. ساڳيو برگر آمريڪا ۾ 70 سينٽ (16 رپين) جو هو. امان پريشان ٿيندي چيو:

”ايندي مهانگائي، آئون هتي هڪڙو ڏينهن به ڪونه رهنديس.“

”سپائي ته واپسيءَ جي فلائيٽ آهي هڪ ڏينهن ۾ ڪهڙو فرق پوندو.“ مون ڏڍ ڏنومانس. پر دل ۾ مونکي به ڊپ هو ته جي رهڻش جو فوري بندوبست نه ٿيو ته اڄوڪي رات لاءِ هوٽل تي سؤ کن پائونڊ نه وڃندا ني وينداءِ. پائونڊ سنهنجي لاءِ هن وقت ايول ڊيڊ وارين بلائن کان به وڌيڪ بدصورت ۽ ڀيانڪ روپ وٺيو بيٺا هئا. مري جهري نيٺ وڃي انڊرگرائونڊ ٽيوب جي ڪائونٽر تي ڀاڙن جي فهرست پڙهڻ لڳس. امان کي سپائي ڪراچي وڃڻو هو سو ان لاءِ هڪ ڏينهن جو ٽريول ڪارڊ ۽ پنهنجي لاءِ هفتي جي ٽن زونن واري پاس ورتم. هاڻ اسانکي آصف جو گهر هٿ ڪرڻ لاءِ ڪيليڊونين روڊ ٽيوب اسٽيشن تي وڃڻو هو، اها پڪيڊلي لائين تي هئي. ٽيلها گهليندا وڃي ٽيوب ۾ چڙهياسين. اندر گهڙڻ شرط مونکي هڪ عجيب سڪون جو احساس ٿيو. واشنگٽن ۾ آئون هڪ دفعو به سب وي ۾ نه چڙهيو هئس. ضرورت ئي محسوس نه ٿي هئي. هاڻ لنڊن ۾ انڊرگرائونڊ جو پاڪيٽ سائيز نقشو هٿ ۾ جهلي آئون شهر ئي چڪر هڻس. هفتي ٽائيم سنهنجي سفر تي ڪاٻه جهل پل

ڪانهن هئي، رڳو ٽڪيٽ چيڪرس کي پاس ڏيکارڻي هئي. ٽيوب ۾ هيٿرو جي ٽنهي ٽرمينلن تان چڙهيل مسافرن جي بيحد رش هئي. اسانجون نظرون پنهنجي ڪئبن ۾ رکيل بيگن تي کتل هيون. هڪ پاڻي هيڏانهن هوڏانهن نهاري ان تي ويهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اسان جي تيز گهور کيس شڪي ٿي بيگن وٽان هٽي ويو. ڪنگس ڪراس ڪانپوءِ ڪيليڊونين روڊ اسٽيشن تي ٻاهر نڪري، پهرين ويجهي جيل جو ڏس ورتوسين، ڇاڪاڻ ته ڪيرڪ هائوس نالي رهائشي بلڊنگ بلڪل جيل سان لڳو لڳ هئي. بيگون ڇڪي ڇڪي اسانکي پگهر اچي ويو هو. هاڻ جي اتي به ڪمرو نه هوندو ته پوءِ؟ ٻچي ٻچي اسٽور واري جي ڏس ڏنل فليٽ جي بيل وڄائيم. "Who is There". ايشين ايڪسنٽ ۾ انگريزي گونجي.

مون ان سوران ته متان پيو ڪمرو متان ٿي جواب نه ڏي، وات سان لفظ به ڪونه ڪڍيو ۽ ٻئي بيهر دٻائي ڇڏيم. ڏاڪڻ تي قدمن جا آواز اچڻ لڳا ۽ پوءِ اکيون ٺري پيون، انگريز نه ته ڪا ماڏري ڊيڪشنٽ يا ڪا بروڪ شيلڊ اکيان ظاهر ٿي هئي، بلڪ هڪڙي صحت مند، پيٽ نڪتل ۽ تازي شيو ڪيل بنڌري نوجوان کي ڏسي خوشيءَ وچان منهنجا دوڏا نڪري آيا هئا. اسين لنڊن ۾ هتيڪا ٿي چڪا هئاسين. محسن باري سامهون بيٺو هو.

"اوهو اياز خان هين!" پاڪر پاڻي هڪدم بيگ هٿن مان ورتائين. متي امان جو سامان هڪ ڪمري ۾ رکي ڊرائنگ روم ۾ داخل ٿياسين ته سامهون صوفا تي آصف لنگ ٽنگ تي چاڙهي ٿي وي ڏسي رهيو هو. هاڻ چرڪ پرڻ جو وارو هن جو هو.

"تو هين! هتي!"

سندس اکين ۾ خوشي وچان ذري کهٽ ڳوڙها پرجي آيا. گهر ۽ مائٽن کان پري ڇهن مهنن کان سنڪ ٿيل هڪ 18 سالن جي ڳوناڻي ڇوڪري کان توقع به اهڙي ئي گرمجوشي جي هئي. آصف ظاهر سا ڳهو هو، رڳو سچون غائب ٿي چڪيون هئس. هو پيترو ته ايڪسائيٽيڊ هو جو حال احوال ڪرڻ بدران هڪدم اسٽور!

تان ڪڪڙ جو گوشت وٺي اسان لاءِ ماني تيار ڪرڻ ڪچن ۾ گهڙي ويو. پر پوءِ اسان وچي زور ڀريس تہ توهان هتي رکو پاڻ پيا رڌيو ۽ کائو، اڄ آئون ئي رڌي ڏيانو.

محسن ساڳيو جو ساڳيو هو. اهاڻي بيباڪ اسٽائيل ۽ سرائيڪي لهجي ۾ انگريزي. جڏهن اسان گرم گرم ديڳڙو پوڙ سميت ٽيبل تي اچي رکيو تہ خوشبو سونگهي ئي اسانجي وات ۾ پاڻي اچي ويو. مون ٻہ گهڻن ڏينهن کانپوءِ بنان حجاب جي ماني کاڌي. آصف ۽ محسن تہ آخر ۾ پليٽون بہ چٽي ڇڏيون. ماني کانپوءِ اسان ڪجهہ دير آرام ڪرڻ هلي وياسين. باقي آئون جهاز ۾ ننڊون جام ڪري آيو هئس. سو ٻنهي يارن سان حال احوال ڪرڻ لڳس. پرڏيهائون تہ جي اسين ڪلاڪ ڪن ليٽ اچون ها تہ ساڻن ملاقات ڪانہ ٿي سگهي ها، ڇاڪاڻ تہ اڄڪلهہ ٻئي فارغ آهن، انڪري رات جو دير تائين جاڳڻ جي ڪري صبح جو 11 ڌاري آٿي پوءِ ڇڪر پاڻي تي نڪري ويندا آهن. سنڌس هي فليٽ سواڙ تي هو جنهن ۾ ٻہ ڪمرا ۽ هڪ ڊرائنگ روم هو. آصف پهرين هڪ اسٽور ۾ ڪم ڪندو هو. پر مزو نہ آيس، سو هفتو ڪن اڳ ڪم ڇڏيو هئائين. باقي محسن صاحب تہ هونئين سياسي پناهہ جي نالي ۾ برطانوي گورنمنٽ کي ڦريو موجون پيو ڪندو هو. آصف کي ڪوٽ جو الاهي فڪر هو. فلاڻي جو نڪاح ٿيو يا نہ؟ پوٽي ڪنهن جي ڪنهنجي پٺي؟ نوڪري ڪنهن ڪنهن هٿ ڪئي؟ هو ڀڪ ساهي الاهي سارا سوال ڪري ويو.

انڪل ٻي بجي ڌاري اسين اسان کي لنڊن جو مختصر سير ڪرائڻ نڪتاسين. حالانڪ آصف کي هتي ڇهہ مهينا کن ٿي ويا هئا، تڏهن بہ مونکي رستن ۽ ٽيوب جي باري ۾ ڪٿي بہ سنڌس رهنمائي جي ضرورت نہ پئي. اسين پهرين سڌو ٽرافگر اسڪوائر تي آياسين. اڳي جڏهن هتي آيو هئس تہ جنوري جا ڏينهن هئا، تنهن ڪري رکو ايڪڙ ٻيڪڙ ٽوئرسٽ نظر پئي آيا. پر هي گرمين جو موسم هو، سو سڄو يورپ جهڙو ڪر لنڊن اچي ڪڙڪيو هو.

چوڪ تي لڳل ڦوهارن ۾ مختلف عمرين جا سياح پاڻ پسائي رهيا هئا. اسان آتي ٺهيل وڏن شينهن جي مجسمن وٽ ويهي، تصويرون ڪڍرايون. چوڪ تي چوڌاري ستونن جي تعداد ۾ ڪوڪ ۽ ٻيهر جا خالي دٻا پکڙيا پيا هئا. اتان آتي پوءِ ٽيمز ندي ڏانهن ايندي، رستي ۾ ملڪه جي محل آڏو بيٺل سپاهين کي ڏسي، اسان انهن کي چرچو ڪرايو ته اهي ڪٿي مجسما آهن. گارڊ چريا ڦريا بنهه ڪونه ٿي، سو اسان ٻنهي ڀيرين ته منجهي پئي، پر پوءِ هڪڙي کي اک ڇنڀيندي ڏسي ڳالهه سمجهي وئي. اتي هڪڙي پاڪستاني فيملي انهن سپاهين سان تصوير ڪڍائڻ پئي چاهي، سو مونکي چيائون.

اڃان اتي ئي بيٺا هئاسين ته ٻه ڇوڪريون اسان ڏانهن وڌيون، ”هم ني آپ ڪو ٽي وي پر ديکها هي.“ پنهنجو تعارف ڪرائڻ کان پوءِ اسان کي صلاح ڏنائون ته جيڪڏهن هو چاهي ته بي بي سي لاءِ سنڌس انٽرويو رڪارڊ ڪرائين. اسان کين ٻڌايو ته هو ٻيا ڏينهن واپس پئي وڃي.

ٽيمز ڏانهن ايندي رستي ۾ فٽ پاٿ تي هڪ ويهارو کن سالن جي معصوم ڇوڪري ڪوڪ جا ٽن وڪڻي رهي هئي. اسين بچت جي موڊ ۾ هئاسين ته ٻه الاهي ڇو پوٽا ٻه پائونڊ وڃائڻ جو فيصلو ڪيم. اڃان پئسا ڏنا ئي ڪو نه آصف ڏٻي کي هٿ لاهي چيو، ”هي ٽڏو ڪونهي اکيان وٺنداسين.“ ڇوڪريءَ جو منهن لهي ويو. اهو ڏسي يڪدم آصف کي چيم، ”اسان کي زڪام آهي، تنهن ڪري گرم ٻه هلي ويندا، باقي تون ڪٿي آئسڪريم وٺينس.“ ڇوڪريءَ جي منهن تي ٻيهر سرهائي اچي وئي ۽ مرڪي ٿينڪ يو چيائين.

ٽيمز جي وچ ۾ بيٺل هڪ جهاز تي خوبصورت ريسٽوران ٺهيل هو. اسان کي کائڻو ته ڪجهه به ڪونه هو، باقي ان تي چڙهي فوٽا ضرور ڪڍراياسين. ٽيمز جنهن کي انگريز اديبن ۽ شاعرن پنهنجي لکڻين ۾ هڪ شاهڪار بنائي پيش ڪيو آهي. تنهن جو هي ڏيک اسان کي گهڻو متاثر نه ڪري سگهيو. خيال آيم ته جڏهن

سنڌوءَ جو پاڻي ڪُٽلندو آهي تڏهن المنظر وٽان منظر ڪيڏو نہ وڻندڙ هوندو آهي. پر اڄ‌ان بہ ڄي ڄامشوري پل پرسان الجزيره هوٽل کي پيهر وسايو وڃي تہ ان جهڙو تہ ڪو اسپاٽ ئي ڪونهي. مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي تہ تنيڙي هوندي پنهي طرفن کان پاڻيءَ ۾ گهيريل ان جزيري نما هوٽل ۾ اسين هر هفتي باقاعدگي سان ويندا هئاسين. بهرحال ٿيمز جا اهي جاهہ و جلال نہ هئا. باقي ٿامس هارڊي جي ناول تي ٺهيل هڪ فلم ۾ ٿيمز جي عڪاسي انتهائي اثرائتي نموني ڪيل هئي.

اسين اٺڪل ستين ڊاري فليٽ تي موٽياسين. سڄ اڄ‌ان بيٺو هو. هتي برطانيہ ۾ گرمين ۾ سج ڪڏهن ڪڏهن رات جو 1-11 تائين بہ بيٺو هوندو آهي. امان تہ اڄڻ شرط سُمهي رهي، باقي آءُ ون ۽ آصف ڪلاڪ ڏيڍ کان پوءِ ٻاهر نڪتاسين. محسن تہ اڳ ۾ ئي هڪ پب ۾ ملڻ لاءِ چئي هليو ويو هو. ڪيرڪ هائوس کان ٿورڙي ئي پنڌ تي بس اسٽاپ وٽ بيهي ڏهہ منٽ مس گذريا هوندا تہ ڳاڙهي رنگ جي ڊبل ڊيڪر بس پرسان اچي بيٺي. مون واري پاس ٽيوب سان گڏ بسن لاءِ بہ استعمال ٿي سگهي ٿو. سو بي ڏڪ مٿي اچي ويٺاسين. هتان آس پاس جا گهر ۽ دڪان چٽا نظر پئي آيا. ويهن منٽن جي مزي وٺڻ کان پوءِ اسين آڪسفورڊ سرڪس وٽ لهي واءِ ايم سي اي جي هاسٽل ۾ داخل ٿياسين. اڳي جڏهن اهو مڪمل طرح هاسٽل هو، تڏهن اتي اڌ کان وڌيڪ پاڪستاني قبضو ڄمايو ويٺا هئا. پيپلز پارٽي جا اڳواڻ، مصطفيٰ کر، ڄام صادق علي، غلام مصطفيٰ جتوئي، مخدوم خليق وغيره بہ آتي ئي صفدر همداني ۽ محسن وغيره جي ڪمرن ۾ جمهوريت تي ليڪچر ڏيندا هئا، تہ ساڳي وقت پليجي صاحب ۽ ڪاڪي ڊر جي پين اڳواڻن پاران پاڪستان ۾ هارين جي بيداري، صوبائي مختياري ۽ افغان انقلاب تي ليڪچرن ۽ مارشل لا مخالف تقريرن جو گڙ بہ YMCA ئي هوندو هو. هاڻ اهو مرڪز تقريبن ويران ٿي چڪو هو. انتظاميہ هاسٽل کي هوٽل بنائي ڇڏيو هو ۽ پيپلز پارٽي جا سياسي پناهہ ورتل رهنما

وطن موٽي وزيراعظم ۽ وزيراعليٰ جا مشير ۽ مختلف ادارن ۾ 18 گريڊ جا آفيسر بڻجي چڪا هئا. پر خيراچان به ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو نه صرف موجود هئا، بلڪه هاسٽل انتظاميه سان قانوني مقابلو به ڪري رهيا هئا. اسين سڌو سيڪنڊ فلور تي ملڪ دوست محمد جي ڪمري تي آياسين ته همراهه نه پاڻ هو نه ئي محسن. اتان نڪري هاسٽل جي پويان مين روڊ تي بلوبوسٽر بار ۾ آياسين ته، ڪائونٽر جي اونچي اسٽول تي ويٺل محسن لاگر جا سرڪ پريندي شراب ۽ بيئر ورهائيندڙ ڇوڪري سان چرچا ڀوڳ ڪرڻ ۾ مصروف هو. پر لڳو ٿي ته ڇوري ۽ ڪوس لنوايو پئي. اسان کي ڏسي يار اسان لاءِ به لاگر جا ٻه وڏا مگ ورتا. اندر ئي پريان ڪنڊ ۾ ويڊيو گيم جي مشين به رکيل هئي، جنهن تي به قداور گورا ڪيڏي رهيا هئا. پر واري ٽيبل جي چوڌاري ٽي چار سوچارا مهاڏيا ڪنهن ڳالهه تان ٽهڪ ڏئي رهيا هئا. مگ جلدي پورو ڪري آصف محسن کي ڊسڪو ۾ هلڻ لاءِ چيو. هن جواب ڏنو ته اڌ ڪلاڪ کان پوءِ هلنداسين. آصف مونکي ڪن ۾ چيو ته هي هتي جي جان ڇڏيندو ڪونه ۽ هوڏانهن ڪوسٽادوراڊا ۾ سادي ڏهين ڪان پوءِ چار پائونڊ داخلا ٽڪيٽ آهي.

”ڪوسٽادوراڊا وري ڇا آهي؟“ پڇيو مانس.

”اسپينش ڊسڪو ڪلب.“ آصف وراڻيو.

هاڻ مون به محسن کي اٿڻ لاءِ زور ڀريو پر ڏکي بحث کان پوءِ طي اهو ٿيو ته اڌون ۽ آصف هينئر ئي ڪلب ۾ وڃي ڪجهه دير اتي ويهي در تي بيٺل همراهه کي اهو تاثر ڏئي موٽي اچون ته اسين سويل ڪان ئي ڪلب ۾ ويٺل آهيون. هتي اڪثر ڊسڪو ڪلبس ۾ رات جو سادي 10 کان پوءِ داخلا ٽڪيٽ هوندي آهي. ڇاڪاڻ ته اهي ڪلب صحيح معنيٰ ۾ مچندا ئي اڌ رات جو آهن. باقي ان کان اڳ بنان ٽڪيٽ وڃو ته به ڪلب وارن جو ڪو ئي فائدو ٿيندو. ڇاڪاڻ ته ڪو به شريف ماڻهو ڊانس جي انتظار ۾ ٺلهو ته ويهندو ڪونه، ضرور ڪجهه نه ڪجهه پيئندو رهندو.

اسان واري اٽڪل ڪامياب وڃي ۽ ٻارنهن ڏاري، جڏهن

محسن سان گڏ اندر داخل ٿياسين ته دربان اسانکي ته سڄاڻي اندر چڙهي ڏنو. باقي رهيو محسن سو ته هونئن ئي هتي جي ڪلبن ۽ ڊسڪوئن جو پراڻو شهسوار هو. محسن ايندي شرط اسان ٻنهي کان شيئر وٺي هڪ جڳ جو آرڊر ڏنو. آصف کان پڇيم ته اهو جڳ ڇا جو آهي. ٻڌايائين ته مختلف بيئر، وائين ۽ جوز مليل 12 پائونڊن جو اهو جڳ هن ڪلب جي اسپيشلٽي آهي. جڳ ۾ پيل ڇهچ ڳاڙهي رنگ جي پاڻياٺ ۾ موسمي ۽ جا ٽڪرا به پيل هئا. مون اچان سُرڪ مس پيري ته ڊرم تي ٿاپ لڳي ۽ اسٽيج تي ٻه متناسب جسم واريون قدآور عورتون ظاهر ٿيون ۽ پوءِ مونکي گلاس ۽ جڳ ته ڏهيو، محسن ۽ آصف جو به هوش ڪونه رهيو. اسپينش زبان ۾ گيت جي ٻولن تي ٻنهي خوبصورت عورتن جا پير ايڏي ته برق رفتاري سان هلي رهيا هئا، ڄڻ ڪا ڪميت گهوڙي ميدان جنگ ۾ ڊوڙي رهي هجي. ڪاٺ جو فرش سندن سينڊلن ڪري ڊرم کان وڌيڪ اثرائتي ڌمڪ پيدا ڪري رهيو هو. ماڻن جي بت جي لچڪ ۽ ڦڙتي ڏسي مون کي مانٽريال اولمپڪ واري جمناسٽڪ جي ماهر ناديا ياد اچي وئي. هو ٻئي لڳاتار ڏيڍ ڪلاڪ تائين مختلف گانن تي ڊانس ڪندڙيون رهيون. ان دوران مشهور گلوڪار جوليو اگليوس جي هڪ گاني ”نطالي“ تي سندن نيم ڪلاسيڪل رقص ته اصل ڀوڙي ڇڏيو. پوءِ جڏهن هو ٻئي ويئون ته ميز ڏانهن ڏٺم ته جڳ جو باقي تر وڃي بچيو هو. آخر آصف ۽ محسن لاءِ ته هي ۽ ڊانس نمين ڪانه هئي ته. رات جو 12 ڏاري واپس موٽياسين. اسان اچان ستي پئي هئي.

ٻي ڏينهن صبح جو محسن ٻڌايو ته نويد ۽ ڊورا هتي لنڊن ۾ آهن ۽ اسان جي دعوت ڪئي اٿن. اٽڪل 11 ڏاري مختلف ٽيوبس بدلائيندا آتي پهتاسين. سندن فليٽ ٻي منزل تي هو. بيل وڄائڻ تي ڊورا پاڻ دروازو کوليو. اندر سٽنگ روم ۾ نويد پنهنجي تازي چاول فرزند ارجمند کي ڪٽيو ويٺو هو. پر واري صوفا تي هڪ ٻي سنهري رنگ واري سمارٽ ڇوڪري ويٺي هئي. نويد ۽ ڊورا جهڙي اڳي فقط ليڊس يونيورسٽي جا بينچ فيلو ۽ دوست هئا، سي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هاڻ زال مڙس بڻجي چڪا هئا. نويد شروع کان پارٽيءَ جو سرگرم رڪن رهندو پيو اچي ۽ سندس ئي معرفت اسان جي ٻورا سان واقفيت ٿي هئي. پاڻ سنڌ ۾ گهمي وئي هئي، پر هينئر سندس ٻٽ ٻيا هئا. منهن مهانڊي ۾ به ملوڪ ٿي پئي هئي. ڪچهري دوران محسن انتهائي اعتماد سان سندن ڪچن مان وڃي بسڪٽ ۽ پيو ڪاڻ جو سامان کڻي آيو. ٻورا سندس ٻيچيني ڏسي ڪلي ڏنو ۽ ننڍڙو امان جي حوالي ڪري پاڻ اسان کي سرڪو ڪرڻ لاءِ آئي. ٻي ڇوڪريءَ سان تعارف ٿيو. سندس نالو ابن هو. پاڻ اسڪاٽلينڊ جي هئي. ڳالهين ئي ڳالهين ۾ محسن ڪيس ٻڌايو ته امان سنڌ جي قومي فنڪاره آهي. پوءِ سندس ئي زور ڀرڻ تي امان کيس ٻه نغما ٻڌايا. هاڻ جوابي ڪارروائيءَ جو وارو هو ۽ اسان کي ٻڌايو ويو ته ابن هڪ ميوزڪ اسڪول ۾ ٽيچر آهي پوءِ هن پنهنجي سريلي آواز ۾ مادام ڪوگوش جو فارسي گانو ٻڌائي زبردست داد ورتو.

ڪائينڊي پڄندي ۽ ڪچهري ڪندي پروگرام ٺهي ويو ته ڪجهه مفاصلي تي موجود ڪارل مارڪس جي يادگار هلي ڏسجي. ٻورا هڪدم چائيلڊبيگ ڳچيءَ ۾ لڙڪائي پٺ ڪري ڪٽي ان ۾ وڌو ۽ اسان جو اٺن ڄڻن جو قافلو يادگار ڏانهن روانو ٿيو. نويد کان پڇيم ته پنڌ ڪيترو پري آهي، ته ٻڌايائين ته پنجن منٽن جو پنڌ هوندو، پر جڏهن هلڻ شروع ڪيوسين ته پنجن جا ويهه منٽ گذري ويا. امان به هلي هلي ٿڪجي پئي، پر مزار اڃان پري هئي. 1980ع ۾ هڪ دفعو آئون، اسماعيل ۽ نورن سجاڳ ٻار تحريڪ جي دوري تي ٿرپارڪر ويا هئاسين. جهڏي پرسان هڪ ڳوٺ مان ٿي اسانکي ڪپرين جي ڳوٺ وڃڻو هو. سائين فيض محمد ٽالپر کان پڇيوسين ته پنڌ ڪيترو ٿيندو، ته ورايائين، ”چاڻ پهتاسين.“ بس پوءِ ساڳي اهڙي حالت ٿي هئي جهڙي اڄ انقلابي جوش ۾ ٿي پئي. جڏهن هٽي وڃي هنڌ ڪيوسين ته خبر پئي ته قبرستان ۾ داخل ٿيڻ جي ٽڪيٽ به آهي. مون سمجهو هو ته ميزبان منهن ڏيندا، پر شايد انهن جي مالي حالت ان مهل مون کان به خراب هئي، سو مجبورن ڇهه

پاڙوند ڪديڙ. اندر داخل ٿياسين ته قبرستان نه هو، ڄڻ ڪو تفريحي پارڪ هو. ماڻهو پاڻين ته ڪيترا مُردو ٿي اتي ٽڪي پوي. اسان وارا قبرستان ته اڪثر چرسين، هيروئينن ۽ پينگ جي موالين جا اوتارا هوندا آهن يا وري مزارن جي مجاورن جي عياشي جا اڏا. پر هتي قبرستان جي سڪون ڪي ڏسي اکيون ٺريو پون. خير وٺن جي جهڳٽن ۽ پرائيويسي جي لحاظ کان ته ڪي جوان هتي نه مزو وٺي ويندا هوندا، پر اهو ڪم اولاد ڏيڻ ۽ مرادون پوريون ڪرڻ جي بهاني نه پر راضي خوشي جو هوندو. اڳيان ڪجهه پنڌ تي هڪ وڏي بلاڪ تي ڪارل مارڪس جو مجسمو ٺهيل هو. ڏکڻ وڻن جي بيڪ گراؤنڊ ۾ سنڌس گهاٽا ڀرون ۽ سوچ ۾ ٻڏل اکيون ڏسي ائين ٿي لڳو، ڄڻ هينئر به هو نفيءَ جي نفي تي سوچي رهيو هجي. مٿان لکيل هو،

"The philosophers have only Interpreted the world in various ways the point however is to change it."

ان کان ٿورو ڏسي پريان مختلف ملڪن جي ڪميونسٽ پارٽين جي چوٽيءَ جا اڳواڻ دفن ٿيل هئا. ٻورا جهٽ هٽي هڪ استال تان اسان لاءِ مارڪس جي تصوير وارا پوسٽ ڪارڊ وٺي آئي. اين کي ٻنهي پاڻهن جي ڪارو فراڪ پهرل هو، سو جڏهن تيز هوا لڳي ته پرسان هڪ قبر وٽ بينچ تي ايشيائي چورن جون اکيون ٽڪري آيون.

واپسيءَ تي نويد، ٻورا ۽ اين اسان کي ٽيوب اسٽيشن ٽائين ڇڏڻ آيا. هنن الاهي زور ڀريو ته وٽن ڪجهه ڏينهن رهون، پر اسان پنهنجين ڌيئن ۽ پوٽين: سسئي، بختاور، پرهه، سونهن ۽ امرتا جي سڪ کنيو بيٺي هئي، سا ڪٿي ٿي ترسي.

سڀاڻي کان موڪلائي فليٽ تان سامان کڻي آڏون ۽ آصف، اسان کي ايئرپورٽ ڇڏڻ هلياسون. هيٿرو جي لائونج ۾ داخل ٿي، ٽرالي تي بيگ رکي بي آءِ اي جي ڪائونٽر ڏانهن پي وڌيس، ته پويان

ڪنهن سڏ ڪيو. ”اياز“ مڙي ڏٺم ته ٻه ڪهي قطار ۾ سڪهڙين سٽ جي ايڊيٽر ادي فهميده پنهنجن ٻارن سميت بيٺي هئي. چوڻ لڳي، ”تنهنجي ڪلهن تي پيل اجرڪ ڏيان ڇڪايو.“ پوءِ امان کي ٻه سنڌي اڇي سائس ملايم. هاڻ گهٽ ۾ گهٽ اهو ڪنڊڪو نه رهيو ته امان فلائيٽ دوران اڪيلي هوندي. ادي فهميده پنهنجي گهر واري حسين سان گڏ گهمڻ نڪتل هئي. امان کي ٻڌايائين ته منندس پٽ پوڻ انيس ٻه گڏ نڪتي هئي پر اها پوءِ دبئي ۾ ترسي پئي. هاڻ هي بئي ته لڳيون ڪچهريءَ ۾ باقي اڌ فرلانگ ڪن ٻه ڪهي لائين، جيسين ڪٿي تيسين مون ۽ آصف هيڏانهن هوڏانهن چڪر ڏيڻ شروع ڪيا. اڳيان ڏاڪڻ پرسان پاڪستاني آل رائونڊر عمران خان هڪ قداور انگريز ڇوڪريءَ سان ڳالهائي رهيو هو. مون ٽائيم پاس ڪرڻ لاءِ کيس سائين عالم شاهه واري واپڊا وچي هڻين،

”حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ سوين سنڌي قتل پيا ٿين، اوهان انساني بنيادن تي انهن لاءِ آواز ڇو نٿا اٿاريو؟“

هو منجهي پيو پوءِ ڪجهه سوچي ورائيائون، ”حڪومت ته اوهان سنڌين جي آهي. بينظير ڀٽو ڇونٿي قتل عام کي روڪائي.“ هاڻ منجهڻ جو وارو منهنجو هو چيم، ”اهو ته ٺيڪ آهي، پر اوهان رانديگر ۽ اداڪار پنهنجي شهرت ڪسي امن جي قيام لاءِ ڇو نٿا استعمال ڪريو.“

پڇيائين، ”گهڻا سنڌي قتل ٿيا هوندا.“

”هزار کان وڌيڪ“ منهنجي ان جواب ڏيڻ شرط پرسان بيٺل ٻينٽ پيل ڇهري وارو ڇوڪرو وچ ۾ ٽپي پيو، ”هي ڪوڙ ٿو ڳالهائي، سنڌي نه پر مهاجر قتل ٿي رهيا آهن.“

مونکي بخملي وٺسي وئي. چيم، ”بڪواس بند ڪر. هي لاءِ ڪيت ڪونهي جو هر ڪنهن جي وچ ۾ ٽپي پئو.“

آس پاس بيٺل ماڻهو اسان ڏانهن نهارڻ لڳا. عمران پريشان ٿي منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي پري وٺي ويو. سندس ڳرل فرينڊ به واٽڙي ٿي ڇڪي هئي. هو مونکي سمجهائڻ لڳو، ”آئون جيڪڏهن

سياست ۾ ايندس ته منهنجي ڪينسر اسپتال وارو ڪم اڌ ۾ رهجي ويندو، تنهنجي باوجود به جيئن ئي موقعو مليو، آئون حيدرآباد اچي اتي امن امان لاءِ ڪونه ڪو پروگرام ضرور ڪندس.“

واپس وريس ته اهو ٽرڙو ڇوڪرو ڪسڪي چڪو هو. امان جي بيگ تي ٽيگ وغيره لڳرائي ڪيس ادي فهميده سان گڏ اندر روانو ڪري پوءِ اسين واپس موٽياسين. ٽيوب ڏانهن ويندي جيئن ٽڙ تڪڙ ۾ لٿس ٿي ته منهنجو ساڄو هٿ هڪ پوڙهي مسافر جي ڏکهي بيگ ۾ ٽڪاءُ تي ويو ۽ مون واري واچ پٽ تي ڦهڪو وجي ڪيو. جهڪي ڪنيم ته ڇهن وارو اسڪريو غائب هو. هاڻ ان تيزي سان هيٺ ويندڙ متحرڪ ڏاڪڻ تي ڪٿي ڳولهجي، مجبورن واچ کيسي ۾ وجهي ڇڏيم.

شام جو پوري 8 بجي محسن جو اڌ ڀانهن وارو جيڪٽ پاتي، آئون ۽ آصف آڪسفورڊ سرڪس ڏانهن روانا ٿياسين. ملڪ دوست محمد اڄ هاسٽل ۾ نه صرف ويٺو هو بلڪ اسان لاءِ لذيذ قسم جي مٺائي به ٺهي جڙي رکي هئي. هتي انگلنڊ ۾ اهڙيون خالص مشرقي شيون هٿ ڪرڻ ڪو به مسئلو ڪونهي. ساٿوت هال جو سڄو علائقو اهڙن مختلف دڪانن سان ڀريل آهي، جتي مٺايون کان وٺي ويندي نهاري ۽ پان تائين هر شي ملي سگهي ٿي. هي اهو ئي علائقو آهي جتي انگريز به پاڻ کي اوپرو محسوس ڪرڻ لڳندا آهن. ملڪ وٽ هالينڊ کان آيل هڪ اعوان صاحب ويٺل هو، جهڪو پيپلز پارٽي اورسيز جو ڪو سرگرم اڳواڻ هو. سندس ۽ ملڪ جي گرماگرم بحث ۾ اسين به شامل ٿي وياسين. ملڪ جو موقف هو ته بينظير ڀٽو جو مقصد فقط اقتدار جي ڪرسي آهي، انڪري ئي هو پنهنجي پيءُ جي قاتلن سان ناهه ڪري وزيراعظم بڻي آهي. جواب ۾ اعوان صاحب يڪدم اسلام، چئن صوبن جي اتحاد ۽ وفاق جي مضبوطي جون ڳالهيون ڪئي ڇوڻ لڳو، ”ڀٽو ته شهيد ٿي ويو هاڻ ڇا ٿو ڪري سگهجي. اسانکي ته هڪ نئون پاڪستان جي تعمير ڪرڻي آهي.“

ـمونکي چڙ اچي وئي. چيم، ”اعواڻ صاحب جنهن معاشري ۾ اڪائونٽيبلٽي نه هوندي، اتي ڪو به تعميري ڪم نه ٿي سگهندو.“

اعواڻ صاحب چيو، ”پلا اوهان ڏي ٻڌايو ته ڇا ٿو ڪري سگهجي.“

”ڪري ته گهڻو ڪجهه سگهجي ٿو.“ پٽي، فاضل، نذير عباسي سميت مارشلا جي دور ۾ قتل ٿيل هزارين ماڻهن جي قاتلن کي آيتو تنکي سگهجي ٿو، پر جي اهو نٿو پڄي ته گهٽ ۾ گهٽ فرينچ اديب ايمل زولا جيئن پٽي جي ڦاسي جي پيهر جانچ ته ڪري سگهجي ٿي. جيئن هن ڪيپٽن ڊريفس کي ڦاسي اچي وڃڻ کانپوءِ بي گناهه ثابت ڪيو هو.“

بحث جي تلخي وڌندي ڏسي محسن يڪدم هوٽل هلڻ جي صلاح ڏني. ملڪ ته مهمان کي ڪمپني ڏيڻ لاءِ ويٺو رهيو، باقي آئون محسن ۽ هڪ ٻيو دوست ارشد گڏجي ڪوسٽابڊورادا آياسين. اتي اڃان فقط هلڪو هلڪو ميوزڪ هلي رهيو هو. محسن لا گر گهرائي اسان سيني جي اڳيان رکيو ۽ هيڏانهن هوڏانهن جا احوال شروع ڪيا. ارشد محسن کي ٻڌايو ته YMCA جي اڏو ڪي ماڻهو هڪڙو سٽيرڙو ٻيلد ۽ هڪ ٻه ڪرسي اڇلائي ويا آهن. سندس خيال هو ته ساماڻ اڃان نئون لڳو پيو آهي، ان کي کسڪائجي. هتي پراڻي سامان کي ڇهتائي ڪونه رکبو آهي جيڪا شئي پراڻي ٿي يا ان جو نئون مادل بازار ۾ آيو ته ان کي گهر مان ڪڍي ٻاهر رکي ڇڏبو آهي. پوءِ يا ته ان کي ايشين يار پنهنجي گهر کڻي ويندا آهن يا وري صفائي واريون گاڏيون هٽائي ڇڏينديون. ڪچهري هلي پئي، ٽيسين انٽيهه چاليهه کن سالن جون ٻه عورتون ڪلب ۾ داخل ٿيون، مختلف ميزن جو جائزو وٺڻ لڳيون. اسان ڪانسواءِ هر ميز تي جوڙا ويٺل هئا، سو مايون اچي مٿان ڪڙڪيون.

”ڇا اسين ويهي سگهون ٿيون؟“

آصف ۽ محسن ٻئي فرش راهه ٿي ويا. ”بلڪل ڇو نه.“

انهن مان هڪڙي جنهنجو رنگ سنہ پات وٺي وئي هلڪو

براڊون تي ويو هو، ان جي فڪر ڏسي ائين ٿي لڳو، ڄڻ ريسلنگ ۾ حصو وٺندي هجي. باقي ٻي جنهن پنهنجو نالو شيلا ٻڌايو، اها ڇڱي عمر جي هئڻ جي باوجود ڏسڻ جهڙي هئي. محسن دستوري ڊانڊي ڪي شروع ٿي ويو هو، پر آصف اڃان ٿورو هٻڪيو پئي. رهياسين آئون ۽ ارشد، سو هو مونکي پنهنجي مختلف گرلز فرينڊس جي بايوڊيٽا ٻڌائڻ لڳو. ڪجهه دير ڪانپوءِ ميوزڪ شروع ٿيو ته محسن ۽ ريسلر خاتون ڊانسنگ فلور ڏانهن منهن ڪيو. شيلا جي وٺندڙ مرڪ ڏسي مون ساڻس ٻه ٽي اکر ڳالهائڻ جو اڃان سوچيو ئي پئي، پر تيسين سندس ڪاٻي هٿ جي آڱر نڪ ۾ ڦرڻ لڳي. مون هڪدم سندس فڪر متعلق دل ۾ ٺهيل مارڪن تي ليڪ ڦيري ڇڏي.

مونکي رٽائرڊ ٿيندو ڏسي آصف ڪجهه همت ٻڌي ۽ حال سارو پنهنجي انگريزي آزمائڻ لڳو. مائي ڪا هونئين ڪا ٻاڙي وٺي هئي، سو ٻن ٽن جملن ڪانپوءِ ئي ڊانس تي راضي ٿي وئي. هاڻ هو ٻئي به فلور تي نچي رهيا هئا. نچڻ جو ته خير نالو هو، نه ته آصف ته ساڻس سنئون سڌي ملهه وڙهي رهيو هو. مائيءَ جا ٻه دوڏا نڪري آيا هئا. خبر ناهي ته حيراني مان يا سرور مان. راؤنڊ پورو ڪرڻ ڪانپوءِ محسن ۽ سندس پارٽنر ٽيبل تي موٽڻ شرط پيئڻ شروع ڪري ڏنو. لڳو ٿي ته اڄ سندس ڪلب مان خالي هٿين موٽڻ جو خيال نه هو، پر مائيءَ جو نمونو ڪجهه ٻيو هو. هن شايد رڳو پيئڻ ۽ نچڻ چاهيو ٿي. محسن به جلد ئي ڳالهه سمجهي ورتي، سو هڪ ٻي گروپ جو پاسو وڃي ورتائين، جتي ارشد اڳ ۾ ئي لائين ناهي چڪو هو. آئون اڃان تائين پاڻ کي انهن روپن ۾ اوپرو محسوس ڪري رهيو هئس. ڀلا اها به ڪا تفريح آهي جو اڌ ڪلاڪ پهرين هڪ ڇوڪريءَ جي تعريف ٿي رهي آهي، ٿس دل کولي خرچ پيو ڪيو وڃي، پر جي اها ڳڌ هلڻ لاءِ تيار ناهي، ته ويرم ئي ته گذري ته همراهه ٻئي سان تيار. اڃان اهو سوچيم پئي ته ان ريسلر صدوريءَ منهنجو پاسو اچي ورتو،

"Can you buy a drink for me?"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون يڪدم محسن کي معاف ڪري ڇڏيو. ڏوهه مردن جو به ڪونهي. هي سڄو معاشرو ئي ڊسپوزيبل معاشرو آهي. ڪم لٿو ڪاڪر ڦاٽو. اسان وٽ ڪپل ٿاهڻ وڏو ڪارنامو آهي پر ويسٽرن سماج ۾ ڪپل ٺهندي دير ئي نٿي لڳي، پر اصل مسئلو ٽڪڻ جو آهي. ڪڏهن ٻه ڇوڪرا هڪ ڇوڪري تہ ڪڏهن هڪ ڇوڪرو ٻه ڇوڪريون. مسلسل ڪامپيٽيشن، هاڻ جيڪو ڦٻي.

واپسي ۾ ڊبل ڊيڪر اسان ڪان نڪري وئي. بک اچي تپايو هو، سو ڊونر ڪباب وٺي اسٽاپ تي ويهي کائڻ لڳاسين. ڊبل ڊيڪر آئي تہ سڌو مٿي هليا وياسين. پر واري سيٽ تي هڪ بيڊولو ڪارو هڪڙي پريءَ جي ٻچي سان گڏ ويٺو هو. انهن جي گهرائپ ڏسي آصف ٻڌائڻ لڳو تہ هتي ڊسڪو ڪلبن ۾ گوريون ڇوڪريون ڪارن کي انڪري وڌيڪ ٿينديون آهن جو انهن جا جسم ڏاڍا مضبوط هوندا آهن. محسن کان ان تجزيي جي تصديق ڪرڻ چاهيم تہ ڪلي ورائيائين، "يار اياز خدا جو قسم، آئون اڄ تائين ڪنهن بہ شيديءَ سان ڪونہ ستو آهيان." مونکان ٽهڪ نڪري ويو. پرسان ويٺل ڏاڍي ڳالهہ تہ ڪانہ سمجهي، پر ٽهڪ ٻڌي هرويرو پاڻ بہ کلڻ لڳو. پوءِ دوستيءَ جي اظهار طور چرس ڀريل سگريٽ جو ٽوٽو محسن ڏانهن وڌايائين. هن بہ اخلاقاً هڪڙو ڪش هڻي موٽائي ڏنس. گهر پهچي هو پئي تہ لت ڪوڙي سمهي رهيا، باقي مونکي دير تائين ننڊ ڪانہ آئي. گهڙي گهڙي پاسن ورائڻ ڪري آصف جي بہ ننڊ خراب ٿي پئي، سو آئي سٽنگ روم ۾ اچي ٽي وي کوليم، پر اتي بہ ڪاري وارا ڪڪڙ هئا. مجبورن اوريانا فلاسي جا انٽرويو پڙهڻ لڳس. مونکي ان سڄي ڪتاب ۾ ٽن ماڻهن جا انٽرويو ڏاڍا پسند آهن، هڪ گولڊا ميئر، ٻيو ذوالفقار علي ڀٽو ۽ ٽيون ولي برانڊ. اڄ رات جو ٻي بجي ٽڪل ذهن سان بہ جڏهن اسرائيلي وزيراعظم گولڊا جي انٽرويو کي ريپيٽ ڪيم تہ سندس هنن جملن زندگيءَ جي بي ثباتي متعلق سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو، چوي ٿي، "آئون انهن ماڻهن کي بہ سڃاڻان، جوڪي تمام جلد مري ويا ۽ انهن کي بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪي تمام دير سان مئا. منهنجي لاءِ ذهانت جو مرڻ، موت کان ٻه وڌيڪ تڪليفده آهي. مونکي فقط ان ڳالهه جو ڏپ آهي ته ڪٿي وقت کان وڌيڪ جيئڻو نه پئجي وڃي."

ڪيڏا نه سچا ۽ کرا جملا آهن. ساڳي ڳالهه آسڪر وائلڊ هنن لفظن ۾ چئي آهي،

"And the wild regrets and the bloody sweats
None knew so well as I
For he who lives more lives than one
More deaths than one must die."

هڪ طرف آدرشي شخصيتن آڏو موت، خوف جي علامت بدران هڪ تلخ ۽ اٽل حقيقت آهي ته ٻي طرف ٽين دنيا جي ملڪن جا موقعي پرست ماڻهو، گهٽي کان گهٽو جيئڻ چاهين ٿا، ڀلي پوءِ ان زندگيءَ لاءِ هنن کي سندن ڌرتي جو سودو ڪرڻو پوي يا پنهنجي قوم ئي ڇو نه وڪڻڻي پوي.

رات جو دير تائين اهڙا پور پچائيندو رهڻ ڪري، صبح جو هنن پنهي کان دير سان جاڳيس. آصف اڳ ۾ ئي ناشتو تيار ڪري چڪو هو، سو ان مان ٻه ٽي گراهه هڻي ۽ جوز جو گلاس پي، ٽي‌وي کوليم. هڪ دلچسپ سياحتي پروگرام شروع ٿيو هو، جنهن ۾ ڪجهه آمريڪي شاگرد روسي حڪومت جي دعوت تي پنهنجي استاد سان گڏ ماسڪو گهمڻ وڃن ٿا. پهرئين ئي ڏينهن ۾ لينن جي مزار تي حاضري ڏيکاريائون، جتي ڊيوٽي ڪندڙ پنجن گارڊن جي مارچ ۽ سلامي ڏاڍي اثرائتي پئي محسوس ٿي - اهي شاگرد جڏهن هڪ اسڪول ۾ اچن ٿا ته سندن استاد کان روسي ڇوڪريون سوال پڇن ٿيون ته وڌيڪ سهڻيون ڪير آهن! روسي عورتون يا آمريڪن؟ استاد چوي ٿو، "ماسڪو جون." هڪ ٻي منظر ۾ ٻه خوبصورت روسي ڇوڪريون ٻن آمريڪي شاگردن کي تمام گهڻي لفٽ ٿيون ڪرائين ۽ ڪين ڪس ٻه آفر ٿيون ڪن، پر هو فقط ان ڏپ کان ڊهرائي ٿا وڃن ته متان اهي 'ڪي جي بي' جون ايجنٽ نه هجن ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سندن تصويرون ڪڍي ڪين ڇپائڪ سيل نہ ڪن. ان قسطوار پروگرام جي آخري سين ۾ هڪ آمريڪي شاگرد پنهنجي هم عمر روسي ڇوڪري کان موڪلائڻ مهل پڇي ٿو، ”وري ڪڏهن ملنداسين؟“ روسي ڇوڪرو جيڪو ڪرمسول جو اڳواڻ بہ هو، چوي ٿو، ”25 سالن کان پوءِ جڏهن آئون سپريم ڪائونسل جو صدر ٿي چڪو هوندس تڏهن ملي سگهجي ٿو، پر سو بہ ان شرط تي تہ جيڪڏهن آمريڪي عوام توکي بہ ملڪ جو صدر چونڊيو.“

راتوڪي ذهني توڙي جسماني ٿڪاوٽ کي هن دلچسپ پروگرام ڪنهن حد تائين دور ڪيو هو، پر تہ بہ دل اڃان شاور وٺي ٻاهر نڪرڻ جي معاملي ۾ پاڙي ٿيو بيٺي هئي. آصف جي وٽ وڃان هجي تہ اڄ ڪوونٽ گارڊن هلبو. حقيقت ۾ مونکي بہ امپيريل ڪاليج آف انجنيئرنگ جو پراڻو پراسپيڪٽس ونڌو هو، سو پاڻ تي جبر ڪري تيار ٿي نڪتاسين. پهرين سڌو آياسين ڪاليج ۾ جيڪو نيچرل هسٽري ميوزم سان لڳو لڳ هو. اتان ڊپارٽمينٽ جي سيڪريٽري چيئرمين کان گهربل مواد ٻنهي آساني سان ملي ويو. هاڻ آصف جي مرضي مطابق ڪوونٽ گارڊن هلڻو هو. انڊر گرائونڊ ٽيوب اسٽيشن کان ٿورڙي پنڌ تي ڪئي قسمن جا مداري سارو ڏينهن مختلف تماشا ۽ ڪرتب ڏيکاريندا رهندا آهن. اسان جي اکين آڏو هڪ سنهڙو سرڊاو جوان پهرين تہ پنهنجو ساڄو هٿ بار بار لهرائيندو رهيو ۽ پوءِ بہ منٽ رکي جهٽڪي سان جو ڪئي هٿ سامهون ڪيائين تہ اتي پنجن بدران ڇهہ آڱريون ٿي چڪيون هيون. سموري هجوم تاڙيون وڄائي کيس ڀرپور داد ڏنو، پر جڏهن سندس پارٽنر ڇوڪريءَ ”هيٽ“ هٿ ۾ ڪئي، پئسن لاءِ ماڻهن آڏو ڦيرائڻ شروع ڪيو تہ سڄو مجموعو تيزي سان کسڪڻ شروع ٿي ويو. هنن ٻنهي جي مجبور چهرن تي مسڪيني ڇانئجي وئي. چئبو تہ ماڻهو حيدرآباد جي مارڪيٽ ٽاور جي آس پاس جا هجن يا لنڊن جي ڪوونٽ گارڊن جا، تماشو ڏسي پنان ڏوڪڙ ڏيڻ جي کسڪي وڃڻ جي عادت ٻنهي طرفن موجود هي.

ٽي سال اڳ جڏهن آئون هتي آيو هئس ته ڪهڙو عرصو رسل اسڪوائر نالي علائقي جي ڀر ۾ بلڊنگن، وليم گوڊنف هائوس ۽ لنڊن هائوس ۾ گذريو هو. انهن جي ياد تازي ڪرڻ لاءِ آصف کي اوڏانهن هلڻ لاءِ چيم. هي علائقو ڏهن سالن کان به اهڙي جو اهڙو ئي هو، فقط وليم گوڊنف هائوس اندر رسيپشن تي ويٺل چوڪري بدلجي چڪي هئي. ٽيوب اسٽيشن جي پرسان سيف وي اسٽور تي به ترتيب لڳ ڀڳ ساڳي هئي. هي ٻي اها جاءِ هئي جتي 74ع ۾ نسل پرست اسڪن هيڊز اسان جو پيڇو ڪيو هو ۽ ڀڄي جان ڇڏائي هئيسين. اتان ئي هڪ علائقي مان لنگهياسين پئي ته ماحول ڏسي ڪجهه اڻتڻ ٿيڻ لڳي. هڪ دڪان آڏو وڏي بورڊ تي لکيل هو، "Peep show" مون کان ڇرڪ نڪري ويو. اسين 'سوهو' جي بدنام علائقي ۾ گهڙي چڪا هئاسين. آس پاس ڪئي سيڪس شاپ کليل هئا، جتي 2 کان وٺي 10 پائونڊن تائين ٽڪيٽون هيون. ويڪ اينڊ تي اڪثر سياحن جا ڪئي هجوم ان علائقي ۾ آواره گردي ڪندا رهندا آهن. دڪاندار به شايد ڪنگلن ۽ مالدارن جو فرق مهانڊن مان ئي لڳايو وٺن. نه ته اسانکي انهن نظرانداز نه ڪيو وڃي ها. فقط هڪ جاءِ تي ميڪ اپ سان ثقيل هڪ وچولي عمر جي عورت اسان کي مٿي هلڻ جي آڇ ڪئي، نه ته پئي ڪنهن لفٽ به نه ڪرائي، باقي ساڳي گهٽي ۾ جڏهن مٿي تي ڪپڙو ٻڌل هڪ عرب سڳورو داخل ٿيو ته چوڪيدار وٽ پڪڙ مچي وئي. ماڻهن جي التجائن ۽ آڇن جا عجيب رنگ ڏسڻ لڳاسين. هو همراهه به سيني کان صحتمند ۽ قداور عورت کي چوندي اندر داخل ٿي ويو. اوچتو سامهون هڪ پوليس وارو ظاهر ٿيو ته آصف جي رفتار تيز ٿي وئي، اڳتي هلي سبب پڇيو مانس ته ٻڌايائين ته هونئن ته هتي ڪابه جهل پل ڪانهي باقي 18 سالن کان گهٽ عمر جي نوجوانن کي پبس ۽ سيڪس شاپس جي ويجهو وڃڻ جي اجازت ڪونهي. آمريڪا ۾ به معلوم ٿيو هو ته 18 سالن کان ننڍي عمر جي چوڪريءَ سان جيڪڏهن ڪنهن به غلط حرڪت ڪئي ته ان کي سخت ترين سزا ڏني ويندي آهي. اهوني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سبب آهي جو آڙيڪاپ قسم جا شڪاري مرد به 16-17 سالن واري خوبصورت ڇوڪرين کي نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهن.

هاڻ ڪجهه بڪ محسوس ٿي رهي هئي، سو وسپي تان ته برگر ۽ ملڪ شيڪ ورتاسين. ملڪ شيڪ ته لاجواب هو، اجايو هيترا ڏينهن ان نعمت کان محروم رهيو هئس. گهر اچڻ کان اڳ رستي تان هڪ گروسري اسٽور تان ڪجهه سامان ورتوسين، جتان بيضن جو ٻڌن هڪ پائونڊ ڏهه پينس (47 روپيا)، کير جو ليٽر 48 پينس (36 روپيا)، ۽ ڪڪڙ جي گوشت جو ڪلو پوڻا ٻي پائونڊ (118 روپيا) مليو. پاڪستاني قيمتون ان ڪري لکيون اٿم ته پڙهندڙن کي به اندازو ٿئي ته ڇا ملي، جيڪو هر هڪ ٿين ڪلاڪن کان پوءِ مليو ٿي. باقي آصف لاءِ ته پڙڏي خير هو. ڪين پگهار به ته پائونڊن ۾ ملندي آهي نه. هتي هڪ ڪلاڪ ڪم ڪرڻ جا 2 کان 4 پائونڊن تائين ملن ٿا. يعني مهيني جا گهٽ ۾ گهٽ به 400 ڪن پائونڊ. اڪثر پاڪستاني هتي پاڻ ۾ گڏجي رهندا آهن، تنهن ڪري بچت ٿيو وڃين. مسواڙ، ماني، پاڻي ۽ ڪپڙي لٽي جو خرچ ڪيڏيو به 50 کان 100 پائونڊن تائين بچت ڪريو وٺن. جاڻون هتي ڏاڍيون مهانگيون آهن. فقط ٻن ڪمرن جو ننڍو فليٽ به گيس ۽ بجلي سميت سادا ٽي سؤ کان چار سؤ پائونڊ مهيني جي مسواڙ تي ملي ٿو. ان کان سستي رهائش به آهي، جهڙوڪ پيئنگ گيسٽ ٿي رهڻ. ان ۾ فقط هڪڙو نقصان آهي ته ماڻهو مرضي مطابق مهمان وغيره نٿو آڻي سگهي ۽ رات جو موڙڻ مهل به وقت جو ڌيان رکڻو ٿو پوي. پيئنگ گيسٽ اڪثر ريٽائرڊ جوڙا يا وچولي عمر جون اڪيليون عورتون رکنديون آهن. ان صورتحال ۾ ڪيڏهن ڪڏهن گيسٽ جو پاڪ ڪلندو آهي ته پوءِ نه صرف پئسا معاف ٿي ويندا آهن، بلڪ پيا به کهڻا ٿي سک ملي پوندا آهن، پر اهو سڀ جو دارومدار ماڻهوءَ جي جوڀن ۽ ڪارڪردگي تي آهي.

فليٽ تي پهتاسين ته سٽنگ روم ۾ اڳئي محسن، ارشد ۽ کهنگهرو وارن واري هڪ ڇوڪري ويٺل هئا. خبر پئي ته اها

پورچوگيز ڇوڪري ارشد جي ليٽيسٽ گرل فرينڊ هئي. سندس رنگ انگريزن کان ڪجهه جهڪو ۽ ايشين کان ڪجهه صاف هو. اکين تي ڪارو چشمو چڙهيل هئس. هيءَ ٽئي ٻه ڪلاڪ ٿوري دير اڳ پهتا هئا، سو ماني لاءِ ڪجهه تيار ڪرڻ جي پلاننگ پئي ڪيائون. مون ترت ٽڪڙ ۾ مڱن جي دال اوٻاري، ڀوڳ تيار ڪيو ٿي ته هوءَ به ڪچن ۾ هلي آئي. ”هڪ ڊش توهان ڏاهيو، ٻيو آئون ڏاهينديس.“ ڇوڪري چيو.

محسن ۽ آصف جن ڪلهه منهنجي ڏاهيل قيمي ڪاڻ کان پوءِ هٿ پٺي ڇنڊيا، تن اڄ ڇوري ڏسي نظرون ٿي ڦيرائي ڇڏيون ۽ هن جي ڏاهيل قيمي لاءِ زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيائون. ڪچهري ڪافي دير تائين جاري رهي. ارشد ٻڌايو ته اسپين، هالينڊ، پورچوگال ۽ ٻين ملڪن جا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون جڏهن به انگلينڊ ايندا آهن ته چاڻي واڻي پنهنجي همراطنن کي نظرانداز ڪري غير ملڪين سان دوستيون رکندا آهن ته جيئن انگلش بهتر سکي سگهن. هن ڇوڪريءَ کي به لنڊن آئي ٻه ادائي مهنا مس ٿيا آهن. گذريل هفتي ارشد کي ايمپائر ڊسڪو ۾ ملي هئي. سندس ٻئي فرينڊ سان جهيڙو ٿي پيو هو. ارشد جي محبوبه به هفتي کن لاءِ مانچسٽر ويل هئي، سو هن ڏاڍ به دير ئي ڪانه ڪئي ۽ ٻه ٽي جملا مس ڳالهايائين ته ڇوڪري پڪل صوف وانگر هنج ۾ اچي ڪريس. پر هاڻ جهليو پيو هو. سندس گرل فرينڊ فون ڪيو هو ته هوءَ سڀاڻي واپس اچي رهي آهي. همراه جو ڊپ ۾ اصل ساهه ٿي ويو. هتي جيستائين عشق هوندو آهي تيستائين هڪٻئي جا سمورا حق ۽ واسطا به محفوظ رهندا آهن. بلڪه هلڪي ڦلڪي بيوفائي ڪرڻ تي ڪڏهن ڪڏهن ڇوڪريون ٻئي فرينڊس کي ڪٽ به ڪڍي ڇڏينديون آهن.

ماني ڪائي ارشد اسان کي ٻي ڪمري ۾ وٺي آيو ۽ چيائين، ”يار تو ۽ محسن سان ڪو هن کي ڇو نٿو رکي وٺي. اٿو زبردست شئي.“ مون فورن هٿ ٻڌا مانس ته پرهيز پيرس پيو وڃان، محسن به لنوائي لڳو. ڪافي دير مغزماري کان پوءِ جڏهن ارشد مايوس ٿي

ڇوڪري ساڻ وٺي هليو ويو ته پوءِ محسن ٻڌايو ته ان ڇوڪريءَ جو اڪيلو ٻوائي فرينڊ ڏاڍو رهزن آهي ۽ هن کي گولي پڻ. ڇوري کي ڪارو چشمو به ان ڪري چڙهيل هو جو اکين وٽ زخمن جا نشان اٿس.

خبرون چارون ڪندي جڏهن رات جا 10 اچي ٿيا ته محسن اٿي بيٺو ۽ چيائين، ”هلو ته هلي لاگر جو گلاس پي اچون.“ اسان واري بلڊنگ کان ويهن منٽن جي پنڌ تي هڪ پب اجان ڪلهل هو. هتي 11 ڏاري پب بند ڪندا آهن. بند ڪرڻ جو اهو سلسلو به ڏاڍو دلچسپ هوندو آهي. ٽائيم ٿيڻ کان ڪجهه دير اڳ ڪو نه ڪو بارمين ڇوڪرو يا ڇوڪري وڏي واڪي رڙيون ڪرڻ لڳندا آهن. ”گلاس ختم ڪريو. جلدي. اوور. پب بند پيا ڪريون.“

اسان جي پوئين ميز تي شيرين اکين واري سهڻي ڇوڪري ويٺل هئي. هر سرڪ پرڻ کان پوءِ ڪجهه گهڙين ٽائين سندس ڇپن انهين دائرو ٺي بڻايو چپن ڪنهن کي چمي ڏيندي هجي. آصف جي ڪ ساهي جميل نگاهن کي ڏسي محسن به ڪنڌ ورايو ۽ پوءِ يڪدم منهن جي پڪائي سان سگريٽ ڪڍي دکائڻ لاءِ ڏانهنس وڌيو. ڇوڪريءَ لائٽر سان سندس سگريٽ دکائي ڇيو ڏڪ پريو ته محسن مٿس فدا ٿي ويو، ”تون بيحد خوبصورت آهين.“

”ڇا واقعي!“ ڇوڪريءَ مُرڪي پڇيو.

”بلڪل يقين نه اچئي ته وسڪيءَ جي ڪنهن پريل بوتل ۾ پنهنجو عڪس ڏسي وٺ.“ محسن وڏي محبت سان رکيل ڊائلاگ ڏڪاءِ ڪرايو. پوءِ هو ٻئي نيسين ڪچهري ۾ لڳا پيا هئا، جيستائين پب بند ٿيڻ جو اعلان نه ٿيو.

يورپ ۽ آمريڪا ۾ ڪنهن جي به حسن جي تعريف ڪرڻ ۾ ڪا به خرابي ڪانهي. جڏهن ڇوڪري هوندي واندي ته ڳالهه اڳيان وڌائيندي جي نه ته فقط ٿينڪس چئي ڇڏيندي، اسان وانگر نه ته جي ڪٿي ڪنهن جي سچيءَ دل سان به تعريف ڪجي ته جواب ملندو، ”ٻوڙيا تو کي ماءُ ڀيڻ ڪانهي ڇا؟“

منهنجي ذهن ۾ هڪدم سڳهڙين مٽ ۾ چپيل آمنه ابڙو جي نظم جون هي سٽون اچي ويون:

”تون ڇو ٿي چوين تون ڇو ٿي جهلين،
مان ڌاريءَ ڇوريءَ ڏي نه ڏسان،
مان چيڙيان ٿو هوءَ مرڪي ٿي تون ڪرڪين ٿي،
هوءَ نظرن سان ٿي آڇ ڪري تون گهورن سان ڊيڄارين ٿي،
هوءَ آپ چوي تون ياءُ چوين،
تون وچ چوين هوءَ آهُ چوي،
مان ڄاڻان ٿو تون سهٽي آن هوءَ سونهن ۾ تنهنجو مٽ نه آ،
پر جوڀن جاڳر ڄاڻي ٿي تو وانگر ڪوري ڄڄ نه آ.“

ٻي ڏينهن اڪ سوبر ڪلي. آصف ۽ محسن اڃان سٽل هئا. وهنجي سهنجي رانوڪي آوپاريل دال مان توري ڪڍي ان ۾ بيدو ملائي قيمو تيار ڪري ڪاڌم. هونئن ته ڇڙا مهمان ميزبانن لاءِ نعمت هوندا آهن پر ته به ڪچن ۾ وڃڻ مهل اهو خيال ضرور ايندو اٿم ته ڪاش محسن جي شادي ٿيل هجي ها، پوءِ هيئن مون جهڙي سسست ماڻهو کي صبح سان گيس جي چلهي سان معزماري نه ڪرڻي پوي ها. ٿي وي ڪولم ته مهاڀارت پي هلي. هندن جو ديومالائي مذهبي قصو. پنج ڇهه نوخيز ڇوڪريون پاڻي ۾ وهنتيون پئي. موقعي جو فائدو وٺي ڀڳوان ڪرشن انهن جا ڪپڙا لڪائي ڇڏيا هئا ۽ هاڻ انهن سيني کيس التجائون پئي ڪيون ۽ هو وڻ تي ويهي شرارتي انداز ۾ مرڪي رهيو هو. ڊرامي ۾ راڌا جو رقص به ڏسڻ وڻان هو. سماجي برابري جي معاملي ۾ ڏسجي ته اسلام هندو مذهب کان ڪافي ايڊوانس آهي پر ڪلچرل حوالي سان هندو مذهب گهڻو رچ تو لڳي. سندن ڀڳوان به سپر نيچرل قوتن جا مالڪ هئڻ جي باوجود ڪيترن ئي معاملن ۾ عام انساني رويَن جون علامتون تا محسوس ٿين.

بس پهرن جو ٽيوب ۾ چڙهي ٽرافلگر اسڪوائر آياسين. چوڪ جي بلڪل سامهون Higs and Hill نالي هڪ وڏي بلڊنگ

نهي رهي هئي. هتي ڪنسٽرڪشن ٽيڪ جو مقصد اهو ڪونهي ته آس پاس ريتي، بجري ۽ ٻيو ڪچرو ڦهلائي ڇڏجي. بلڪ سڄي بلڊنگ کي چوڌاري پلاسٽڪ سان ڪور ڪري اندر ئي اندر ڪم پئي هليو. اڄ ڦوهارن وٽ تمام گهڻي رش هئي. هزارين ڪبوتر مختلف ملڪن کان آيل سياحن جي ڪلهن تي ويٺا هئا. ٻه سورهن سترهن سالن جون ڇوڪريون تلاءَ ۾ گهڙي هڪٻئي تي پاڻي اڇلائي رهيون هيون. مون ڪناري تي ويٺل هڪ نيپالي جو پاسو اچي ورتو ۽ ساڻس ڳالهه ٻولهه شروع ڪيم. پر هو هر ڀيري مختصر جواب ڏئي لهرائڻ لڳو. مجبورن مون به ڪٽي مات ڪئي. هيڏانهن نهاريندي غور ڪيم ته نيپالي ۽ جو سمورو ڌيان انهن ڇوڪرين ڏانهن هو، جن جا سمورا ڪپڙا هاڻ پاڻي ۾ پسڻ ڪري صفا ٽرانسپيرنٽ ٿي چڪا هئا. منهنجي معنيٰ خيز مرڪ ڏسي نيپالي يار سمجهي ورتو ته چوري پڪڙجي پئي آهي، سو ڏند ٽيڙي پاپ ڪارن جي ٿيلهي مونڏانهن وڌائي ڇڏيائين. سامهون چبوتري تي شينهن جي مجسمي پرسان اوچتو ئي اوچتو ڇهن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو هڪ گروپ گٽار جي تيز ڌن تي رقص ڪرڻ لڳو، سڄو مجموعو سندن چوڌاري گڏ ٿي ويو. مست جوانين جي ان وحشيانه رقص کي ڏسي نيپالي يار سميت ڪئي دل وارا دائرو ٽوڙي اندر وڃي نچڻ لڳا. مرضي ته اسانجي به ٿي پئي، پر جوسين دل پڪو ٿين، تيسين ڪم لهي چڪا هئا. پوءِ پين واندن سياحن وانگر ڪلاڪ ٻه ڦوهارن جي ڪناري آس سيڪي نيشنل آرٽ گيلري ڏانهن آياسين. گيلري جي ڏاڪڻ تي به ڪئي سياح پنهنجن ننڍڙن ٿيلهن ۽ گرل فرينڊس کي پاڻ سان پچايو آرام ڪري رهيا هئا. گيلري جي سمورن فن پارن کي ڏسڻ لاءِ گهڻو وقت ته ڪو نه هو، باقي مون رڳو فارملٽي پوري ڪرڻ لاءِ وان گوگ جي ’گراس اينڊ بٽر فلائي‘ ۽ ڊاونچي جي ’ورجن آف دي راڪ‘ جو ديدار ڪيو. هن گيلري جو چڪر 87ع ۾ به ڏئي چڪو هئس، سو ڪافي شيون اڃان تائين ياد هئم. هاڻ دل ۾ رڳو پيرس جي ’لوور‘ کي ڏسڻ جو شوق هو يا وري فلارنس جي اوفيچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ لينن گراڊ جي هرمي ٽيج ڪئي. پيرس ته هڪ ٻن ڏينهن ۾ اکين آڏو هوندو. باقي اٽلي ۽ روس وڃڻ جا حال في الحال ته ڪي به آثار ڪونهن.

گيلري مان نڪري ليسٽر اسڪوائر جي ٽيوب اسٽيشن ڏانهن پي آياسين ته رستي ۾ مينهن اچي ورتو. تڙ تڪڙ ۾ ڊوڙندا ڏاڪڻين تان هيٺ لهڻ لڳاسين ته اڳيان هڪ گورو اچي بيهي رهيو، ”ايمرجنسي سبب اسٽيشن بند آهي.“ هاڻ ته لاءِ نڪري ويا. پوءِ اتان ڪپڙا پسارائيندا، پنڌ ئي پنڌ پڪيڊلي سرڪس ڏانهن روانا ٿياسين. مونکي هوٽل به پي آءِ اي جي آفيس مان واپسيءَ جي ٽڪيٽ ڪنفرم ڪرائڻي هئي، سو ان جي ڳولا شروع ٿي. اها پاڻ آمريڪن جي بالڪل سامهون هئي. اندر سائي ڊريس ۾ ملبوس وڏي وات واري پنجابڻ جهٽ پٽ ڪمپيوٽر چيڪ ڪري ٽڪيٽ اوڪي هئڻ جو ٻڌايو. منهنجي مرضي هئي ته هي پلي ڪجهه وقت وٺي ته جيئن ڦڙڦڙ بند ٿي وڃي، پر هنن کي به ڪا آفيس بند ڪرڻي هئي، سو جلدي ڪم اڪلائي ورتائون. هاڻ مينهن کان بچڻ لاءِ ٻيو ڪوبه طريقو ڪونه سجهيو، سواءِ ان جي ته ميڪڊونلڊ جي اندر گهڙي وڃجي. اندر قطار به ڊگهي هجي، مختلف گراهڪن تي آصف جا تبصرا ٻڌندي ڪنڌ ورائي پرڀان بيٺل همراهه ڏانهن نهاريم ته مشهور انڊين ڪرڪيٽر سنيل گواسڪر هو. پرسان ئي جوئس مارشيل به بيٺل هئي. مون کيس هيلو ڪري انگلينڊ ۽ انڊيا جي هلندڙ سيريز جي باري ۾ پڇيو. ٻڌايائين ته انڊيا مشڪل ۾ آهي ۽ برطانوي بالر راند تي ڇانيل آهن. آصف مارشيل جي لباس کي ڏسي ابترو ته هرڪجي پيو جو ڪين هڪدم ملڪ شيڪ جي صلاح ڪئي ڪيائين. مونکي ٻرو وٺي ويو، پر گواسڪر صاحب چئي چڪو هو ته پاڪستاني نوجوانن جي صلاح ڪانه موٽائبي، سو مجبورن چئي برداشت ڪرڻي پئي. هنن ٻنهي کي به مينهن جو احساس هو، سو ڪچهري کي ايستائين اٽڪايوسين، جيسين ڦڙڦڙ بند نه ٿي وئي. هاڻ ٻي منزل واٽ ايم سي اي هو. سو بيڪرلو لائين جي ٽيوب ۾

چڙهي سڌو اچي آڪسفورڊ سرڪس تي لٿاسين. حالانڪ آصف گهڻو ٿي ٻي چيو ته پنڌ تا هلون، پر منهنجي ٽنگن ۾ هاڻ ايتري طاقت ڪانه هئي. واء ايم سي اي جي بار ۾ وڏي ڪچهري متل هئي. محسن، جمي، امتياز فريد ۽ هڪ ٻيو ملتاني همراهه پيگ تي پيگ چاڙهي رهيا هئا. امتياز فريد اهوئي آهي جنهنجي فليٽ ۾ اڄڪلهه محسن ۽ آصف رهيل هئا. هو اصل سرائيڪي هو، سندس ڳالهائڻ جو انداز ايترو ته فرباڻو ۽ نيچرل هو، جو سندس ڇيل معمولي جملي به چپن تي مرڪ آڻي ٿي ڇڏي. مونکي سندس اسٽائيل ڪجهه ڪجهه جنگ واري دوست نذير لغاري جهڙي ٿي لڳي. گهاٽين مڇن وارو جمي جي بيباڪي مان لڳو ٿي ته شايد لاهور جو هو. سندس يڪ ساهي ڪل ٻڌي سمجهي ويس ته همراهه ڪافي ٻي چڪو هو. اچان آئي ويٺا هئاسين ته هڪڙي ٽيهارو ڪن سالن جي صحتمند انگريزياڻي سر تي اچي ڪڙڪي، "فريد ڊارلنگ مون ته ٽوڪي کولي پي." هوءَ بنهه آئوٽ هئي.

فريد جا وائسرٽي ڦري ويا. يڪدم محسن کي سرائيڪي ۾ چيائين، "هن پيڻ جي...... مان منهنجي جان ڇڏائي." مائي محسن کي ڏسي فورن ان ڏانهن وڌي ۽ چيائينس، "پليز مونکي چپن تي هڪ زوردار ڪس ته ڪر."

محسن يڪدم ٻهانو ڏاهيو، "سوئيٽي، مون اڄ ئي ڏندن جي فلنگ ڪرائي آهي."

هوءَ ڪمبل ٿي پئي، "اڄ تون مون وٽ هلي رهه."

جمي جيڪو مڪمل ترنگ ۾ هو، تنهن جڏهن اهي جو آئي ڪيس پاڪر ۾ جهلي سندس خواهش پوري ڪئي ته هوءَ وڦلڻ لڳي، "توهين سڀ منهنجا مهمان آهيو."

پهتل عورت ڪيڏو عذاب هوندي آهي، ان جو احساس مونکي هاڻ ٿي رهيو هو. پر ته به مائي منهن مهانڊن ۾ اهڙي ڪانه هئي، جنهنکي هرو ڀرو ٺڪرائي ڇڏجي. پر هنن ٽنهي الاهي چو لنوايو پئي. تيسين ملتاني اٺي جمي سان ڪن ۾ ڪجهه سس پس ڪئي ۽

جمي يڪدم مائي جي جوڙي ان سان ڳالهه ڇيڙي. هو به ڪيس ڇولهه
۾ مٿ وجهي روانو ٿي ويو. فريد يڪدم جمي کي زوردار گار ڏني،
”تون هن ڪتيءَ جو بروڪر آهين ڇا؟“

جمي هينئر معرفت جي ان منزل تي هو، جو فطرت جا
سمورا اسرار سندس دماغ ۾ ظاهر ٿي رهيا هئا، تنهن فريد جي هيوي
ويٽ گار ڏانهن ڌيان ئي ڪونه ڏنو. محسن کان پڇيم ته، آخر هن
مائي کي ائين ڇو ذليل ٿي ڪيو. چوڻ لڳو، ”مائي جي فگر به
زبردست آهي ۽ خرچ به ڏاڍو ٿي ڪري پر هڪ دفعو جيڪو سندس
مهمان ٿيو تنهنکي صبح تائين مريض ڪيو ڇڏي.“

هاڻ اسان پنجن ئي ڄڻن جي ٽيم اٿي سڌو ڪوسٽادوراڊا
جي هڪ ٽيبل تي اچي قبضو ڄمايو. محسن سيني کان اڍائي اڍائي
پائونڊ شيئر وٺي جيڪ گهرايو. جمي هاڻي ٽوڪڻ شروع ٿي چڪو
هو، ”سڀ انگريز عورتون آواره آهن. آئون هنن کان انتقام وٺندس.“

شڪر جو هن اهو سڀ ڪجهه اردو ۾ پئي چيو. سامهون
درڪليو ۾ ٻه ڇوڪريون ۽ هڪ وچولي عمر جي خوش لباس عورت
هيٺ لٿيون. انهن مان هڪ جي فگر ڏسي مونکي فلم ’وائيٽ گولڊ‘
واري بروڪ شيلڊ ياد اچي وئي. فريد يڪدم ماهرانه راءِ ڏني، هي
فيملي پڪ لاطيني آمريڪا جي آهي. يا ته وينزويلا جي يا وري
ڪولمبيا يا ايڪئوڊور جي. مائي سڌو اسانجي پرسان اچي ويهي
هيگ جو وڏو پيگ ورتو، باقي ڇوڪرين آرينج جوز گهرايو.
هڪڙي ڳالهه ته طئي هئي ته هي هتي جون ڪونه هيون. ڇاڪاڻ
ته سڀ مان نوي سيڪڙو هتي جا رهاڪو ڪلبن ۾ پيس ۾ رکيو بيٺر
پيئندا آهن سو به فقط سرور لاءِ. نشي طاري ڪرڻ جي مقصد سان
پيئڻ جو رواج گهٽ ڪري اسان وٽ آهي ۽ ان جو مظاهرو جمي
هتي ڪري رهيو هو. ڪجهه دير ڪانپوءِ ڊانس شروع ٿي ته جمي
ڊانسنگ فلور ڏانهن وچ پدران ڪائونٽر وٽ بيٺي لهرائڻ شروع
ڪري ڏنو. فريد کي به ڪجهه چڙهيل هئي سو هو به نچڻ
شروع ٿي ويو. پوءِ آصف به سندن پاسو اچي ورتو ۽ ڏسندي ئي

ڏسندي، هي سڄي سائيڊ رقص ڪندڙن سان ڀرجي وئي. باقي محسن پراڻو پاپي ٿي ڏٺو، سو نچڻ بدران هڪ ڇوريءَ کي ريجهائڻ ۾ لڳو پيو هو. مونکي گذريل ٻن ڏينهن ۾ ڪوسٽاڊورادا اينڊي محسن ۽ آصف باربار چوندا رهيا هئا ته جي هتي حضور شرم رهين ته پوءِ آخر ٿائين ٿليءَ جو ٻچو ٻه ڪونه سرندو ٿي. سو اڄ مون به ڪين غلط ثابت ڪرڻ جو پڪو ڪري ڇڏيو هو. دل ته هئي پرفيڪٽ ڪولمبين سان رقص ڪرڻ تي چيو پئي، پر هوءَ منهن ۾ گهڻي وجهي جوڙ پئي رهي هئي. مجبورن هڪ ٻي گوريءَ کي صلاح هيم، تڙ تپ جواب مليو، ”آئون ڪنهن جو انتظار پئي ڪريان.“ منهنجو منهن ڦلڙو ٿي ويو. اهڙي ٿي ناڪامي. واپس وريس ته جمي پنهنجي انتهائي مدهوشي جي باوجود هڪ اڌڙوٽ سان نچي رهيو هو. ڦڪائي وندرائڻ لاءِ مون اڪيلوئي ڊانس شروع ڪري ڏني. نچندي نچندي جڏهن مخصوص ٻروچائي اسٽائيل ۾ چانيءَ کي جهٽڪو ڏنم ته فريد رڙ ڪئي ”هُري“ پوءِ هو منهنجي سامهون بيهي اسٽيپ ميچ ڪرڻ لڳو. رقص ڪندي ڦيرو جو پاتم ته ڏسان ته مس ليٽن آمريڪا انتهائي ڌيان سان منهنجي اسٽيپس کي ڏسي رهي آهي. يڪدم دل ئي دل ۾ فيصلو ڪري نچندي نچندي سندس سامهون وڃي، اوچتو ٻٽ ٻنجي ويس، “Would you like to dance” ڇوڪري گهڙي ڪن لاءِ ڏيس ٿيءَ پوءِ پنهنجو هٿ مون ڏانهن وڌائي ڇڏيو. منهنجا هاڻ پير ئي پٽ تي نٿي لڳا. فريد مونڏانهن رشڪ آميز نگاهن سان نهارڻ لڳو. محسن جي ٻي واڇ گودو هئي چڪي هئي. آخر چو نه؟ ڪوسٽاڊورادا جي اڄوڪي رات جي سڀ کان خوبصورت ۽ سمارٽ ڇوڪري جو مونسان نچي رهي هئي.

ٻن راؤنڊن کانپوءِ ٽيبل جو پاسو اچي ورتوسون. هاڻ هن لاءِ ڪجهه وٺڻو پوي ها، پر ٽيسين آسماني امداد پهتيءَ امتياز فريد ٻه پيگ اسانجي آڏو اچي رکيا. ڇيوماڻس ته ڪنهنجي سخاوت آهي؟ ٻڌاهائين ته جمي جي مدهوشيءَ هڪ آڌوٽ ٽول ڊچ جو ٽيان ڇڪائي ورتو، سو ان سڄو ڄڳ پريزنٽ ڪيو آهي. سلاويا جي انگريزي ٻنهه،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوري ساري هئي، تنهنڪري ڳالهه ٻولهه محض رسمي ٿي رهي. هوءَ پاڪستاني اداڪارائن وانگر ماڻهن جي مڪمل اثر ۾ ٿي لڳي، ۽ باربار ان کي ڏسي رهي هئي، جيڪا پاڻ هڪ ڇپي انگريز سان ڪلڦ پوڪ ڪري رهي هئي. ڪجهه دير ڪانپوءِ جڏهن موڪلايوسين ته هڪ ڀيرو وري محسن جو تبصرو شروع ٿي ويو، ”تون بلڪل نااهل آهين، هن کي گڏ هاڻ جي صلاح ڇو نه ڏنئي.“

”يار محسن، ڪله تو ڊانس جي شرط رکي هئي سا ته پوري ڪير نه.“

”هو بخيلي وچان ڇپن ۾ ٿي پڙڪڻ لڳو. ها اهو ٻڌائڻ ته وسري ويو ته هن پاڻ اڄ ڦاڙهو ماريو هو ۽ اهو هن وقت سنڌس ڪچ ۾ هو. هاڻ مسئلو جمي کي گهر پهچائڻ جو هو، سو ٽيڪسي جو انتظارڪرڻ لڳاسين. ان دوران فريد ۽ جمي جي وچ ۾ جيڪا قربائتي ڪچهري پئي ٿي ۽ ان ۾ هڪٻئي جي خاندانن لاءِ جيڪي شاناڻتا لفظ استعمال ٿي رهيا هئا، انهن مونکي ڪلي فضا ۾ هئڻ جي باوجود ٻکهرائي ڇڏيو هو. هاڻ مونکان بيهو نه پئي ٿيو. سو پٺ تي پلٿي ماري ويهي رهيس. پوءِ خاموشي جي بوريت کان بچڻ لاءِ پڳونتي ناواٽي کي جهونگارڻ شروع ڪيم، ”هلو هلو ميلي ٽي، ننڍا وڏا ميلي ٽي“ پوءِ ته اهو ڪورس بڻجي ويو. آئون ڪٿو ميٽ چوان ته پويان آصف ۽ فريد وڏي سڏ تاڙين جي دوم تي چون ”ميلي ٽي.“ پرسان لنگهندڙ هڪ انگريز جوڙو ٻهرين ته ٻيهي ڪنڌ ڏوڻڻ لڳو ۽ پوءِ ٽڙندي ڪيسي ۾ هٿ وجهي 50 پينسن جو سڪو اسان آڏو اڇلايائون. هنن اسانکي بس کو اسٽريٽ سنگر سمجهيو هو. ٽيڪسي اچڻ مهل مون ته سڪي کي نظرانداز ڪري ڇڏيو، پر محسن جي پارٽنر اهو جهڪي کڻي ورتو. رات جو ٽي بجي فليٽ تي پهتاسين. اڄ رات مونکي ۽ آصف کي ڪچن جي پير واري روم تائين محدود رهڻو هو.

ٻي ڏينهن 2 بجي ڌاري فليٽ مان نڪتاسين. اِن کان اڳ ٻن ڏينهن ۾ چوٿون دفعو مون محسن ۽ آصف کي ساڳي اوهاريل

دال جو بچيل حصو فرائي ڪري ڪارايو. هو هاڻ صفا رت ڏيـي پيا هئا. پر اڳيان منهنجي بہ داداگيري هئي تہ جيسين اها پوري نٿي ٿئي، تيسين ٻي شئي کي هٿ ڪونہ لائبو. هن ٻنهي کي تہ ٻرو وٺي ويو هو، باقي محسن جـي پارٽنر پليٽ مان آخري گراهہ کڻي پوهہ آڪريون پي ڇٽيون. وڪٽوريہ اسٽيشن تان پيرس جي ٽڪيٽ اچي ورتم تہ خبر پئي تہ برٽش ريل رات جـو 8 لڳي ڇاليهہ منٽن تي هلندي. اوٽ موٽ ٽڪيٽ ڪل 55 پائونڊن جي هئي، سا وٺي واپس موٽياسين. اڃان چار پنج ڪلاڪ پيا هئا، سو رستي تان هڪ انڊين اسٽور مان هڪ پائونڊ ڪرائي تي رشي ڪپور ۽ سري ديوي جي فلم 'چاندني' کڻي اچي ڏسڻ لڳاسين. سري ديوي واقعي ورسٽائل اداڪارا آهي. آصف کي 'ميري هاٿون ۾ نونو چوڙيان' وارو گانو ايڏو تہ وڻي ويو هـو جو فلم پوري ڪري وڪٽوريہ ڏانهن ويندي بہ سڄي وات جهونگندي پئي ڳاياٿين. ٽيوب ۾ رش ڏاڍي هئي. هڪ ڇوڪري تہ اسان ٻنهي جـي وچ ۾ ذري گهٽ سينڊوچ ٿي چڪي هئي. هتي لنڊن ۾ ڳاڏين ۾ مـرد ۽ عورت جـا جسم ٽچ ٿيڻ عام رواجي ڳالهہ آهـي خاص طور تي رش آورز ۾ تہ چڱي ڀلي ايمان وارو بہ اچي بيهي تہ ايمان خطري ۾ پئجي وڃي‌ٿس. هتي انگريزن لاءِ اهـا روزمره جـي ڳالهہ آهـي، باقي اسان پارن سيڪڙائن جـو بلڊ سرڪيوليشن F-16 جي رفتار سان هلڻ شروع ٿيو وڃي. F-16 تان ياد آيو تہ اسانجي هڪ يونيورسٽي ڪلاس فيلو جنهنجو رول نمبر 16 هوندو هو ۽ نالو بہ F سان شروع ٿي ٿيس، اها اڪثر يونيورسٽي پوائنٽ بس ۾ چوندي ان جاءِ تي بيهندي هئي جتي ڇوڪرن کي باربار وٿانئس لنگهڻو پوي. رنگ جي ڪجهہ ڪارڙي هئي، سو پيرن ۾ اڪثر احساس ڪمتري کان جوراب چاڙهيو ويٺي هوندي هئي، پر تہ بہ اهي گسڪايو ڪنيو اٿي رکندي هئي جتي ڪنهن ٻي جا پير اڳ ۾ ئي رکيل هجن. هڪ پيرو آئون، امتياز پرڳڙي، آفتاب ميمڻ، سهيل، نجيب ۽ امجد وغيره ونيد اسڪرين ۽ بانٽ وٽ سٿيا پيا هئاسون تہ هن بہ ڪٺي پنهنجو پير بانٽ تي رکيو، هاڻ هڪڙو انجڻ

گرم، مٿان سنڌس سينڊل جي ڇُهنب مونکي مٿرن ۾ چڀي پئي، سو صبر ڪري ڪري نيٺ چيو مانس، "مس! پير مٿان هٽائي ڇڏيو نه ته روسٽ ٿي ويندؤ." ڳالهه سمجهي ٻڌي ورتي، ٻارن جا ٽهڪ ٻڌڻ جا نه هجن. پوءِ هوءَ به ان ڏينهن ڪان اهڙي بخيل ٿي، جو سموريون بي تڪلفيون هڪ ڌڪ سان ٽوڙي ڇڏيائين.

وڪٽوريا تي پهچي سڌو پهرين اسٽيشن جي مٿهڙ وٽ لڳل وڏي اسڪرين تي مون واري ٽرين جو ڊيپارچر ٽائيم ڏٺم. اڃان ڪجهه وقت هو. دل ۾ آيم ته سفر لاءِ ڪو برگر وغيره وٺان پر پوءِ سوچيم ته ٽرين ۾ يا شپ تي ڪجهه نه ڪجهه ملي ويندو.

اسين ٻئي گڏجي جڏهن پليٽ فارم ڏانهن وڃڻ لڳاسين ته هڪ ٽوڙي انگريز اسان ڏانهن نهاري وڏي سڏ رڙ ڪئي "وات اي ڪپل!" اسان تي چڻ ڪنهن مٽ پاڻي جو هاري ڇڏيو. لنڊن ۾ هئڻ جي باوجود اسين هئاسين ته سنڌ جا نه، سو ڪيڏي ڪيڏي مهل بي خيالي وچان هڪٻئي جي ڪلهي تي ٻانهن رکي يا هٿ هٿ ۾ ڏئي هلندا هئاسين. آصف هئي ڇهه مهينا اڪيلو رهڻ ڪري اهڙي پنهنجائپ جو ڪجهه گهٽ ئي اظهار ڪندو هو. نتيجو اهو نڪتو جو اڄ اهو طنزيه جملو ٻڌڻو ئي پيو. هن ويسٽرن سماج ۾ گهڻو ڪري مرد، مرد سان گڏ بي تڪلفيءَ سان تڏهن ئي هلي سگهي ٿو، جڏهن اهو ڪنهن 'گي' ڪلب جو سرگرم ميمبر هجي.

مونکي چڙ ته ڏاڍي لڳي هئي پر آصف جي چوڻ تي دل جو سور دل ۾ پي ويس. گاڏي پليٽ فارم تي لڳي چڪي هئي. مختلف رنگن روپن، جنسن ۽ سائيزن جا مسافر مختلف ڏٻن ۾ چڙهي رهيا هئا. دل ته آصف جي به پيرس هلڻ ڏي گهڻو ئي چيو ۽ مالي حالت به ٺيڪ ٺاڪ هئس، پر صرف هڪڙي ڪمي هئي، ونس پاسپورٽ نه هو. اهو محسن سياسي پناهه جي درخواست سان گڏ هوم ڊيپارٽمينٽ ۾ جمع ڪرائي چڪو هو. ان جو فائدو اهو ٿيو جو آصف هاڻ ويزا جو مدو پورو ٿيڻ تي به هتي رهي پئي سگهيو ۽ ڪجهه هفتن ۾ ئي سنڌس رهائش ۽ کاڌي لاءِ برطانوي سرڪار

ٻاران اٽڪل 70 پائونڊ في هفتي وارو پيو ٻه چالو ٿيل ٿي هو. آصف سان ٽني ڏينهن موٽڻ جو وعدو ڪري موڪلايم. دل تہ سنڌي روايتن مطابق ياڪر پاڻ ئي ٿي چيو، پر مون سچي وات ٽربن وارين همسفر ڇوڪرين ۾ پنهنجي ريپوٽيشن خراب نٿي ڪرڻ چاهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

پيرس

ٽرين پوري وقت تي هلڻ شروع ڪيو. پيرس ڏانهن 10 ڪن ڪلاڪن جي سفر جو آغـاز ٿي چڪو هو. پيرس جنهن جو نالو وٺندي ئـي اسان جي نوجوانن جو وات پـاڻي ٿي ويندو آهي، سو سياڻي صبح جو منهنجي قدمن جي هيٺان هوندو. سامهون واري سيٽ تي ويٺل جاپاني ڇوڪريءَ جي ٽنگن تي چڙهي ائين چنبڙيل هئي ڄڻ اها اتي ئي رلي سبي وئي هجي. دريءَ مان ٻاهر نهاريم ته سج هاڻي پوئين پساهن ۾ هو. لنڊن شهر اڃان اسان ساڻ گڏ پئي هليو. فيڪٽرين جون رنگ لٿل عمارتون ۽ ڏکيا ساوا وڻ گهڙين جي فرق سان نگاهن ۾ گـڏوچڙ پئي ٿيا. آئون عقلمندي ڪري وڏي بيـگ مان جان ڇڏائي ننڍڙو ٿيلهو ساڻ کڻي آيو هئس، سو ان کي کولي انگريزي ناول ‘Watch for me by Moon light’ جا پنا اٿلائڻ لڳس. اهو ناول ٻي جنگ عظيم دوران هڪ برطانوي جاسوس ٻاران فرانس ۾ جرمن نازين خلاف رزسٽنس پيدا ڪرڻ واري مهم متعلق هو. ڪتاب ۾ بيان ڪيل 1942ع جـو ساني ذڪر لاءِ واجهائيندڙ پيرس اڄ دنيا ۾ فيشن، فن ۽ آزاد خيالي جي حوالي سان نشا نمبر بڻجي چڪو هو. ٻـه صفحا مس پڙهيا هوندم تـه پر واري سيٽ تي ويٺل پوڙهي انگريز جو ڏهه سيرو مٿو منهنجي ڪلهي تي اچي لڳو، آهستگي سان پاسو ورائي ڪيس سڌو ٿيڻ تي مجبور ڪيم. هو هاڻ ٻي طـرف ٽيڪ ڏئي انتهائي ٻيچارڳيءَ ڪـونگهرا هڻي رهيو هو. منهنجي لاءِ هاڻ هي ڏيڍ پوڻن ٻن ڪلاڪن جـو سفر پورو ڪرڻ ته عذاب ٿي پيو هو. مجبورن هڪ ٻي خالي سيٽ هٿ ڪري اتي وڃي ويٺس. جاپاني همسفر ڳالهه سمجهي مرڪي ڏنو. ٽرين جون سيٽون بيحد آرامده هيون، سو پوڙهي جو ٻه ڏوهـه ڪونه هو. سفر مختصر نه هجي ها ته آئون به ٽيڪ ڏئي سمهي رهان ها. نئين سيٽ جي بلڪل سامهون هڪ پرفيڪٽ جوڙو ويٺل هو. ڇوڪريءَ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڇي رنگ جو ڪنوارن وارو لباس پيل هو ۽ جيولري به جام پاتل هئس. سندس وڇوڻ آڱر جي منڊي سان ڪمڊنڊڙ ڇوڪرو به پنهنجو سٽ پاڻ هو. انتهائي بهترين شرٽ، ميچنگ ٽائي ۽ نفاست سان ٺهيل هيئر اسٽائيل. مونسڪي هفتيوار اخبار جهان جو شادي مبارڪ وارو صفحو ياد اچي ويو، جتي ڏهن مان نَون تصويرن ۾ ڪو ميچ ٺي ڪونه هوندو آهي. جي گهوٽ سٺهن سهانڊي ۾ سوچارو هوندو آهي ته ڪنوار رنگ جي ڪاري ۽ واڇن ڦريل، پر جي ڪنوار سهڻي هوندي آهي، ته پوءِ وري گهوٽ ٺوڏو ۽ وارن ڪٽيل. ها باقي يورپ ۾ جوڙا ڏسي لڳندو آهي ته اهي بلاشڪ آسمانن تي ٺهي سگهن ٿا.

رات جو سوا ڏهين بجي برطانيه جي بندرگاهه نيوهيون تي لٿاسين. ڪجهه سيڪنڊن ۾ ئي اميگريشن لاءِ وڏي قطار ٺهي وئي. مون ڪجهه وڏيڪ سمارٽ ٿيڻ جي ڪوشش ۾ گرم جيڪٽ لنڊن ۾ ئي ڇڏي ڏنو هو ۽ فقط بنان ٻانهن ڇمڙي جو جيڪٽ ڪنيو هو، سو هائي وڏنڊڙ سيءُ پريشان ڪري ڇڏيو هو. لائين ۾ منهنجي اڳيان ٽوڙي پويان ڪپڙن ۾ ويڙهيل سيڙهيل جوڙا بيٺل هئا. ڪيترن ئي سياحن وٽ فولبنگ سائيڪلون هيون، ڪن پيرس هجي يا لنڊن پاڙن جي پرواهه ئي ڪانه هوندي. لائين جڏهن ڪجهه ڪٽي ته اڳيان ته منهڙ وارا مسافر ڪو ڪارڊ وغيره ڀري رهيا آهن. سو پنهنجي نمبر متعلق پويان بيٺل صحتمند جوان کي پارت ڪري اڳيان وڃي اميگريشن ڪارڊن جو ٺنڊڙو بنڊل کڻي آيس. ان ٿورڙي محنت سان آئون سڄي لائين ۾ هردلعزيز بنجي ويس، هر ڪو پنهنجي جاءِ ڇڏي مون کان ڪارڊ وٺي پي آيو ته جيئن نمبر اچڻ ڪانپوءِ ڀرڻ جي تڪليف کان بچي سگهجي. لائين جي ڪتراڳڻ سان واندا ٿي ڪاٽ جي للڊنڊڙ تختن جي بيلٽ تان لنگهي سڌو اچي جهاز ۾ پهتاسين. هي جهاز جنهن کي فيري سڏيندا آهن. اسان واري نسيم ڊيلڪس اجيتري هڪ مڪمل ڪالوني پي لڳو. هيٺ گرائونڊ فلور تي مختلف ماڊلس جون شاندار ڪارون بيٺل هيون. سخت رش ۾ ڌاڪيون ڇڙهڻ لڳس ته خبر پئي ته جهاز جا ڪل چار فلور هئا.

سونکي بک اچي تڇايو هو، سو وڃڻ شرط پهرين ريسٽورنٽ جي ڪولا ڪيم، اهو ٽئين فلور تي هو. فاسٽ فوڊ جي اسٽال تي ڏگهي لائين لڳل هئي. لوهي پائيپن ذريعي ٺاهيل ننڍڙي گهٽي ۾ داخل ٿيڻ کان پهرين پليٽون ۽ چمچا ڪانٽا ٿي پيا، پوءِ اڳيان پيل ڊشن مان جيڪو وڻي سو کڻي، آخري ڇيڙي تي ٺهيل ڪائونٽر تي پئسا ٿي ڏيڻا پيا. نقصان صرف اهو هو جو ڊشن تي قيمت ڪابه لکيل ڪانه هئي. آئون منجهي پيس پر پويان ايندڙن جو خيال ڪري هڪ چڪن پيس، هڪ ٽارچ جهڙي ڏگهي ڊبل روٽي ۽ ڪوڪ جو ڊبو کنيم، جنهن جا پورا پنج پائونڊ وٺي ڇڏيائون. هاڻ پشتاءُ لڳس ته لنڊن مان ٿي ٻه برگر ڇو نه وٺي ڇڏيم. بهرحال ٽري کڻي هڪ خالي ميز تي اچي ويٺس. چڪن پيس ۽ شوروو بلڪل ٺڪو هو، ته به ڪوڪ جي سرڪڻ سان ڪم ٽپائي ويس. ماني کائيندي خيال آيم ته ناشتي تي به قيمتون ساڳيون هونديون، تنهن ڪري بچيل ٽڪري ۽ ڊبل روٽي کي ضايع نه ڪجي، اهو سوچي هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳس، هاڻ سوال اهو هو ته سامهون ويٺل 14-15 سالن جي ٻن ڇوڪرن کان اک بچائي ڊبل روٽي ۽ ڪڪڙ ٿيلهي ۾ ڪيئن پهچايان. حالانڪ ان ۾ گهٽتائي ڪابه ڪانه هئي، پر ته به رواجي ايشين ڪامپلڪس هرو ڀرو پريشان پئي ڪيم. آخر جڏهن ڏٺم ته هو ٻئي لاڳيتو هيڏانهن پيا نهارين ته، پوءِ منهن جي پڪائيءَ سان ٽنگ جا ننڍڙا ننڍڙا ٽڪر ڪري ڊبل روٽي ۾ وجهي ٿيلهي ۾ رکي، ٽيبل تان اٿي ويس. ڪوڪ جو ڊبو اڃان خالي نه ٿيو هو. سو ان مان ننڍڙا ننڍڙا سرڪ ڀريندو ٻاهر ڊيڪ تي اچي، هيٺ جهاز جي پاسن سان ٽڪرائيندڙ ڇولين جو مزو وٺڻ لڳس. منظر ڏاڍو وڻندڙ هو، پر سيءَ گهڻي دير بيهڻ نه ڏنو. هن جهاز ۾ پئسي واري ماڻهو لاءِ تفريح جا گهڻا ئي موقعا آهن. ڊيوٽي فري شاپ، سئنيما، ڊسڪو ۽ بار ۾ سوين سياحن جي اچ وڃ لڳي پئي هئي. مون رڳو ڊيوٽي فري جو جائزو ورتو. اندر گهٽ ۾ گهٽ سؤ کن وسڪي، بيئر ۽ وائين جا قسم رکيل هئا. اسڪاچ، بلڪل

ليبل، شواز ريگل، بليڪ ڊاگ، هيگ، واڊڪا، بليڪ اينڊ وائيٽ، مارٽيني، شيمپئين مطلب ته ابن صفي جي ناولن ۾ پڙهيل سمورين بوتلن جو اسٽاڪ هتي موجود هو ۽ قيمتون به گهٽ. شواز ريگل جي وڏي بوتل فقط اٺ سؤ پاڪستاني رپيا. تڏهن ئي ته مشهور آهي ته ڪيترا ئي سياح فقط وسڪي پيئڻ لاءِ شپ ذريعي سفر ڪندا آهن. ڪجهه دير کان پوءِ لائوڊ اسپيڪر تي هلڪو کڙڪو ٿيو ۽ پوءِ اناؤنسمينٽ ٿيڻ لڳي، پر ٻولي انگريزي بدران فرينچ هئي. جنهن ته اسانکي هينئر کان ئي فرانس لاءِ هيرائڻ شروع ڪري ڏنو هئائون. جهاز جيئن ئي چُرڻ شروع ڪيو ته مون پنهنجي لاءِ سيٽ ڳولهڻ شروع ڪئي، پر سڀ جايون پرجي چڪيون هيون. 'جيڪي آيا سي اڳهيا' واري حساب مطابق مون جيڏي مهل شپ جو سروي پئي ڪيو، تجربيڪار مسافرن اوڏي مهل سيٽن تي قبضا ٻي ڪيا. پر خير نقصان ۾ رڳو اسين ڪونه هئس. مون جيان ڪئي جوان ٽوڙي جوانڙيون ٻي ڪا واهه نه ڏسي شپ جي ڪارپيٽيڊ فرش تي سامان رکيو ويٺا هئا. مون به ٻي منزل تي ڏاڪڻ جي هيٺان هڪ جاءِ اچي سنڀالي، جتي منهنجي هڪ پاسي کو مسافر شال اوڍي ستل هو، ته ٻي طرف ٻارنهن انچن جي مفاصلي تي ٽوائلٽ جو در هو ۽ ٽوائلٽ به خيرن سان زنانو. ٿيلهي تي ٽيڪ ڏئي اکيون ٻوٽڻ جي ڪوشش اڃان مس ڪيم ئي ٿي ته ٽيسين ڪو نه ڪو سينڊل ٺڪ ٺڪ ڪندو در تي اچي ٺــي کڙڪيو. در جي کلڻ جي آواز شال واري مسافر ۾ به چرپر پيدا ڪئي. منهن تان ڪپڙو هٽيو ته اندران گهڻ ڏاڙهي وارن ۽ ساهين اکين وارو نسواني چهرو ظاهر ٿيو. ڇوڪري ۽ اڌ شرط پهرين پيرن وٽ رکيل ساڻيهو جيڏي ڳتار جو جائزو ورتو پوءِ ڪو ڪتاب ڪڍي پڙهڻ شروع ڪري ويٺي. هن جا چپ عام انگريزن ڇوڪرين کان ڪجهه ٿلهيرا ۽ رنگ ڪجهه جهڪو هو، باقي اکيون ۽ نڪ لاجواب هئس. ليڊي اڪ سان ڪتاب ڏانهن نهاريم ته فرينچ زبان ۾ هو. هلو سائين شپ ايڊونچر جو انڊي ئي خاتمو ٿي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"چہ خوش بودي اگر بودي زبانش درد هان من
زبـان يار من ترڪي و مـن ترڪي نمي دانم"

مجبورن مون به ناول ڪڍي مطالعو شروع ڪيو. ٻه صفحا مس پڙهيا هوندم ته آواز آيو، "توهان منهنجي ڪتاب تي نظر رکندؤ ته مان ٽوائلٽ مان ٿي اچان."

چئبو ته منهنجي دعا آسمانن تي قبول ڪئي وئي هئي. ڇوڪريءَ کي انگريزي به آئي ٿي "شيور." هوءَ اٿي هلي وئي ۽ ڪجهه دير کان پوءِ موٽي وري ڪتاب ۾ ٻـڏي وئي. ٿوري دير رکي مون به ساڳي گذارش پنهنجي ٿيلهي لاءِ ڪئي. مونکي ٽوائلٽ ته ڪونه وڃڻو هو باقي پاڻي ڍڪ پيئڻ لاءِ وڏي جدوجهد ڪرڻي پئي. جڏهن ڪافي دير کان پوءِ موٽيس ته هوءَ باقائدي منهنجي ٿيلهي تي پهرو ڏئي رهي هئي. حالانڪ ان ۾ فقط ڪئميرا ۽ هڪ جوڙو پيل هو، باقي رهيو پاسپورٽ ۽ پئسا سي منهنجي جين جي کيسي ۾ ٻن ٻن بٽڻن سان بند ٿيل هئا. هن جا ٻيهر ڪتاب ۾ گم ٿيڻ جا آثار ڏسي هڪدم اسٽارٽ ورتم، "اوهان فرينچ آهيو؟"
"ففٽي ففٽي فرينچ ۽ انگلش."

سندس نالو ليجار هو، پاڻ لنڊن ۾ جاب ڪندي هئي. سندس ماءُ برٽش هئي ۽ پيءُ فرينچ، تنهن ڪري کيس ڊبل نيشنلٽي حاصل هئي. پاڻ ٽـن مهينن کان پوءِ فرانس وڃي رهـي هئي. ڳالهين ٻولهين ڳالهين ۾ جڏهن سندس معلومات ۽ سمجهه عـام انگريز ڇوڪرين کـان مٿي لڳم تـه ان جو سبب ٻڌايائين، "آئـون جاب سان گڏ انفرميشن ۾ M.S پڻ ڪري رهي آهيان." منهنجا سوال هڪ ٻئي پٺيان جاري هئا. هن پهرين ته فقط اخلاقاً جواب پئي ڏنا پر جڏهن ٻڌايومانس ته آئون آمريڪا کان ٿيندو پيو اچان تـه پوءِ يڪدم سندس اکين ۾ چمڪ اچي وئي، "آئون بـه آمريڪا وڃڻ چاهيان ٿي، منهنجي خواهش برڪلي ۾ پڙهڻ جـي آهي." پوءِ هوءَ لڳاتار آمريڪي معاشري جي باري ۾ پڇڻ لڳي. ٻڌايومانس ته هنن جي لاءِ ڪو ٿورڙو ئي فرق هوندو، باقي اسان ٽئين دنيا جي رهواسين لاءِ ته

ڳالهه ڏي ٻي آهي. هن کي انگلنڊ کان وڌيڪ فرانس جي ڪلچر ۽ روايتن سان محبت ٿي لڳي. چوڻ لڳي، ”اسان هميشه دنيا کي ادب ۽ فن جا جينئس فراهم ڪندا رهيا آهيون. روسو، والٽيئر، بالزاڪ، هيوگو، فلابيئر، ڊيوماس ۽ سارتر لاءِ سڄي دنيا کي اسان جو شڪرگذار هئڻ گهرجي.“

چيومانس، ”اڄڪلهه جنگ ٻه هڪ فن آهي پوءِ نيپولين لاءِ توهان جا ڇورا ڇڄجن ڇا نه.“ ڳالهه اڳ ۾ ڪٽيندي چيائين، ”اڄ به دنيا ۾ فيشن ۽ فن جو مرڪز پيرس جون گهٽيون آهن.“

”سو ته برابر درست، پر گذريل اڌ صديءَ ۾ ته اسان فرانس جو ڪو به جينئس ڪونه پڙهيو آهي.“ چيم. چوڪري ڏاڍي ذهين هئي. ورانيائين، ”ڪير جينئس آهي ڪير ڪونهي، اهو اڄ جا ماڻهو نه پر ايندڙ نسل طئي ڪندا.“

مون مسڪرائي هنيو، ”پوءِ ته اهو به ممڪن آهي ته جنهن ليجار سان آئون ڪچهري ڪري رهيو آهيان، سڀاڻي اها به ڪو ادبي ۽ علمي جائنٽ ثابت ٿئي.“ تير نشاني تي لڳو هو. چوڻ لڳي، ”هي ٽوائلٽ جي ڏک ڏک سمهڻ هوندئين ڪانه ڏيندي، هل ته هلي هڪ هڪ ڊرنڪ وٺون.“

پوءِ شپ جا اهي پنج ڪلاڪ اسان جي ڪچهري هلندي رهي. ڪيس ايشيا خصوصن اسان جي ملڪ ۾ پيار ۽ شادي متعلق بدل ڳالهين چرڪائي ڇڏيو هو. هن کي ٻنهي يقين نٿي آيو ته اڻواٺ انڊرسٽينڊنگ کان سواءِ به ڪا شادي ڪامياب وڃي سگهي ٿي. چيومانس، ”ليجار توهان وٽ اهو ڊپ ان ڪري آهي جو هر ڪنوار صاحبه شادي کان پوءِ گهوٽ جي پيٽ پنهنجن اکوڻن ڏهاڪو ڪن ٻواءِ فرينڊس سان ڪري ڏسندي هوندي، پر اسان وٽ ته نئين ڪنوار لاءِ گهوٽ اسي سيڪڙو حالتن ۾ زندگيءَ جو پهريون مرد هوندو آهي.

جهاز اڱڪل رات جو چئين وڳي فرانس جي بندرگاهه ڊيپي (Dieppe) تي پهتو. لهندي مهل آئون رستو پلجي ڪار پارڪنگ

۾ وچي نڪتس، پر پوءِ هڪ ڊرائيور گائيڊ ڪيو. دراصل لهندي مهل ليجار کي ڏاڪڻ تي ياد آيو ته هوءَ ننڍڙو پرس مٿي وساري آئي هئي، سا گٽار آتي رکي ولي واپس ڀڳي. هيستائين سڄي وات مونکي مختلف اعلانن جو ترجمو هوءَ ٻڌائيندي رهي هئي، پر سندس وڃڻ کان پوءِ آئون انڌي جي لٺ وانگر اوڙاهه ۾ ٿوجي ڪريو هئس.

اميگريشن وارن منهنجي پاسپورٽ تي پندرنهن ڏينهن جو ٺپو هڻي ڏنو. منهنجي لاءِ اهو به ضرورت کان وڌيڪ هو، ڇاڪاڻ ته مون واري شپ جي ٽڪيٽ ڏـي فقط پنجن ڏينهن لاءِ ڪارآمد هئي. ٽرين ۾ ويهي وري مون جائزو ورتو ته ڇوڪري ٽان ليجار گٽار گهليندي ظاهر ٿي. مون ڪجهه اڳيرو وڃي ڪيس مدد ڪئي. هيڏي سرديءَ ۾ به ڪيس نراڙ تي پگهر جون ڦڙيون چمڪي رهيون هيون. ٽرين هلڻ لڳي، پر چوڌاري اونداهه هئڻ ڪري ڏسڻ ۾ ڪجهه به ڪونه ٿي آيو. ڪلاڪ کن کان پوءِ رستي ۾ Rouen نالي شهر آيو. مونکي سخت سيءُ پئي لڳو، سو ٿلهو ڪوٽ ۾ رکي ڪرونڊڙو ٿي اکيون ٻوري ڇڏيم. ڪلاڪ ڏيڍ مس ستو هوندس ته ليجار ڪلهو لوڏيو، "پيرس اچي ويو آهي." صبح جا ساڍا ست ٿيا هئا ته به پيرس جي ريلوي اسٽيشن تي تمام گهڻي رش هئي. گاڏيءَ مان پير ٻاهر رکڻ شرط ڄڻ ڪنهن انتهائي مصروف بازار ۾ اچي ويس. فرينچ حسينائون، خوبصورت مرد، ڏکيون اڇون ٽنگون، اکين تي گاگلز، وڏين ڪڙين جي ٽڪ ٽڪ، سمنڊ جي ڇولين جيان لهرائيندڙ سنهري وار ۽ نه سمجهه ۾ ايندڙ سريلي زبان، آها هئي سينٽ ليزار (St Lazare) اسٽيشن تي فرانس متعلق منهنجي پهرين آبزرويشن.

سڀ کان پهرين هڪ بڪ اسٽال واري کان ٽوائليٽ جو ڏس پڇيم. جواب ۾ هو اکيون ڦاري مون ڏانهن نهارڻ لڳو. ڳالهه فورن سمجهه ۾ اچي وئي ته هتي انگلش جو استعمال ڏهي ۾ ٽڪريون آهي. پوءِ سڄي اسٽيشن جو رائونڊ ڏنم، تڏهن وڃي هڪ هنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ايئرپورٽن ۽ اسٽيشنن تي ٽوائلٽ کي ظاهر ڪندڙ مخصوص نشان نظر آيو. ٻي ڪٽڪو اندر داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪيم ته لوهي راڊ پنهنجي جاءِ تان انچ به ڪونه چري. ڪٽ ورايم ته پوڙهي مائيءَ راڊ جي پرسان لڳل دٻي ڏانهن اشارو ڪيو. چيئو ته اتي ٻه سڪا ٿي ڪتا. پر هاڻ سڪا اچن ڪٿان. وري ٻاهر هل هلان ڪري ڪرنسي ايڪسچينج آفيس اچي هٿ ڪيم. ويهه پائونڊ مٽايم ته ان جا ڪل 190 فرانڪ مليا. ڪيسي ۾ فرانس جا ڏوڪڙ پيا ته ڇڻ دل کي وڏو ڏڍ ملي ويو. هاڻ آئون نه صرف ٽوائلٽ استعمال ڪري سگهيس ٿي بلڪ جيتري دير وڻي اوتري دير آرام سان هٿ منهن، ايستائين جو پير به ڌوئي سگهيس ٿي. هڪ ڪارو انگريز ته اتي سوئچ ۾ اليڪٽرڪ شيور لڳائي ڏاڙهي ٻه ڪوڙي رهيو هو. اتان ٻاهر نڪري هڪ فاسٽ فوڊ ريسٽورنٽ تان اورينج جوز جو گلاس ورتم، جنهن جا ٻي سري ڏاڙهي واري مالڪ ساڍا ست فرانڪ اوڳاڙي ورتا. پر ان سان منهنجو ناشتو مڪمل ٿي چڪو هو. راتوڪي ٻچايل ڪڪڙ جي گوشت ۽ ڊبل روٽي سان گڏ اورينج جوز جي سرڪن بدن ۾ نئين توانائي پيدا ڪري ڇڏي. هاڻ راتوڪي طويل اوجاڳي جي باوجود 12 ڪلاڪن تائين پيرس ايڪسپلور ڪرڻ لاءِ ريڊي هئس. ٻارنهن ڪلاڪ ان ڪري جو پيرس جي رهائش ڪافي مهانگي هئي، ۽ مون اهو فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته سچو ڏينهن گهمي رات جو واپس لنڊن روانو ٿي ويندس.

ٽرين ۾ ايندي مون پيرس گهمڻ لاءِ گائيڊ ٽوئر وٺڻ جو پروگرام ٺاهيو هو، پر هتي اچي معلوم ٿيو هو ته ٽوئرسٽ آفيس ساڍي 9 وڳي کلندي. مون وٽ اڃان ڏيڍ ڪلاڪ پيو هو. ان دوران سوچيم ته ڪو سستو برگر ڳولهي پيٽ ڀرڻ لاءِ ٿيلهي ۾ اسٽور ڪري ڇڏيان، پر جتي وڃ اتي پورڪ رکيل نظر اچي. هڪ اسٽال تي ويٺل چيني ڪان جنهن کي اندي ٽٽندي انگريزي آئي ٿي، پڇيم ته ڇڪن برگر ملي سگهندو، ته هن جواب ڏيڻ بدران ٻيزاري جو

اظهار ڪيو. اسين پلا پنهنجي ملڪ تي هريل سومنهنجي مات مان "Shit" نڪري ويو. بس پوءِ ته همراه ڇري هٿ ۾ ڪٺي، مرڻ مارڻ لاءِ تيار ٿي ويو، پر تيسين هين دڪان وارن ڪيس اچي جهلي ورتو، نه ته منهنجي يورپ جي ڪنهن قبرستان ۾ دفن ٿيڻ واري خواهش اڄ ضرور پوري ٿي وڃي ها. وقت بنهه گذريو ڏي نٿي، سو محض ڇاڻ خاطر هيٺ وڃي پيرس جي انڊر گرائونڊ جو نقشو وٺي آيس. آمريڪا جي سب وي ۽ لنڊن واري ٽيوب جهڙي زير زمين ريلوي نظام کي هتي ميٽرو سڏبو آهي. واپس ٽوئرسٽ آفيس آڏو اچي نقشي جو جائزو ورتم ته رڳو لفظن جي معنيٰ نٿي آئي باقي الفابيٽ ساڳي انگلش واري هئي. تنهنڪان سواءِ لنڊن جي ٽيوب جي پيٽ ۾ هڪ بهتر پوائنٽ !ها هئي ته هتي ميٽرو جون ڪل 13 لائينون آهن ۽ انهن کي هڪ ڪان وٺي 13 تائين نمبر ڏنل آهن. اڃان انهن جو جائزو ئي ورتم ته مٿان ليجار اچي بيٺي، "تون اڃان هتي ويٺو آهين!"

پڏايومانس ته ٽوئرسٽ آفيس کلڻ جو انتظار آهي. چوڻ لڳي، "ڪو ايشين مهمان هتي اڪيلو بور ٿيندو رهي، اها اسان سڀني جي کهٽتائي ٿيندي، انڪري آئون به وڃي توسان ڪمپني ڏي ڪريان."

چيومانس، "سون ميٽرو کي ڪجهه ڪجهه سمجهي ورتو آهي سو رڳو پيرس جي تفريحي جاين ۽ ميوزمس جي تفصيل هٿ ڪري آئون پاڻهي روانو ٿي ويندس تون پلي وڃ."

"وڃان ته ٿي، پر ان شرط تي ته تون اڄ لنچ مونسان گڏ ڪندين."

طئي اهو ٿيو ته، آئون ڪيس سندس ساهيڙيءَ جي فليٽ تي فون ڪندس،جتي هو ترسيل هوندي ۽ پوءِ آئون جتي به هوندس اتان هوءِ مونکي پڪ ڪندي. دراصل رهڻو ليجار کي به پيرس ۾ ڪونه هو. سندس گهر 'پواتيرس' نالي ڪنهن شهر ۾ هو پر هوءِ ٻه ڏينهن هتي ترسڻي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اٽڪل نوين بجي آئون هڪ اسٽور تان مفت ملندڙ پيرس جي خاص جاين جي معلوماتي چوپڙي ۽ نقشا هٿ ڪري ميٽرو جي اسٽيشن تي آيس. اتي ويهي ويهي نقشي تي نشان لڳائي گهمڻ جي هيٺين ترتيب ڏاهيم:

١- ايفل ٽاور.
٢- نوٽريڊيم ڪليسا.
٣- شاٽري ليزي.
٤- جارج پومپيدو.
٥- لوور ميوزم.

پوءِ ميٽرو جي اسٽيشن تي اچي ٽڪيٽ جي خبرچار ورتم، ته ٻڌايائون ته لنڊن جيان هتي به ستن ڏينهن لاءِ ٽڪيٽ وٺي سگهجي ٿي، جنهنکي فارمولي ون چئبو آهي. پيلي رنگ جي ڪارڊ واري اها ٽڪيٽ وٺي سڌو اچي 13 نمبر جي ميٽرو ۾ چڙهيس. ميٽرو صفائي ستٿرائي ۾ لنڊن جي ٽيوب کان بهتر هئي. اندر ٻنهي پاسي شيشن مٿان ان لائين جي سمورين اسٽيشنن جا نالا لکيل هئا. منهنجي پرسان ويٺل نوجوان جو بوٽ ڪڙيءَ وٽان صفا ڦاٽل هو، پر هو ان کان بي‌نياز هٿ ۾ جهليل ڪتاب پڙهڻ ۾ مصروف هو. ٿورڙي ئي دير ۾ 'Miromesnil' اسٽيشن اچي وئي، اتي لهي وري 9 نمبر ميٽرو ۾ چڙهي 'Trocadero' اسٽيشن جي سرنگ مان ٻاهر نڪتس، ته محل جي طرز تي ٺهيل ٻه وڏيون عمارتون اکين اڳيان هيون. ان جو نالو 'Palais de Chaillot' هو. اتي وڏن مجسمن جي هيٺان فرش ايڏو ته لسو ۽ چلڪيلو هو جو وقت ضرورت ماڻهو شيشي بدران ان ۾ منهن ڏسي ڦڻي وغيره ڏئي سگهيو ٿي. ٿورو اڳيان اچي سامهون نهاريم ته ايفل (Eiffel) ٽاور ڪر ڪنيو بيٺو هو. سندس مفاصلو اتان کان ٻه کن فرلانگ ٿيندو. چوڌاري ڪافي سياح فوٽوگرافي ڪري رهيا هئا. سنگ مرمر جي ٺهيل ڍڳهي ڏاڪڻ لهي هيٺ آيس ته هڪ وڏي ڦوهاري جي هيٺان سنهري رنگ جو ڍڳو ۽ هڪ ڳابو ٺهيل هئا. انهن جي بلڪل وچ مان

Scanned with CamScanner

تور ڦوهارو آسمان ڏانهن وڃي رهيو هو. مٿان ٿي ڪرنڌڙ پاڻيءَ جي ڦڙين جي وچ ۾ اهي پٿر مجسما سورنهن آنا سون جا ٿي لڳا. هيڏانهن هوڏانهن نهاري رهيو هئس ته ائين محسوس ٿيو ڄڻ هي منظر منهنجو اڳ ۾ به ڏٺل هو، ڪافي دير سوچيندو رهيس پر ياد نه آيو. مون پاڻ سان ياشيڪا ڪئميرا کنئي هئي، سو ان جي موجودگيءَ کي جستيفاء ڪرڻ لاءِ پنهنجي هڪ تصوير ڪيرائڻ جو فيصلو ڪري هڪ پرانهين ڪنڊ ۾ وڃي واجهائڻ لڳس ته ڪو سياح هيٺ اچي ته منٿ ڪريانس. ڪجهه ئي دير ڪانپوءِ هڪ وچولي عمر جي مائي پرسان لنگهي، ته مون سڏ ڪيومانس. هن شايد منهنجي ڳالهه نه سمجهي، سو جواب ڏيڻ بدران رفتار تيز ڪري ڇڏيائين. آئون به سچڏ تي لڳوسانس ۽ اڳيان ڦري ڪئميرا ڏانهن اشارو ڪيومانس. هن ورِي به اهو سمجهيو ته آءٌ ڪو پروفيشنل فوٽوگرافر آهيان ۽ ڪيس تصوير ڪيرائڻ لاءِ ٿو چوان. بهرحال پوءِ ڳالهه سمجهي مرڪي منهنجو فوٽو ڪڍيائين. مائي جو بيهر ڏوهه ڪونه هو. هتي يورپ ۾ پنڻ جا طريقا اسانکان تمام مهذب آهن. ڪٿي به وچ رستي تي ويهي هٿ ڪونه ٽنگيو آهي، بلڪ انتهائي اعتماد ۽ وقار سان ڪنهنکي اشارو ڪري پيسا سڏي چئبو آهي، ”اوهان هڪ پائونڊ عنايت ڪندا.“

انڪانسوام اسان جهڙا ڪي واندا شاهه آمريڪا توڙي يورپ ۾ ڇوڪريون ڦاسائڻ لاءِ به ڪئميرا يا ايڊريس جو سهارو وٺندا آهن. ان طريقه واردات مطابق ڪوبه ملوڪ مهانڊيو ڇوڪري ان کي پنهنجي تصوير ڪڍڻ لاءِ چئبو آهي. پوءِ اڳيان ڳالهه وڌائڻ ماڻهوءَ جي ذاتي مهارت تي آهي. ايڊريس واري طريقي مطابق وري ڪنهن نه ڪنهن ڪاغذ تي ڪا ايڊريس لکي پوءِ ڇوڪرين وٽ معصوم منهن ڪري بيهڻو پوندو آهي. اڳيان ڪٿي پاڳ.

هاڻ منهنجو رخ ايفل ڏانهن هو. وچ ۾ وڏو روڊ ٿي ڪراس ڪيم ته، مون واري ڪلهن ۾ پيل اجرڪ وري واقفيت وڌائڻ ۾ ڪم آئي ۽ پارت جي هڪ سنڌي فيملي ويجهو اچي، حال احوال

ڪيا. مسز ۽ مسٽر رتناڻي انگلنڊ مان هڪ ڏينهن اڳ پيرس پهتا هئا ۽ هاڻ ايفل ڏسڻ نڪتا هئا. ٽاور وٽ سياحن جي بي پناهه رش هئي. ٽڪيٽ لاءِ لڳل لائين صحيح معنيٰ ۾ اقوام متحده جي علامت هئي. ملڪ ملڪ جا ماڻهو هڪ ٻئي سان گڏ وچڙ ٿيو، ڪچهرين ۾ مشغول هئا. منهنجي ۽ رتناڻي جي پويان هڪ پوڙهو آمريڪن بيٺو هو، جيڪو پنهنجي عمر جي احساس کان بيگانو ٿي، سندس پويان بيٺل عرب ڇوڪري کي چيونگم کارائي رهيو هو. آس پاس مختلف شين جا پنجاهه کن اسٽال هئا. ڪجهه دير ٽاڻين مٿي ٽاور ڏانهن نهارڻ جي ڪوشش ڪيم ته ڪنڌ ۾ سور پنجي ويو. مونکي فورن ڪيپري، وينس ۽ چاندني سئنيما ۾ ٽرڊ ۾ ويهي فلمون ڏسڻ وارا ڏينهن ياد اچي ويا، جڏهن اٿوند ۾ ٽرڊ ۾ ويهي ڪنڌ مٿي ڪري فلم ڏسڻ جو به پنهنجو لطف هوندو هو. ٽاور جي متحرڪ گاڏي ذريعي مٿي پهتاسين، ته اتان سڄو پيرس پي نظر آيو. درياهه سين به هڪ سنهڙي نديءَ جيان ٿي لڳو. ڦوهاري ڏانهن نگاهون ڊوڙايم ته هاڻ هڪدم ياد اچي ويو ته اهو منظر مون فلم ”بورنس آئيڊنٽتي“ ۾ ڏٺو هو. جڏهن بين الاقوامي دهشتگرد جان ڪارلوس جا ماڻهو بورنس جو ڪردار ادا ڪندڙ رچرڊ چيمبرلين تي انهن ڦوهارن وٽ حملو ٿا ڪن. ٽاور جي چوٽيءَ تان هيٺ ڏٺم، ته ماڻهو ننڍ پتڪڙا پئي لڳا. هتان ويهي سوچجي ته سنڌي چوڻي ”انين پيڙهي آٽ جي ماڪوڙو ماسات“ واري ڳالهه دل سان ٿي لڳي، ڇاڪاڻ ته ايترو مٿان کان ڏسڻ ڪانپوءِ آٽ، ماڪوڙي ۽ ماڻهو ۾ ڪو خاص فرق ڏي نٿو لڳي. ٽاور جي چوڌاري حفاظتي جارين متعلق پڇيم ته پرسان بيٺل آمريڪن چاچي ٻڌايو ته ڪنهن وقت ۾ زندگيءَ کان بيزار ماڻهن ايفل کي آپگهات جو وسيلو بنايو هو، تنهنڪري اهي حفاظتي اپاءَ ورتا ويا آهن. ٿوري ئي دير ڪانپوءِ ٻين سياحن لاءِ جاءِ خالي ڪرڻ لاءِ اسانکي هيٺ وڃڻ جي صلاح ڏنائون. منهنجي ته مرضي هئي ته ڪلاڪ کن ٻيهي ٽڪيٽ لاءِ وڃايل پنجاهه فرانڪ حلال ڪري وڃان پر مجبوري هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واپس اسٽيشن اچي 6 ۽ 4 نمبر جي ميٽرو ذريعي 'Cite' اسٽيشن تي اچي نڪتس. هڪ همراهه کان ڏس پڇي ٿورڙوئي پنڌ هليو هوندس ته وڏي پارڪ آڏو نوٽربڊيم جي ڪليسا هئي. سندس بلندي ۽ شان ۽ شوڪت ڏسڻ وٽان هو. ڪليسا جي سامهون زمين ۾ ڪٽل لسن پٿرن تي سوين سياح ڪبوترن کي چوڳو ڏئي رهيا هئا. هڪ ڪورين ڇوڪريءَ پنهنجي پارٽنر کي دڙڪا پئي ڏنا ته جلدي سندس فوٽو ڪڍي وٺي متان ڪلهي تي ويٺل سرمائي ڪبوتر آڏامي نه وڃي. هي ڪليسا ڏسي احساس ٿو ٿئي ته وڏو اديب تاريخ جي ٿلهن ڪتابن ۾ نه صرف پاڻ محفوظ ٿي وڃي ٿو، بلڪ پنهنجن لکڻين ۾ بيان ڪيل ڪردارن ٽوڙي جاين کي به ڪيئن نه زنده جاويد بنايو ڇڏي. جيڪڏهن وڪٽر هيوگو ”هنچ بيڪ آف نوٽربڊيم“ تخليق نه ڪري ها ته هن ڪليسا آڏو ايترا هجوم هجن ها؟ آئون يقين سان چئي سگهان ٿو ته هتي ايندڙ سؤ مان نوي سيڪڙو سياحن کي هن ڪليسا سان گڏ مرالدا ۽ ڪبڙو ڪوسيمارو به چڱيءَ ريت ياد هوندا. ڪليسا جون وڏيون ديوارون ڏسندي مونکي نه صرف هيوگو جي ناول تي ٺهيل فلم ياد اچي وئي بلڪ جينالولو برجيڊا ۽ انٿوني ڪوئن جي لازوال اداڪاري، فقيرن جو جلوس ۽ پنهنجي ملزم ساٿياڻي لاءِ چيل عظيم جملا پڻ ته،

"If our sister Miralda is not sacred than nothing is sacred neither the Church nor the king."

گهڻو پنڌ هلڻ ڪري منهنجون ٽنگون ڪجهه ٿڪجي پيون هيون [illegible] پيرس ۾ ڪو باربار [illegible] اچبو، اڄ جيترو به هلئو پيو، [illegible] هلبو. ميٽرو اسٽيشن ڏانهن [illegible] ته چوڪ وٽ ٽيهارو کن [illegible] جوان ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا مختلف ملڪن جا جهنڊا ۽ پلي ڪارڊ کڻي هڪ دائري ۾ [illegible] رهيا هئا. شايد ڪو احتجاجي مظاهرو [illegible] ويجهو اچي [illegible] جي [illegible] ڪيم، پر فرينچ سمجهه [illegible] زور هئي. [illegible] ميٽرو [illegible] چڙهي [illegible] ڏاڪڻ لٿس ٿي ٿي، تيسين [illegible] جي [illegible] قدمن [illegible] جهڪڙي ورتو.

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زبان فرينچ هئي پر ڏن ساڳي هئي.

"Deep in my heart I do believe we shall over come some day"

مون پرسان پيل بينچ تي ويهي، ڏانهن اکيون کڻي ڇڏيون. سڀ کان اڳيان هلندڙ آمريڪي جهنڊي واري ڇوڪريءَ هڪ سٽ چئي ته ٻيا مختلف رنگن ۽ لباسن وارا نوجوان يڪ آواز تي ٻيهر دهرائڻ لڳا. مون اکيون پوري ڇڏيون ۽ ذهن جي اسڪرين تي 8 جنوري 1988ع واري فلم هلڻ لڳي. سياري جا ڏينهن هئا، صبح جو سوير کان "سنڌي عوام جي قومي اتحاد" پاران نڪتل حيدرآباد جي تاريخ جو سڀ کان وڏو ۽ يادگار جلوس ريلوي اسٽيشن کان مارچ ڪندو، مسلم ڪاليج وٽ اچي پهتو هو. لکين ماڻهن جي ان جلسي عام آڏو سسئي، بختاور، نسيم، مسرت ۽ سورج جا ڪوئل جهڙا آواز هوا جي لهرن تي ڪڏي رهيا هئا، "وي شل اوورڪم سم ڊي." اڄ پيرس ۾ اها ساڳي سٽ دهرائجندي ٻڌي آئون اٿي بيٺس ۽ منهنجا قدم پيرس جي هن مصروف چوڪ تي مظاهرو ڪندڙن ڏانهن وڌڻ لڳا. پوءِ ٻنهي ڪنهن ٻچا ٻچا جي آئون به هڪ پلي ڪارڊ سميت ساڻن گڏ انگريزي ۾ اهو سڄو نغمو ڳائي رهيو هئس.

واپسي مهل هڪ انگريز ٻڌايو ته اهو مظاهرو ايٽمي هٿيارن خلاف ٿي رهيو هو. هاڻي ٿورو ٿورو بک جو احساس ٿيڻ لڳو هو. وقت ڏٺم ته ٻه ٿيڻ وارا هئا. شانزي ليزي جنهنکي فرينچ ۾ Champs Elysees لکن. پيرس جي مشهور ترين شاپنگ ايريا آهي. ڪنهن زماني ۾ ٻڌندا هئاسين ته بيگم ناهيد اسڪندر مرزا ۽ بيگم نصرت ڀٽو جي شاپنگ به اتان ٿي ٿيندي هئي. ميٽرو مان ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ منهنجي پهرين ڪوشش هئي ته ڪو فون بوٿ هٿ ڪري ليجار سان ڪانٽريڪٽ ڪريان. دير به ڪافي ٿي چڪي هئي، پر هن هيڏي وڏي شاهراهه تي گهولا ڪرڻ تي فورن ڪوبه بوٿ نظر نه آيو. هڪ گهٽيءَ ۾ داخل ٿيس ته هڪ فاسٽ فوڊ ريسٽورنٽ

سان اينڊڙ چڪن جي خوشبو منهنجا پير روڪي ڇڏيا. هڪ سيڪنڊ لاءِ خيال آيو ته ليچار سان ماني جو وعدو ڪيل آهي ۽ پئسا به بچي پوندا، پر ٻي گهڙيءَ پيٽ جو اهو دليل دماغ تي حاوي ٿي ويو ته "هن به هاڻي ماني کائي ڇڏي هوندي."

ريسٽورنٽ اندر وڃي چڪن پيس ڏانهن اشارو ڪري پڇيم، پر ان جي قيمت منهنجي بجيٽ کان ٻاهر هئي. برگر لاءِ خبر نه هئي ته ڇا جو آهي. مونکي مصيبت ۾ ڏسي هڪ فل سوٽ پهريل آمريڪي ٻاجهارو مددگار ٿيو ۽ چڪن برگر وٺرائي ڏنائين. اُهو اني ٿي ويهي ڪوڪ جي سڙڪن سان کائڻ لڳس. ڳالهين ئي ڳالهين ۾ آمريڪي مونکان سنڌس ملڪ جي باري ۾ راءِ پڇڻ لڳو. منهنجو سمورو ڌيان اوڏي مهل ماني ۾ هو، سو مڙئي، ها، نه، ڪري جان ڇڏايم. هو شايد يهودي هو. چوڻ لڳو، "مونکي سمجهه ۾ نٿو اچي ته مسلمان ۽ يهودي هڪٻئي جا سخت مخالف آهن ۽ آمريڪي فيصلن ۾ يهودي لابي جو اثررسوخ به گهڻو آهي ان جي باوجود به اسانجو ملڪ پاڪستان کي ايتري گهڻي امداد ڇو ٿو ڏي."

جواب ۾ آئون "الائجي ڇو" جو مختصر جملو چئي، سنڌس شڪريو ادا ڪري ٻاهر نڪري آيس. هيٺ پرڻ ڪانپوهه شانزي ليزي جو جائزو ورتم ته مزو ئي پيو هو. هر شئي هڪ مخصوص ترتيب ۾ هئي. خوبصورت فٽ پاٿن تي رنگين ڇٽين هيٺان آرام ڪرسيون رکيل هيون، جن تي ويٺل سوٽ پهريل ۽ هيٽ پاتل هر فرينچ مونکي جيمس بانڊ جي فلمن جو ڪونه ڪو ڪردار پئي لڳو. اهي سڀ اوپن ايئر ٽائيپ ريسٽورنٽ هئا. گراهڪن آڏو مختلف شراب ۽ جوز جا گلاس رکيل هئا. هڪ ٻن دڪانن جي ويجهو وڃي شيشن مان قيمتون پڙهيم ته دل سنسي نڪري ٿي وئي. ايڏي مهانگائي! هتان ته جوڪڏهن رکو پيٽن، پاڻيجن، سٽونين، مارونين لاءِ سڪٽا سيڪنڊل ٿي وٺان ها ته انهن جي قيمت چڪائڻ لاءِ نسيم ڊيلڪس وارو گهر وڪڻو پئجي وڃي ها.

هاڻ منهنجي ٻي منزل لوور جو عجائب گهر هو. پر انڪان

اڳ مونکي جوز جي ڪا وڏي بوتل وٺڻي هئي. هتي مونکي ذري ذري اڄ ٿي لڳي ۽ ڀاڙي اڻلڀ هو، تنهنڪري بهتر اهوئي هو تہ ليٽر ڏيڍ جي ڪا بوتل پاڻ سان گڏ رکان.

جارج V اسٽيشن ڀامران بيٺل هڪ سانوري رنگ جي همراه کي ڏسي ويجهو وڃي پڪ ڪيم تہ هو ايشين ٿي ثابت ٿيو. بوتل وٺڻ لاءِ ڏس پڇيومانس تہ هو رائيٽ ۽ ليفٽ جي چڪرن ۾ پوڻ بدران رهنمائي لاءِ پاڻ گڏجي هلڻ لڳو. نماڻي چهري وارو امرت اصل ڀارت جو هو. چاليهہ هزار رپيا ايجنٽ کي ڏئي فرانس جي ويزا ۽ ٽڪيٽ هٿ ڪئي هئائين. هتي انهيءَ ساڳي اسٽور تي ڪم ڪندو هو، جيڏانهن هينئر وٺي پئي هليو. سندس پگهار ٽي هزار فرانڪ مهينو هئي، جيڪي 10 هزار ڪن انڊين رپيا ٿي ٿيا. چوڻ لڳو، "دوست، منهنجون ٽي ڀيڻون آهن، انهن جي شاديءَ لاءِ هڪ لک روپين جي ضرورت اٿم، ستن مهينن کان سخت محنت ڪريان پيو تہ بہ اڃان صرف قرض وارا چاليهہ هزار لاٿا اٿم، باقي پئسا جيئن ئي گڏ ٿيا، آئون فورن واپس هليو ويندس."

هن مونکي پنهنجي اسٽور تان 11 فرانڪن ۾ آرنج جوز جي وڏي بوتل وٺي ڏني ۽ ان سان گڏ مالڪ کان اڪ ٻچائي چار ننڍڙا گلاس بہ ٿيلهي ۾ وجهي ڏنا. سندس اسٽور تي فون بہ هو. مون امرت جي سفارش تي ليچار جو نمبر ڊائل ڪيو. ڪافي دير ٽائين رنگ وڃندي رهي، پوءِ جڏهن آئون رکڻ وارو هئس، تڏهن فرينچ ۾ ليچار جو آواز اڀريو. مون يڪدم ديـر سان فون ڪرڻ جي معذرت ڪئي. هن ٻنان ڪنهن بحث جي اهو پڇيو تہ آئون هن وقت ڪٿي آهيان. ٻڌايومانس، تہ چيائين چارلس ڊيگال ميٽرو اسٽيشن وٽ اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ سندس انتظار ڪريان. 1 نمبر جي ميٽرو ۾ چڙهي اتي پهتس، تہ سامهون وچ چوڪ تي گمنام شهيدن جو يادگار هو. اولهہ جي اها روايت آهي تہ نالي چڙهيل ماڻهن سان گڏ انهن هزارين گمنام ماڻهن کي بہ ياد رکيو ويندو آهي جن قوم ۽ وطن جي راهہ ۾ سر ڏنو هجي. اسان وانگر نہ تہ ريڪارڊ جي پورائي

لاءِ فقط پيٽا، بلاول، فاضل ۽ هوشو ياد رکيو، ٻيا سڀ سورما وساريو ڇڏيون. اهي سڀ جن ارغونن، ترخانن ۽ مغلن ملتان کنڊ ڪپايا، جن ڏٻي جي جنگ ۾ جانيون ڏنيون، جن جهوڪ جي تحريڪ لاءِ سر جون سٿون ڪاڍيون، جن 83ع جي تحريڪ دوران موري، ميهڙ ۽ دادو ۾ جام شهادت پيتو ۽ اهي جن کي ٻهرين آڪٽوبر 1988ع تي ڪراچي ۾ آڏيءَ رات جو سٽي ۽ شهيد ڪيو ويو ۽ اهي جن جا رت ٻڏل جسم حيدرآباد جي رستن تي ايم ڪيو ايم جي درندگي جو ثبوت بڻيا، اهي سڀ اسين آهستي آهستي وساريندا وڃون.

تيستائين وچان منهنجو بدن نستو ٿي چڪو هو. آئون بوتل مان ٻه ڍڪ پيري، فٽ پاٿ وٽ پيل پٿر جي بينچ تي ٿيلهو ڪنڌ هيٺان ڏئي ليٽي پيس. آئون پنهنجو پاڻ کي هينئر مڪمل خانه بدوش سياح لڳي رهيو هوس. 1990ع جو ڪو ماڊرن ابن بطوطه يا ڪولمبس ۽ پوءِ ننڊ وٺي وئي. اڄ ڏينهن تائين مونکي اهو سمجهه ۾ نه ايندو آهي ته آن ڏينهن هڪ اڻڄاڻ شهر ۾ کلي آسمان هيٺان آئون بي ڊڙڪ ڪيئن سمهي سگهيو هئس. اک کليم ته لڳو ڪنهن پير لوڏيو هجي. يڪدم سڌو ٿي ويس. نراڙ وٽان جهڪيل ڪريم ڪلر جي هيٽ ۽ وڏن گلن واري چلڪندڙ شرٽ ۾ ليجار مونکي ڏسي مرڪي رهي هئي. ڪيس پرسان ويهڻ لاءِ چئي، ٻهرين سون هڪدم جيڪٽ ۽ پينٽ جا کيسا چيڪ ڪيا ته پاسپورٽ ۽ ٽريول چيڪ موجود آهي يا نه. انهن مان مطمئن ٿي پوءِ ٿيلهي ۾ ڪئميرا ڏٺم اها به هٿيڪي هئي. ليجار کي ٻڌايم ته مونکي هاڻ لوور جو عجائب گهر ڏسڻو آهي، سو جيڪڏهن گڏ هلي ته ڪمپني ڪريون. چوڻ لڳي ته اهو ته سياڻي به ڏسي سگهجي ٿو. ٻڌايو مانس ته منهنجو اڄ ئي واپسي جو پروگرام آهي.

”اڄ وري ڇو؟ پورس هڪ ڏينهن ۾ ڇا سمجهه ۾ ايندو، ۽ ان کان سواءِ تو منهنجو لنچ نه کاڌو، گهٽ ۾ گهٽ ڊنر ته کاءُ.“

سندس خلوص ڏسي مون به وڌيڪ ڪوڙ ڳالهائڻ مناسب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نہ سمجهيو ۽ صاف صاف ٻڌايو ماڻس تہ آئون پنهنجي بجيٽ جو وڏو حصو آمريڪا ۽ انگلنڊ ۾ خرچ ڪري چڪو آهيان ۽ هاڻ ڪنهن هوٽل وغيره جي چٽي ڀرڻ جي موڊ ۾ ناهيان. هوءَ سوچ ۾ پئجي وئي. "ٺيڪ آهي پلا جي پنجاهہ فرانڪن ۾ ڪٿي پيئنگ گيسٽ ٿي، هڪ رات رهين تہ پوءِ؟"

"اهڙي سستي رهائش تي مونکي ڪوبہ اعتراض ڪونهي، پر اهڙو جلد بندوبست ٿي سگهندو."

"ڏرائي ڪيون ٿا، پوءِ ڏسون تنهنجي قسمت."

هوءَ پوءِ مونکي 2 نمبر ميٽرو ۾ ويهاري سڌو روم وٺي وئي. پر روم ڪهڙو، اٽلي وارو نہ، پيرس جو. هي علائقو سينٽ ليزار ريلوي اسٽيشن کان واڪنگ ڊسٽنس تي هو. انڊر گرائونڊ کان ٻاهر نڪري ڪجهہ پنڌ هلڻ کان پوءِ ليجار مونکي هڪ بلڊنگ اندر وٺي هلي. وڏي در مان اندر داخل ٿيڻ کان اڳ ڪو ايتري هدايت ڪيائين تہ رسيپشن تي ويٺل شخص آڏو اعتماد جو مظاهرو ڪيان ۽ هو جيڪڏهن ڪو سوال پڇي تہ پاڻ خاموش رهي، ڪيس جواب ڏيڻ ڏيان. پر اتي اهڙي ضرورت ئي ڪانہ پئي. وڏي ٽيبل وٽ ويٺل پائي رکو ڪنڌ کڻي ليجار ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ وري ڪنهن ايوننگ اخبار ۾ گم ٿي ويو. لفٽ آڏو بيٺاسين تہ ڇهون نمبر بٽڻ روشن هو. تنهن کري پرسان ڪارپيٽ وڇايل ڏاڪڻ ذريعي ٻي فلور تي آياسين. پرس مان چابي ڪڍي جڏهن ليجار فليٽ جو تالو کوليو تہ منهنجو شڪ يقين ۾ تبديل ٿي ويو، "نہ هي تنهنجي ساهڙي جو فليٽ آهي. پهرين چو نہ ٻڌايئي. هاڻ تہ آئون هتي هفتو رهي سگهان ٿو."

"صرف اڄوڪي رات رهڻ جي موڪل اٿئي، سڀاڻي هوءَ ۽ سندس بوائ فرينڊ تروئيز مان موٽي ايندا."

هي مختصر فليٽ ٻن ننڍڙن ڪمرن ۽ هڪ باٿ روم تي مشتمل هو. هڪ ڪمرو مڪمل طور تي صاف سٿرو هو، جڏهن تہ ٻيو افراتفري جو شڪار پي لڳو. ڪنڊ ۾ زنانہ ڪپڙا هڪبئي مٿان سٽيا پيا

Scanned with CamScanner

هئا. پٺ تي هڪ وڏي تصوير لڳل هئي، جنهن ۾ ڀهاري جهڙي ڏاڙهي سان هڪ گورو مسڪرائي رهيو هو. ٻي ڪمري ۾ هڪ ننڍڙي شيلف ۾ ڪجهه ڪتاب رکيل هئا. ۽ ان جي بلڪل هيٺان 16 ڪن انچن واري اسڪرين جي ٽي وي رکيل هئي. منهنجو جائزو اڃان جاري هو ته هوءَ ٽڙ ٽڪڙ ۾ بليڪ ڪافي جا ٻه ڪوپ ٺاهي آئي. سرڪ جو ڪٽي پريم ته وات ئي ڪسارو ٿي ويو. ڪنڊ هڻ بنهه ڪانءِ وڏي هئي. مون ڪچن ۾ وڃي کنڊ ڳولي پر ڪانه لڌي. هن کان پڇيم، ته چوائين ته، نه سندس ساهيڙي استعمال ڪري نه ئي ان جو بواءِ فرينڊ، سو کنڊ مشڪل ملندي. مجبورن ان ڪوئنين جهڙي ڪافي کي زهر مارڪيم. هونئن به مونکي چانهن يا ڪافي پيئڻ جي عادت به ڪانهي، سو بچاءُ ٿي ويو. هوءَ وري ٽيليفون ڪالهي تي لڙڪائي تيار هئي. ”هان ڪڏانهن ٿا هلون؟“

”هلون ٿا. صرف اڄ پنجين وڳي ۽ شام جو اٺين ڌاري اڃي ويندس. تون تيستين آرام ڪر، پوءِ ٻاهر هلي ڪجهه کائينداسين.“

مون وٽ هاڻي ٻه ٽي ڪلاڪ ٺلها پيا هئا. ڪتابن جو جائزو ورتم ته ٺالا ٿي سمجهه ۾ ڪونه آيا. پيو خانو ڏٺم ته ان ۾ ڪجهه انگريزي ڪتاب به هئا، جي اهي ٻن ليجار جي ساهيڙي جا هئا ته پوءِ سندس ادبي ذوق به ٺيڪ ٺاڪ هو. انهن ڪتابن ۾ والٽئر جو 'Misanthrope'، سارتر جو 'Trilogy' ۽ ميلان ڪنڊيرا جو 'The joke' به موجود هئا. جوڪ جا ڪجهه پنا اٿلايم، پر کاڻين ۽ مزدورن جي تفصيلي ذڪر اکين کي ڳرو ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. V T کوليم ته شايد فرينچ خبرون پي هليون. جنهن ۾ گوربا چوف پي ڏيکاريائون. چينل تبديل ڪيم، ته ڪو ميوزڪ جو پروگرام هو. هتي شايد ٽي وي جا ڪل پنج چينل آهن يا ٿي سگهي ٿو ته وڌيڪ هجن ۽ اوڏي مونکي فقط پنج هٿ آيا هجن. اڄ گهٽو هلڻ ڪري هن وقت ڪنهن به ڳالهه مزو نه پي ڏنو، سو آخرڪار سمهڻ جو فيصلو ڪيم. سمهڻ کان اڳ ۾ پاڻ کي ٿورو فريش ڪرڻ لاءِ هٿ منهن ڌوتم ۽ پيرن کي به پسايم. باٿ روم ۾ شيشي جي

پرسان هڪ باڪس ۾ جهگوار، ليونارڊ ۽ ڪوڪو ڏالـي پرفيومس رکيل هيون. تنهي سـان ٿورو ٿـورو اسپري ڪري ڪي وي واري ڪمري ۾ اچي، سوفا تي ڊگهو ٿي ليٽي پيس، جتي ٿورڙي ئي دير ۾ ننڊ ورائي وئي.

انڪل سادي ائين ڏاري ليچار اُتاريو. جلـدي جلدي تيار ٿي ٻئي هيٺ آياسين. مونکي پيرس باءِ نائيٽ ڏسڻ جو ڪافي شوق هو، سو ليچار سڌو شانزيليزي ڏانهن وٺـي هلي. سياح سان گڏ ڪو ٻڌائڻ وارو به هجي ته پوءِ تـه مزو ئي ٻيڻو ٿيو وڃي. ميٽرو جي سرنگ مان ٻئي لنگهياسين ته هڪ پاڪستاني ڇوڪرو ننڍڙي ٽيبل تي چمڙي جا ٻولٽ رکي وڪڻي رهيو هـو. آئون ڪانئس انٽرويو ڪرڻ لڳس ته ليچار سمجهيو تـه قيمت گهٽ ڪرايـان، سو صلاح ڏيڻ لڳي ته اهڙو سامان هڪ ٻئي جاءِ تان سستو ملندو آهي. ميٽرو ۾ ويندا هئاسين تـه قداور شيدين جو هڪ گروپ اٺـي ڄڻو ۽ گٽار کڻي هڪ ڳانو شروع ڪيائون. مون سمجهيو ته اهو به ڪو پنڻ جو طريقو آهي، پـر ڏسندي ئي ڏسندي سڄو ڳـاڏو ساڻن سُر ملائڻ لڳو. ليچار جا هٿ به سيٽ جي ٻانهن تي ردم ڏئي رهيا هئا. ڪنهن به ماڻهوءَ جي ٽاڙي يا پيرن جا اسٽيپس بي ترتيب نه هئا. ليچار ڪان ان متعلق پڇيم ته چوڻ لڳي، "هي مصورن، فنڪارن ۽ اديبن جو شهر آهي، جن جي برش جي هڪ غلط اسٽروڪ يا غلط سُر يا غلط سٽ سان سڄي تخليق جي سونهن مري سگهي ٿي، تنهن ڪري اسان جو شهر آهستي آهستي انهن معاملن ۾ حساس ٿي چڪو آهي."

سندس ڳالهه واقعي سچي هئي. مون پيرس ۾ اڄ سڄي ڏينهن دوران هزارن جي تعداد ۾ ڇهڇ ساوا وڻ ڏٺا هئا، پر اهي سڀ وڻ ائين ٿي لڳا، ڄڻ هڪ ئي فيڪٽري مان آرڊر تي ٺهرايا ويا هجن، مڪمل ترتيب سان مخصوص ٻڌائڻ ۾.

اسين ڪافي دير شانزيليزي تي واڪ ڪندا رهياسين. هلندي هلندي جڏهن ڪانڪورڊ چوڪ تي پهتاسين، ته ليچار ٻڌايو ته هتي 1789ع واري فرينچ انقلاب وقت گلوٽين ذريعي ٽن هزار ماڻهن جا

سر ڪڙ ڪان ڌار ڪيا ويا هئا، جنهن ۾ بادشاهه ۽ ملڪه به شامل هئا.
پوءِ هن مُڙي موڏانهن ڏٺو، ۽ پڇيائين، ”تو کي خبر آهي گلوٽين
ڇا هئي.“

”ها مون ڊڪنس جي ’اي ٽيل آف ٽوسٽيز‘ ڏٺي آهي.“
جواب ڏنم.

”ريئلي! توهان وٽ به اهڙيون شيون هلنديون آهن.“

مون ڪيس فلم جي هڪ ڪردار سڊني ڪارٽن جا اهي
لازوال جملا ٻڌايا، جيڪي هن گلوٽين ذريعي قتل ٿيڻ کان ڪجهه
گهڙيون اڳ چيا هئا،

"Perhaps I receive in death some thing I never had in life."

پوءِ اسان هڪ فاسٽ فوڊ ريسٽورنٽ تي ويهي ماني کاڌي.
ماني دوران اها هڪ ڳالهه هئي، جيڪا اڪثر مون جهڙن ڪنگلن
سياحن کي اهڙين جاين تي ٽينڊي آهي، ڇاڪاڻ ته بل ليجار کي ڏيڻو
هو. اسان ٻاهر نڪتاسين، ته مونکي ائين لڳو ڄڻ رستي تي ڇوڪرين
جو تعداد مردن جي ڀيٽ ۾ ڪجهه وڌي ويو آهي. ڇوڪريون به
نهيل ٺڪيل ۽ شاندار لباسن ۾. ليجارجو ڌيان ڇڪايم، ته چيائين،
”اهي ڪال گرل آهن ۽ راتين جو شانزيليزي تي انهن جي رش
هوندي آهي.“

”پر اهي ته پگال وٽ هئڻ گهرجن.“

”هي درجي جون آتي هونديون آهن.“ پوءِ هوءَ مونکي پگال
وٺي هلي. پيرس جو هي بدنام علائقو ميٽرو جي 12 نمبر لائين تي
هو. مونکي اتي ڪا به ڳالهه حيرت انگيز نه لڳي. دراصل پنهنجي
ملڪ ۾ ويهي لنڊن جو ’سوهو‘، پيرس جو ’پگال‘ ۽ آمريڪا جا
’ريڊ لائيٽ ايريا‘ ڪجهه وڌيڪ ئي عجيب ۽ چرڪائيندڙ محسوس
ٿين ٿا. نه ته اتي پهچڻ کانپوءِ ماڻهو هر گهٽي، هر چوڪ تي اهڙا
منظر ڏسي ٿو، جو انهن ڳالهين ۾ ڪو به سسپينس باقي نٿي رهيو.
رات جا ٻارنهن ٿي ٿيا، ليجار کي واپس هلڻ لاءِ چيم، ته ورائيائين،
”هي ميٽرو 1 بجي تائين هلندي آهي.“ بهرحال مونکي ننڊ پئي

آئـي، سو واپس موٽياسين. واپسي تي اسانجي بلڪل سامهون واري سيٽ تي هڪ جوڙو پيرس جي چلولائي جو شڪار بڻيل هو. ليجار به ٽيڏي اک سان ڪيڏي ڪيڏي مهل انهن ڏانهن نهاريو ٿي.

”ليجار توکان هڪ ذاتي سوال پڇان؟“

”پلي.“

”تنهنجو ڪونه ڪو بـواءِ فرينڊ تـه ضرور هوندو، اهـو ڪٿي آهي؟“

”آهي نه هو، هاڻ آئون ان کان الڳ ٿي وئي آهيان.“

”ڇو؟“

”انڪري جـو هاڻ هـُن کي منهنجي ٻين ڇوڪرن سـان ڪمپني ڪرڻ تي ڪوبه اعتراض نه هو.“

”ڇا مطلب؟“

”مطلب اهو ته هي ديٽ از ناٽ جيلس از ناٽ ان لـَو.“

مونکي سـندس فلسفو سمجهه ۾ نه اچي سگهيو. گهڻي ٺڪ يا ٿڪ سبب جي ڪري ليجار جي ساڄين اکين ۾ ڳاڙها ڏورا پيجي چڪا هئا.

ٻي ڏينهن سادي يارنهين ڌاري اک کلي، ناشتو ڪري تيار ٿيندي ٿيندي هڪ ٿي ويو. اڄ شام جو اسان ٻنهي کي پيرس ڇڏڻو هو. پـر ان کان اڳ ليجار وعدي مطابق مونکي لوور (Lourve) ميوزم ڏيکارڻ وٺي هلي. اتي پهچڻ تي خبر پئي ته ٻي بجي کانپوءِ داخلا مفت آهي. نه ته ان کان اڳ 27 فرانڪ وچائڻا پوندا. ليجار ته ائين ڪرڻ لاءِ به تيار هئي پر مون تي بچت حاوي هئي، سو اڌ ڪلاڪ انتظار ڪرڻ بهتر سمجهيم. مـون واري ٿيلهي ۾ اورينج جوز جي اڌ بوتل اڃان پيل هئي، ان مان پـه گلاس پري پيتاسين. بوتل جي باري ۾ ليجار صلاح ڏني ته اها ميوزم ۾ ڪٿي هلڻ بدران اتي ئي ڪٿي رکـي ڇڏجي. سو پراسرار انـداز ۾ سڀني کان نظر بچائي بوتل هڪ وڏي پلر جـي پويان لڪائي رکيم. ٻن ۾ اڃان پنج منٽ هئا، پر بجليءَ جي ڏاڪڻ وٽ بيٺل سانوري پاڪستاني

پنهنجائپ جي اظهار طور مونکي هٿ وجهي ڏنو، باقي ليجار کي روڪي ڇڏيائون. مقرر وقت تي هو جڏهن هيٺ آئي ته چوڻ لڳي ”توهين پنهنجن هم وطن لاءِ ٻين جي قانونن جو به خيال نٿا ڪريو.“

چيومانس، ”پنهنجن ماڻهن جي آئوٽ آف وي وڃي مدد ڪرڻ اسانجي قومي روايت آهي.“

هيٺ ٻاهين ته ڪائونٽر تان ننڍڙو معلوماتي ڪتاب ڏنائون، جنهن مان خبر پئي ته لوور ٽن حصن ۾ ورهايل آهي.

1- Sully؛ هتي اينٽيڪس ۽ ڪجهه فرينچ پينٽنگس پيل آهن ۽ لوور جي تاريخ ڏيکاريل آهي.

2- Denon؛ هتي مجسما (Sculptures) ۽ رومن، گريڪ ۽ ٻيون پينٽنگس ۽ نوادرات آهن.

3- Richelieu؛ اهو شعبو آئون وقت گهٽ هئڻ ڪري ڏوروئي ڏسي سگهيس.

ڏينن جون ٻه شيون ته بين الاقوامي اهميت رکندڙ آهن، هڪ ليونارڊو ڊاونچي جي شهرت يافته ”مونا ليزا“ ۽ ٻيو مائيڪل انجلو جا غلام. مونا ليزا جي چوڌاري ته سياحن جا هجوم هئا. پلا پيرس اچي ان پراسرار مرڪ کي ڏسڻ ڪانسواءِ ڪير واپس ويندو ۽ سو به مفت ۾. اهي ٻئي ته اهڙيون شيون آهن، جن متعلق ماڻهو مونئي وڃي سنگت سات ۾ ٻڌائڪ هوندو آهي.

ميوزم جي ڏاڪڻ لهڻ ڪان وٺي، وڏين ڪلمن وارو هڪ يورو ترڪ ڇوڪرو رستو پڇڻ جي بهاني ليجار سان پيچ ٿي چنبڙي پيو هو. مونکي چڙ ته ڏاڍي ٿي لڳي، پر ڇا ٿي ڪري سگهيس. مونا ليزا جي تصوير آڏو، ٻيهي هن سندس آٽو فوڪس ڪئميرا مونکي هٿ ۾ ڏني ليجار ۽ سندس فوٽو ڪڍڻ لاءِ چيو. سوڙ پري سان فليش جي بتي ٻرڻ جو انتظار ٻي ڪيم ته هڪ باوردي ملازم اڪتي وڌيو ”هتي فليش استعمال ڪرڻ منع آهي.“ ترڪ جو منهن لهي ويو ۽ هو ڦڪائي متائڻ لاءِ چوڻ لڳو، ”هن تصوير ۾ ته ڪا به خاص ڳالهه ڪانهي، ڪلاڪ کن ۾ آئون به اهڙي ٺاهي سگهان ٿو.“

ليجار طنزيه انداز ۾ مرڪي ته مون به ڪيس اهڙو ئي دلچسپ واقعو ٻڌايو، ”ڪنهن وقت ۾ هڪ انگلش مصور وسلر پنهنجي تصوير ٻه سؤ سونين گنين ۾ وڪي، ته هڪ ماڻهوءَ مٿس وڏيڪ قيمت وٺڻ جو ڪيس داخل ڪيو. ڪورٽ ۾ جج مصور ڪان پڇيو ته تو اها پينٽنگ ڪيتري دير ۾ ٺاهي. وسلر وراڻيو ٽن ڪلاڪن ۾. جج حيران ٿي چيو ٽن ڪلاڪن جو معاوضو ٻه سؤ گنيون. وسلر وراڻيو، جج صاحب پر انهن ٽن ڪلاڪن پٺيان منهنجي سڄي زندگي جي ڄاڻ شامل هئي. پوءِ ڪيس باعزت بري ڪيو ويو.“

ميوزم ۾ چوڌاري ڪيترائي جاپاني سياح گهمي رهيا هئا. هاڻ انهن وٽ به حد ڪان وڌيڪ پئسو اچي ويو آهي. ڏاڪڻيون لهي چڙهي منهنجون ٽنگون سور ڪرڻ لڳيون هيون، پر اجان لوور جو ويهه سيڪڙو به نه ڏسي سگهيو هئس. آخري چڙهائي طور رکيو حسن جي ديوي وينس جو ديدار ڪيم. ميلوجزيزي جي سنگتراش جي ٺاهيل اها تصوراتي ديوي اڄ به ڪپيل ٻانهن جي باوجود چند ڪلاڪن ۾ ئي لوور جي هر مهمان جي دل ۾ هڪ رومانوي اٽيچمينٽ پيدا ڪريو وڃي. سندس اڌ اگهاڙي جسم جي پرفيڪشن ڏسي بي اختيار ان سنگتراش جا هٿ چمڻ جي خواهش پيدا ٿيڻ لڳي ٿي.

وينس ڪان سواءِ ٻين ٽن هڪجهڙي سان گڏ بيٺل عورتن جا عريان مجسما به لاجواب هئا. ائين ٿي لڳو ڄڻ ننڍي هوندي پڙهيل لوڪ ڪهاڻين جي ڪنهن ڏائڻ هنن کي پٿر جو بڻائي ڇڏيو آهي ۽ جيئن ئي جادو جو اثر لهندو، هي بي حدو حساب خوبصورت شهزاديون هيٺ لهي رقص ڪرڻ لڳنديون.

ڪاش مون وٽ پيرس ۾ رهڻ لاءِ وڌيڪ وقت ۽ پئسو هجي ها ته جيڪر فن ۽ فنڪارن جي هن شهر جي هڪ هڪ ماڻهو، هڪ هڪ منظر کي دل جي سرد خاني ۾ سدائين لاءِ اسٽور ڪري ڇڏيان ها. پر مونکي هاڻ وڃڻو هو. سينٽ لزار اسٽيشن ڏانهن ويندي ميٽرو ۾ آئون ۽ ليجار خاموش هئاسين. اسٽيشن تي جڏهن آئون ڊيپي بندرگاهه ڏانهن ويندڙ ٽرين ۾ چڙهڻ لڳس، تڏهن ليجار

Scanned with CamScanner

ساڄي هٿ کي زور ڏيندي چيو،
”پاڻ وري جلد ملنداسين.“
”ها ليجار! بلڪل ملنداسين.“

بظاهر اهي جملا ته ڏاڍا پراعتماد هئا، پر دل ۾ اسان ٻنهي کي خبر هئي ته اهي صرف هڪ ٻئي کي آسرو ڏيڻ لاءِ چيل هئا، نه ته هاڻ اسانجو ملڻ تقريباً ناممڪن هو. ساڻن اکين ۾ گهگهرو وارن واري هيءَ معصوم ڇوڪري نيستائين مرڪي هٿ لوڏيندي رهي، جيستائين منهنجون نظرون ڪيس ماڻهن جي هجوم ۾ ڏسي پئي سگهيون. پوءِ ريل جي تيز رفتاري هن کي گم ڪري ڇڏيو. منهنجي چپن تي بي اختيار شيخ اياز جون سٽون اچي ويون،

”ڪن پل تنهنجو منهنجو ميلو،
روح گهڙيءَ لئه ڏيندو ريلو،
سڀ اتفاقي ڪجهه به نه باقي،
تون به اڪيلي مان به اڪيلو.“

واپسيءَ جو سفر فقط روايتي سفر رهيو. شپ ۾ چڙهڻ کان پوءِ، هڪدم مناسب جاءِ ڳولي آڏون ٽيلهو ڪلهي کان ڏئي سمهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس. جوز جي بوتل مٿي ۾ چڙهي رهي هئي، سو ان کي ٻاهر ڪڍي ته ٿي سرڪ پيري سيراندي رکي، اکيون پوري ڇڏيم. هينئر به منهنجي هڪ طرف نينگرو جوڙو ۽ ٻي پاسي هڪ پشم جهڙي گلابي انگريزياڻي ليٽيل هئي، پر مون ساڻس ڳالهائي گذريل 36 ڪلاڪن جي حسين ۽ خوشگوار يادگيرين کي ڏنڊلو ڪرڻ نٿي چاهيو.

صبح جو 8 بجي لنڊن پهتس. وڪٽوريه تي بچيل فرانڪ واپس ڪري سڌو ڪيرڪ هائوس آيس. چار پنج دفعا ڪال بيل وڄائڻ کانپوءِ آصف اکيون مهٽيندي دروازو کوليو. آڏون اندر گهڙڻ شرط محسن جي ويڪري بيڊ تي ڪري پيس. آصف به واپس وڃي سمهي رهيو.

ٻي بجي ڏاري اک کلي ته سٽنگ روم مان سڄاڻل آواز ٻڌڻ

۾ آيو. ڪمبل پري ڪري منهن کي ڇنڊيا هئي اندر آيس ته محسن جو وڏو ڀاءُ ۽ اسانجو پيارو ساٿي سرور باري صاحب ڏاڙهي ڪنهي رهيو هو. مونکي زوردار ڀاڪر پائيندي چيائون، ”پيرس ڪيئن لڳو؟“

”فرسٽ ڪلاس. لنڊن کان وڌيڪ صاف سٿرو ۽ رومانٽڪ.“ مون تبصري ڪرڻ سان گڏ ٽيبل تي رکيل ماني تي به هٿ هلائڻ شروع ڪيا، ”باري صاحب! فرانس ۽ انگلنڊ ٻنهي جي آبادي به لڳ ڀڳ هڪ جيتري آهي يعني ساڍا پنج ڪروڙ ڪن ۽ ٻنهي ملڪن جي جاگرافيائي ۽ سياسي صورتحال به مونکي ملندڙ جلندڙ ٿي لڳي. پوءِ آخر فرانس، يوڪي جي ڀيٽ ۾ ايترو خوشحال ڇو ٿو محسوس ٿئي؟“

”ان جو جواب توکي هتي نه ملندو. اهو وڏو راز آهي. جيڪڏهن تون سچائي مون سان برائيٽن هلين ته پوءِ ان تان پردو کڻي سگهجي ٿو.“ باري صاحب حسب دستور ڳالهه ڪل ۾ ٽاري ڇڏيا حال احوال شروع ڪري ڇڏيا. ڪچهري ڪافي دير تائين جاري رهي، ٻين اهم موضوعن ۾ هڪ اهو به هو ته محسن جي هاڻ شادي ڪرائڻ گهرجي. سندس چوڻ هو ته محسن جتي به چوي اتي سڱ گهرڻ لاءِ هو ۽ سندس گهر واري فرزانه تيار آهن. باقي ڪنهن پاڪستاني فيملي سان ڇوڪري ڳولڻ جيترو وقت وٽن ڪونهي. مون ڪانئس ادي فرزانه ۽ ننڍڙي ڌيءُ تزئين جو پڇيو، ته ٻڌايائين اهي آمريڪا ويل آهن. هو پاڻ به اٽلي جي سياحت لاءِ سوچي رهيو هو. شام جو ٻاهر نڪرڻ جو پروگرام ٺهي ناهيوسين، تيسين محسن اچي ويو. هن ٻڌايو ته تنوير ۽ سندس گهر واري نرگس ٻن ڏينهن کان منهنجي پڇا پيا ڪن، ۽ ماني جي دعوت لاءِ چئو اٿن. باري صاحب هڪدم آصف کي چيو ته هو ڪين فون ذريعي اطلاع ڏي ته اسين اڄ ٿي سندس مهمان آهيون. پوءِ رات جو 9 ڌاري باري صاحب جي ڪار ۾ اسين سڀ اوڏانهن روانا ٿياسين. محسن ڪونه هليو، سندس ڪا ڊيٽ هئي. ڪافي ڊگهي ڊرائيو کان پوءِ ان علائقي ۾

ڀيٽاسين. تنوير گهٽيءَ ۾ ٿي اسان جو انتظار پئي ڪيو. هتي گهر سڀ هڪجهڙا هئا، ڳاڙهين سرن ۽ ترا ڪڙين ڇتين وارا. مينهن پوڻ تي پاڻي انهن تان نيسارا ڪري وهندو هوندو. نرگس اڳي ڪان وڌيڪ صحتمند ۽ ملوڪ ٿي وئي هئي. ماني جي ٽيبل تي ويٺاسين ته هوءَ رڌڻي مان ٽڪڙو ٽڪڙو گرم گرم ڦلڪا اسان تائين پهچائيندي وئي. نرگس جو ماءُ به پاڪستان کان آيل هو، سو ان سان ڪچهري به هلي پئي. همراهه آهه جي آءِ جو ڪٽر حامي هو ۽ نواز شريف جو انتهائي عقيدتمند. مون جڏهن قلعي جي دهشتگردن کي نواز شريف پاران پنج ڪروڙ رپين جو امداد جي سخت مخالفت ڪئي ته چوڻ لڳو ته فقط اعلان آهي. ڪيس بهرحال مهاجرن سان ڪافي همدردي هئي. چوڻ لڳو، ”ملڪ ۾ پنجاب جي اڪثريت آهي، تنهنڪري وزيراعظم پنجابي هئڻ گهرجي ۽ اهوئي سنڌ کي پنهنجا حق به ڏئي سگهندو. توهانکي ياد ناهي ته جنرل ضياءالحق ۽ جي ايم سيد صاحب جا تعلقات ڪيڏا نه سٺا هئا ۽ ان دور ۾ ئي سنڌين کي سڀئون نوڪريون مليون هيون.“ اها ڳالهه ٻڌي ٻاري مٿس چڙهي ويو، ”اوهان ڇا پيا چئو ضياءالحق جي دور ۾ سنڌين کي لاشن ڪانسواءِ ٻيو ڇا مليو هو.“ هن همراهه سمجهيو پئي ته بحث رکو هڪ سنڌيءَ سان ٻيو ڪريان، پر جڏهن ٻاري ۽ تنوير به آهه جي آءِ جي مخالفت ڪرڻ لڳا ته پوءِ هو ماٺ ٿي ويو. آصف ان دوران رڌڻي ۾ نرگس سان ڪچهري ڪري رهيو هو. هوءَ موڙي ته ڪيس چيم، ”نرگس ٻاد انٿي هڪ ڏينهن تو ٻسڪو ۾ هاڻ ڪان ڪيترو کيهايو پئي.“

چوڻ لڳي، ”هاڻ ٻسڪو وارا مونکان کيهائيندا آهن.“

هوءَ واقعي ٽن سالن اندر ڪافي بولڊ ٿي وئي هئي. تنوير ۽ هو ٻئي گڏجي هڪ ننڍڙي ويگن ۾ موبائيل ريسٽورنٽ هلائيندا آهن. اهڙا فاسٽ فوڊ جا ريسٽورنٽ مون آمريڪا ۾ به واشنگٽن مانوومنٽ جي آس پاس ڏٺا هئا. وقت ڪافي ٿي ويو هو، سو گهر موٽي اچي سمهي رهياسين. محسن اڄان تائين ڪونه آيو هو، شايد

ڪٽي ڇڪو لڳي ويو هئس.

ٻي ڏينهن صبح سان آصف ٻڌايو ته تنوير جي گهر ادي زينا فون ڪري ڇيو آهي، ته اياز گهر ڳالهائي. آئون باري صاحب جي ناهيل آمليٽ کي ختم ڪري ڪيسي ۾ ٽي چار پائونڊ ۽ ٻي ريزگاري وجهي روڊ جي ٻي طرف ٽيليفون بوٽ وٽ آيس. هتي لنڊن ۾ مون گهڻو ڪري هر هنڌ ٻه ٻه بوٽ گڏ ڏٺا آهن. هڪ پئسن تي ۽ ٻيو ڪارڊ تي. اهڙوئي ڪارڊ پورس ۾ ليجار وٽ به هو. انهن ڪارڊن ني100 کن يونٽ هوندا آهن ۽ ان حساب سان ان جي قيمت هوندي آهي. ڪارڊ فون جي سوراخ ۾ وجهي نمبر ملائبو آهي، پوءِ جيئن ئي ڳالهه ٻولهه شروع ٿي، ڪارڊ تي يونٽ ڪٽجڻ شروع ٿي ويندا آهن. بهرحال هينئر ته اسان وٽ کليا پائونڊ هئا. ڪوڊ ڊائل ڪري نمبر ڊائل ڪيم ته 40 سيڪنڊن ۾ نمبر ملي ويو. انتي رياض فون کنيو. ٻڌايائين ته اسان پرسان بشير چانڊيي صاحب جي گهر واري ادي سعيده ڏانهن وئي آهي. منهنجا پئسا تيزي سان پورا ٿي رهيا هئا، سو يڪدم فون رکي ڪجهه دير ڪانپوءِ ٻيهر ملائي امان سان ڳالهايم.

واپسي تي متي ڏاڪڻ ٻي چڙهياسين ته سامهون واري فليٽ جي ڇوڪري پرسان اچي لنگهي. مون ڇرڪ کٽي پريو ۽ هڪدم جمي جو جملو ياد اچي ويو، ”انگريزن جو لباس ڪڏهن ڪڏهن خطرناڪ هنڌن تان قاتل هوندو آهي.“

متي آياسين ته باري صاحب برائيٽن جي تياري ۾ هو، منهنجي بيگ به گاڏي ۾ رکي ڇڏي هئائون. ڪيس رستي ۾ ڪو ڪم هو، سو اتان ئي سڌو برائيٽن روانا ٿياسين.

برائيٽن

اسين ڪافي دير هلندا رهياسين، پر لنڊن ڪٿي جو نالو ئي نٿي ورتو. ٽيوب ۾ زير زمين گهمندي ڦرندي لنڊن جي پڪيز ۽ رستن جي خبر ئي نٿي پوي. هاڻ ڪار مان پتو پيو پئي ته ها واقعي لنڊن جي آبادي 80 لکن کان به مٿي ٿي سگهي ٿي. برائيٽن لنڊن جي ڏکڻ طرف 80 ڪلو ميٽر جي مفاصلي تي هو. باري صاحب جي گاڏيءَ ۾ جيپ وانگي فقط اڳيان به دروازا هئا. هو پاڻ ۽ آئون اڳيان ويٺل هئاسين ۽ آصف پٺيان. اسان ٽنهي کي چيلهه وٽان سيٽ بولٽ ٻڌل هئا. هڪ دفعو وري پيرس جو ذڪر نڪتو ته هن ٻڌايو ته برطانيه جو بندرگاهه نيو هيون جتان ڪان آئون پيرس لاءِ فيري ۾ چڙهيو هئس، سو برائيٽن کان فقط 14 ڪلو ميٽر پري آهي. هن رستي تي به ساوڪ تمام گهٽي هئي، ڪار ائين پئي هلي ڄڻ اسڪيمو برف تي ترڪندا هجن. اسين هاڻ سسيڪس ڪائونٽي ۾ داخل ٿي چڪا هئاسين، اڳيان رستي جي سائيڊ تي به ڪارون هڪبئي سان لڳو لڳ بيٺيون هيون ۽ هڪ نيگرو عورت ۽ گورو مرد پاڻ ۾ اٽڪيا پيا هئا. باري صاحب ٿوري گاڏي سلوءِ ڪئي ته مون به شيشو هيٺ ڪيو، پر مائيءَ جي گارين جي بوڇاڙ ٻڌي وري هڪدم بند ڪري ڇڏيم. هنن ٻنهي جو جهيڙو ڏسي مونکي مرحوم ناني بابا پوڙهي جو مشهور جملو ياد اچي ويو، هو جڏهن به ڪنهن مائيءَ جو مرد سان جهيڙي جو ٻڌندو هو ته ڪلي چوندو هو، ”بابا مڙس جهيڙاڪ ته رن به ترهناڪ.“

باري ٻڌايو ته جيڪڏهن هنن جي گاڏيءَ کي ڪو به نقصان پهتو هوندو ته هو ايس او ايس کي ڪال ڪري وٺندا. ۽ جي سندن مڪمل ڪار انشورنس ٿيل هوندي، ته پوءِ وڏي ٽرڪ اچي ڪين ڪار سوڌو منزل تائين پهچائي ويندي. ڪلاڪ کن جي ڊرائيو کان پوءِ ڪار باري صاحب جي ڊبل اسٽوري گهر آڏو اچي بيٺي.

اين، نويد، اياز لطيف، جيجي زرين، ڊورا ۽ آصف- مارڪس جي يادگار وٽ.



برائيٽن بيچ جي ڪناري سائيڪل ريس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

برائيٽن جي بيچ جو ڪپڙن وارو حصو.

اقبال ترين، الطاف ميمڻ، شمع الطاف ۽ زورين شاهه، جيئي سنڌ تي رقص ڪندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



اياز لطيف پيرس جي مظاهري ۾.

مسٽر ۽ مسز جاويد لغاري، آفتاب قاضي، پنٻ، سرفراز عباسي، مسز بدر شيخ، نجم ميمڻ، مسٽر ۽ مسز نرنجن دوداڻي ۽ ٻين سان گڏ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



اياز لطيف نيشنل آرٽ گيلري جي سامهون.

تنوير، اياز لطيف، نرگس جو مامو ۽ سرور باري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻه ڪي ٻيو سامان ڪڍي ٻيهر وڇايوسين، ته دروازو ته مهاتري ڪولهيو. سنڌس ڪپڙا ۽ ورکريل وار ڏسي مون پهرين نظر ۾ ڪم ڪندڙ ڪرڻ واري سمجهيو، پر پوءِ مٿي ٻيڊ روم ۾ سامان رکي، هڪٻئي سان واقفيت ڪرائيسين ته خبر پئي ته ويسٽ بنگال جي هيءَ ڇوڪري هتي P.h.D ڪري رهي هئي ۽ باري وٽ پيئنگ گيسٽ طور رهندي هئي. سنڌس وڏين وڏين اکين کي ڪتي ڇڏجي ته سانوري رنگ ۽ عام نقشن سبب منجهس خاص ڪشش ڪانه هئي.

ڪجهه دير ننڊ ڪري شام جو ڪچن ۾ ويهي گڏجي ماني کاڌيسين. اوون جي مٿان پيت وٽ سڄي هفتي جو ٽائيم ٽيبل لکيل هو، جنهن مطابق ٻه ڏينهن باري کي، ٻه ڏينهن مهاتري کي ۽ ٻه ڏينهن فرزانه کي ماني، ڀاڄي ۽ ٿانون کي منهن ڏيڻو هو، باقي هڪ ڏينهن ماني شايد فاسٽ فوڊ جي حوالي هئي. اسين چار ئي ماني کائي پوءِ اچي مٿي باري جي ڪمري ۾ ويٺاسين. چوڌاري ڪتاب پريل هئا، ٽي وي جي هيٺان ڏراڙي ۾ پنجاهي کن وڊيو ڪيسٽ رکيل هيون، ناڻا پڙهيم ته اڪثر ڊاڪيومينٽري هيون. ويسٽ ۾ نئڊيڙن ڪمرن ۾ جنهن نموني وڏ ڪان وڏ سامان کي بهترين ترتيب سان سيٽ ڪيو آهي، آئون ان ڪان بيحد متاثر آهيان. هي ڪمرو به ان جو مثال هو. باري مونکي اهو ميمورينڊم ڏيکاريو، جيڪو هن سنڌ ڪميٽي پاران جنگ لنڊن جي ايڊيٽر اشرف قاضي کي ڏنو هو. هن ٻڌايو ته الطاف حسين جي لنڊن اچڻ ڪان پوءِ جنگ مڪمل طور ايم ڪيوايم گزيٽ بڻجي وئي هئي ۽ اخبار جو ايڊيٽر جيڪو مير خليل الرحمان جو نائي آهي، اهو سنڌس ايجنٽ بڻيو ويٺو هو، تنهن ڪري سنڌ ڪميٽي پاران هڪ وفد جي صورت ۾ هنن مٿس زور وڌو ته هو غير جانبدار رهي ته ته سڄي برطانيه ۾ سنڌس سرڪيوليشن تباهه ڪري ڇڏبي. اها سنڌ ڪميٽي باري ۽ ٻين دوستن گڏجي ٺاهي هئي، جنهن جي ميمبرن ۾ سيف الله نظاماڻي، سرور باري، ظهور ڀٽ، حارث گڏدر، نصرالله مگسي، محسن، تنوير، انور هاليپوٽو، چوڌري ارشد ۽ ڊاڪٽر افغان شامل آهن. مهاتري

سان ڪچهري دوران خبر پئي ته هو پارٽي ڪميونسٽ پارٽي CPIM جي ميمبر پڻ آهي. مون چرچي طور پڇيومانس، ”اوهان پارٽي ڪميونسٽ ڪئي سالن کان ڪيرالا، بينگال ۽ ترپوره تائين ڇو محدود آهيو؟“

چوڻ لڳي، ”اسان ته واقعي پٺتي آهيون، پر پاڪستاني ڪميونسٽ پارٽي جا ڪنهن هڪ علائقي ۾ پنجاهه سالهو به هجن ته ٻڌايو.“

مهاتري سندس پارٽي جي اڳواڻ ڪامريڊ سرجيت سنگهه کان بيحد متاثر هئي. کيس ٻڌايم ته، آئون جڏهن 87ع ۾ لطيف سيمينار اٽينڊ ڪرڻ دهلي ويو هئس ته دهلي ۾ ان ڏاهي ۽ پروقار شخص سان ملي چڪو آهيان. هوءَ بنگالي زبان ۾ ڪجهه شاعري به ڪندي هئي، مونکي به ٽي سٽون ٻڌايائين، مون به کيس پنهنجي نظم ”مقتول جي پڪار“ ٻڌائي. کيس هي آخري سٽون ته ڏاڍيون وڻيون ۽ انهن جو ترجمو مونکان لکرائي ورتائين،

”منزل حق جي خوبصورت پري!
مونکي ويساهه آ
جي اسين قتل ٿياسين ته ڇا ٿي پيو
جي اسين دفن ٿياسين ته ڇا ٿي پيو
اسان جا جوان عزم هي سورما
تو کي حاصل ڪندا
۽ پوءِ پاڪر جهلي
چپ چپن تي رکي
تنهنجي ساهن جي مستي ۽ سرهاڻ کي
نيٺ پنهنجو ڪندا نيٺ پنهنجو ڪندا.“

رات جو دير سان جڏهن ڪمبل ۾ وڙهجي سمهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس ته سچل سيمينار جو مشاعرو اکين اڳيان ڦري رهيو هو. نومبر 89ع جا ڏينهن هئا، ڪراچيءَ ۾ رات جي وقت هاڪو هلڪو سيءُ پوڻ شروع ٿي چڪو هو. پرل ڪانٽيننٽل جي

سينگاريل هال ۾ مشاعري جي صدارت شيخ اياز ڪئي ۽ ناميارا شاعر شمشير الحيدري، تنوير عباسي، امداد حسيني، استاد بخاري، تاج، هدايت، عنايت بلوچ، آغا سليم، وينا شرنگي، ڪرشن کٽواڻي، منشي، سرويچ، قيمت هري سنگهاڻي، محمد خان مجيدي، اياز گل، ادل سومرو، مريم مجيدي، نذير ناز، سحر ۽ ٻيا اسٽيج تي ويٺل هئا.

سچو هال ان وقت شاگردن سان ڀريل هو. جڏهن مونکي سڏ ٿيو ته مائيڪ آڏو بيهڻ کان پوءِ اڌون ٿورو هڪيو ٻڪيو به هئس. ڀلا سامهون پليجو صاحب، شيخ اياز ۽ جوڻيجو صاحب جو ويٺل هئا. پر پوءِ جڏهن اها ساڳي نظم 'مقتول جي پڪار' پڙهائي پوري ڪيم ته سڄو پنڊال تاڙين جي آوازن سان گونجڻ لڳو. جوڻيجو صاحب ۽ حميد سنڌي هيٺان بار بار داد ڏئي رهيا هئا. تنوير عباسي ته اسٽيج تي بيهي ڀاڪر پائي مونکي چميون ڏنيون. اهو شايد منهنجي زندگي جي املهه ترين ڏينهن مان هڪ هو. ان ڏينهن مونکي آغا سليم هڪ معصوم ٻار جيان لڳو هو. جنهن انتهائي کلي دل سان هر ڪنهن تي شاندار تبصرا پئي ڪيا. هُن نظم به زبردست پڙهائي هئي. سامهون شيخ اياز جي هڪ طرف علي نواز وفائي ويٺل هو، ٻي پاسي مهتاب راشدي، شبنم موتي ۽ امان هئا. پوئين لائين ۾ جام ساقي، سائين عالم شاهه، اسماعيل راهو، ابراهيم سوهو، محمد خان سولنگي، درشهوار سيد، ممتاز ڀٽو، ساجده شيخ ۽ نوري عقيلي ويٺل هئا. هدايت نظم پڙهڻ کان اڳ چيو ته منهنجو ياءُ عنايت نه هجي ها ته شمشير لاهه ڪڍي ڇڏي ها. آغا هڪدم چوٽ ڪئي، "لاهه ته تنهنجا هينئر به ڪڍيا اٿس پر تو کي خبر نه پئي." چوڌاري ٽهڪڙو مچي ويو. آغا سليم آخر ۾ پوريان محفل ڇانئي، جتي ڪريم بلوچ، سحر، تاج ۽ اڌون سنڌس همنوا هئاسين. مجيدي صاحب جي نظم دوران ڪريم بلوچ ۽ تاج ڇانئي واٽي ٻي سُريون تاڙيون وڄائڻ لڳا. صحافي جي.اين. مغل به اچي اسان سان گڏ ويٺو هو. تنوير ان جي سامهون منهنجي پڙهي نظم پابندي ڪرشنا جا جملا دهرايا هئا، "Go ahead there is no farewell." ذوالفقار سيال، استاد

بخاري جي اچڻ مهل چيو ، ”پليجو صاحب ايترو گهڻو داد پيو ڏئي ، جو هر ڪو شاعر ته ته لي تي شيون پيو ٻڌائي.“ هڪ ٻي شاعر جذباتي انداز ۾ گجگوڙ ڪئي ته آغا چيو، ”هي ڊيڄاري داد ٿو وٺي.“

بهرحال ان ڏينهن سڄي سنڌ جي ادبي توڙي سياسي ڪريم کي هڪٻئي سان کير کنڊ ڏسي هر وينل جي دل ۾ اها ئي دعا هئي، ته ڪاش اهي ائين ئي پرڏل رهن ته جيئن سنڌ جي قومي ٻيڙي کي گڏجي ڪنهن ڪناري پهچائي سگهجي.

ٻي ڏينهن صبح جو جلد ئي تيار ٿي ويس. آصف کي رات ٿورو ٿورو زڪام هو، تنهن ڪري سيپٽران ڏني هئي مانس، هينئر اهو به ٺيڪ لڳو پيو هو. اڄ اسانکي برائيٽن جي مشهور ساموندي بيچ جو سير ڪرڻو هو، ان کان پوءِ شام جو پنجين وڳي واپس لنڊن جي هيٿرو ايئرپورٽ تي پهچي مونکي ڪراچي ڏانهن اڏامڻو هو. گهران نڪتاسين ته رستي تي ڪافي ٽريفڪ هئي. هن ڏيڍ لک آبادي واري شهر ۾ ايتري رش متعلق باري صاحب کان پڇيم ته ٻڌايائين ته اڄ ويڪ اينڊ آهي ۽ سڄ به چٽو پيو نظر اچي، اهڙي ڏينهن تي سڀني انگريزن جو منهن سمنڊ ڏانهن هوندو آهي. رستي تي هڪ وڏي چوڪ وٽ وڏا وڏا خيما لڳل هئا ۽ ڍگهيون سفري گاڏيون بيٺل هيون، اها برائيٽن جي ساليانې ميلي جي تياري هئي. اسانکي هاڻ گاڏي بيهارڻ لاءِ ڪنهن مناسب جاءِ جي ڳولا هئي، سو هڪ هنڌ انکي پارڪ ڪري اڳتي پنڌ روانا ٿياسين. رستي تي ٿهيل محرابن ۽ پليڪار وارن بينرن کي پڙهڻ سان معلوم ٿيو ته اڄ هتي ڪا وڏي سائيڪل ريس به ٿيڻ واري هئي. روڊ جي ٻنهي طرفن هزارين ماڻهو رنگ برنگي لباسن ۾ اچي وڃي رهيا هئا. بيچ ڪافي پري هئي پر جيئن جيئن ويجها پئي ٿياسين، تيئن تيئن رونق وڌندي پئي وئي. هاڻ اسان جي اکين آڏو سمنڊ ظاهر ٿي چڪو هو. انگلش چينل جو پرسڪون پاڻي ڪراچي جي سمنڊ وانگر شرارتي نٿو لڳو. ڪناري کان بانس تي ٺهيل هڪ وڏو رستو سمنڊ ۾ ڪافي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اندر ڏاڪڻين لهي ويو، ان تي ريسٽورنٽ وغيره پڻ ٺهيل هئا. هيٺ خوبصورت ننڍڙن ننڍڙن پٿرن واري ڪناري وٽ ساڙي ۽ اڇي پٽي سان سون جي تعداد ۾ آرام ڪرسيون رکيل هيون، جن تي مقامي انگريز ۽ مختلف ملڪن جا سياح ويٺل هئا. اهي ڪرسيون شايد مسواڙ تي ڏني مليون. گهڻو ڪري سمورن مردن توڙي عورتن کي ڪڇا پيل هئا. مونکي اوڏي مهل براؤن ڪارڊائي جي پينٽ تي پيلي شرٽ پيل هئي ۽ گچي ۾ اجرڪ به هئي. ايترو ويڙهيل سيڙهيل ڏسي اڪثر ماڻهن مون ڏانهن گهوري ٿي نهاريو. ڪاٻي پاسي پنڌ ڏي پنڌ هلڻ شروع ڪيوسين ته رش وڌندي وئي، شايد ريس ۾ حصو وٺندڙ سائيڪل سوار اتان ڏي لنگهڻا هئا. روڊ جي ٻي طرف قلعي جهڙي ديوار مٿان سوين ماڻهو هيٺ نهاري رهيا هئا. بلڪل ائين جيئن حيدرآباد ۾ تلڪ چاڙهي وٽ روڊ جي ٻنهي پاسن مٿان گرلون لڳل آهن جتان هيٺ ڏسي سگهبو آهي. ٿورو اڳتي وڌياسين ته طرح طرح جا جهولا ۽ ٻيون متحرڪ مشينون لڳل هيون، جن وٽ ٻارن جي گهڻي رش هئي. اوچتو تاڙيون وڄڻ شروع ٿي ويون، پوءِ پهرين هڪ وڏي ڪار ظاهر ٿي، ان پويان ٻه موٽر سائيڪلون ۽ پوءِ اسپورٽس سائيڪلن تي پيلي چڊي ۽ گنجي ۾ سوين نوجوان تيزي سان لنگهڻ لڳا. گهڻو ڪري سيني جي مٿي تي آسٽريلين ڪرڪيٽر جيف لاسن جي اسٽائيل واري ربن ٻڌل هئي. روڊ جي ٻنهي طرف بيٺل مرد توڙي عورتون هر سائيڪل واري کي ڀرپور داد ڏيڻ لاءِ زور زور سان تاڙيون وڄائي رهيا هئا. باري صاحب اسان کي بيچ جي ڪاٻي طرف اتان به اڳتي وٺي هلڻ لڳو. چيوسانس ته هاڻي ٿڪجي پيا آهيون، پر هو نه مڙيو، چوڻ لڳو، هاڻ توهانکي هڪ اهڙي سرپرائيزنگ شئي ڏيکاريندا سين جنهن کي ڏيکارڻ لاءِ ٻه سال اڳ اسماعيل راهو ۽ بخت جمال کي به آندو هئم، پر تڏهن سياري جي ڪري ناڪامي نصيب ٿي هئي. هاڻي منهنجي ذهن ۾ به تجسس پيدا ٿيڻ لڳو. پٿرائين زمين تي گهڻو پنڌ هلڻ ڪري پيرن ۾ سور پئجي ويو هو، ته به هلي وياسين. پوءِ ٻري ڪان سوين ماڻهو ڏسڻ

۾ اچڻ لڳا. ويجها ٿياسين ته منهنجون ذري گهٽ اکيون نڪري آيون. اتي اڪثر عورتن کي بريزيئرس به پيل ڪونه هيون. ٿورو اڳيان به اڳتي وڌياسين ته وات ڦاٽي ويو، مار پيٽ سان! هاڻ ته ڪپڙن جو تڪلف به ختم ٿي چڪو هو. چوڏاري سوَن جي تعداد ۾ الف اگهاڙا انگريز ۽ انگريزياڻيون چادرن تي ليٽيل هئا. سندن ڪير جهڙا اڇا جسم سج جي روشني ۾ چمڪي رهيا هئا. آس پاس ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو ڪپڙا پاتل به هئا. پر آهي اڏين ٿي لڳا جهڙا ڪانگن ۾ ڇپون. ۽ ها، ان مهل ته اسين ٿئي به ڇپن ۾ شامل هئاسين. هو سڀ پنهنجي ڌُن ۾ مگن هئا، ڪين اگهاڙپ جو معمولي احساس به ڪونه هو. هجي به ڇو، هو سڀ پنهنجي رضا خوشيءَ سان جسم کي براؤن بڻائڻ لاءِ سن باٿ وٺڻ آيا هئا. انهن مان اڪثر جوڙا هئا، پر ڪي ته خاندان جي صورت ۾ به آيل هئا. سامهون پاڻيءَ مان هڪ ٽيهارو ڪن سالن جي جيالي عورت پنهنجي ڇهن سالن جي اگهاڙي پٽ سان ٻاهر پئي نڪتي، پر سندس رڳو پٽ ئي اگهاڙو ڪونه هو. پريان هڪ همراه سائيڪل تي آئسڪريم جو هوڪو ڏئي رهيو هو. مون سڌ ڪونه ڪئي مانس، پر جڏهن هو ويجهو آيو ته آئيس ڪريم کائڻ جو خيال هوا ٿي ويو، هي جيالو به سن باٿ لاءِ قدرتي لباس ۾ ئي آئسڪريم وڪڻي رهيو هو. هن نيوڊ بيچ تي اسان هاڻ هرو ڀرو پاڻ کي شڪي محسوس ڪري رهيا هئاسين. ساڄي طرف هڪ جيالو ۽ جيالي چپ ڇپن سان مِلايو چنبڙيا پيا هئا. هن معاشري ۾ ڇپن جي وڏي اهميت آهي پوءِ اهي شراب جي پيگ لاءِ هجن يا محبوب جي ڇپن لاءِ، پر اهي هوندا فقط ڪجهه دير لاءِ آهن. مستقل طور تي سندن ساٿ نه، هڪ پيگ سان هوندو آهي نه ئي هڪ محبوب سان. هي ڊسپوزيبل معاشري جا ڊسپوزيبل چپ آهن، جڃهن سان جڃهن جهڙو ٺهڻ لاءِ ٻاري صاحب وڏي جدوجهد ڪان پوءِ مختلف دليلن ذريعي آصف کي به پينٽ شرٽ لاهڻ تي راضي ڪري ورتو. سندس خيال هو ته آصف هوبهو هنن جهڙو بڻجي، پر جنگشاهي جو هي جيالو انڊرويئر لاهڻ کان ٻڙ ڪيدي

ويٺي رهيو. سامهون هڪ ڇوڪريءَ کي سنڊس بواءِ فرينڊ يا شايد مسٽرس پٺن تي ڪريم هڻي رهيو هو، هو ٻئي ٻاري ۽ آصف جي ڪشمڪش ڏسي مُرڪڻ لڳا. تيستائين هڪ گاڏي پرسان اچي بيٺي ۽ هڪ ماڊرن ٽڪ فيملي گاڏيءَ مان لٿي. سردارجي وڏي پڳڙ سان پنهنجن ڏهن ٻن شوخ ۽ الهڙ ڏيئن کي بيچ جو آهو 440 والٽ ڪرنٽ وارو حصو گهمائڻ لڳو. هو کي پهريون ڀيرو هتي آيل ٿي ڏٺيون، سو روايتي ايشين انداز ۾ هر الف ٿيل جمالي کي ڏسي هڪٻئي کي ٺونٺيون هڻڻ ٿي لڳيون. منهنجي لاءِ اها سڄي صورتحال چرڪائيندڙ ته ضرور هئي پر وڻندڙ هرگز نه هئي. جيئن وقت گذريو پئي ۽ ذهن ان صورتحال ۾ ايڊجسٽ ٿيندو ويو، تيئن تيئن مونکي هي نيوڊ بيچ ڪاسائيءَ جي دڪان محسوس ٿي رهي هئي، جتي ٽنڊي هوندي وچي ڇٽيو هو. ”اڌ سير ران جو گوشت ڏي. سينو يا قمر نه وجهجئين وغيره.“ اوچتو هڪ ڪيپ پهريل جيالو اسان جي آڏو اچي بيٺو. ”منهنجي تصوير ڪڍندؤ؟“ اسان اکيون وڏي ڪري ويا سين. اهڙي ئي ساڳي بيچ سان فرانسسڪو ۾ به آهي ۽ ٻين ڪئي ملڪن ۾ به. سمجهه ۾ نٿو اچي ته انساني آزادين جا آهي دعويدار وچي ڪيڏانهن رهيا آهن. جڏهن پٿر جي زماني کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ڪيل انساني سفر واپس اوڏانهن ئي موٽ کائي رهيو آهي، جتان شروعات ٿي هئي ته پوءِ ايتري ترقي ۽ ڪامپيٽيشن جو فائدو ڇا ٿيو.

گهر پهچي فرج ۾ رکيل گوشت کي گرم ڪري ٽڪڙو ٽڪڙو ٿي گراهه هڻي اسان مهانڙي کان موڪلايو. ٻاري صاحب اسانکي اسٽيشن تائين ڇڏڻ هليو. ”برائيٽن جو سفر ڪيئن رهيو هو.“ هن موڪلائڻ مهل پڇيو.

”نئون تجربو هو.“

اسان جي ٽرين تيز رفتاريءَ سان لنڊن وچي رهي هئي. آصف جي پرسان هڪ پُرڪشش ڇوڪري ويٺل هئي. آئون سوچڻ لڳس ته اها ساڳي ڇوڪري جڏهن مونکي انهيءَ بيچ تي ملي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ها ته فقط گوشت جي پري ئي لڳي ها.

وڪٽوريه اسٽيشن تي لهي اسان هڪڙي ننڍڙي ٽئڪسي ڪئي. مون واري ٽيوب جي پاس ڪلهه ايڪسپائر ٿي چڪي هئي، سو آصف جي پئيان لڳي بيٺس ۽ جيئن سندس پاس وجهڻ تي راڊ هٽي آئون به ٽڪڙو هيٺ هليو ويس. اتان ڪان ارلس ڪورٽ تائين اسين سرڪل لائين جي ذريعي آياسين ۽ پوءِ اتان هيٺرو وڃڻ لاءِ پڪاڊلي ۾ چڙهياسين. گاڏيءَ ۾ ڪافي رش هئي، منهنجي پرسان هڪ فلپائن جي ڇوڪري چنبڙي بيٺي هئي. ٿورڙي دير ۾ ئي مونکي محسوس ٿيڻ لڳو ته هن ڇاڻي واڻي سندس هٿ پائيپ ۾ پيل منهنجي هٿ مٿان رکي ڇڏيو هو. آئون پڪ ڪرڻ لاءِ ٿورو ڪسڪيس ته هوءَ ويتر وڌيڪ ويجهو اچي وئي. هاڻ ته سندس وار بلڪل منهنجي ڪاڌيءَ کي لڳي رهيا هئا. هن پنهنجو سڄو وزن منهنجي ساڄي ٻانهن تي وجهي ڇڏيو. آصف به اها صورتحال ڏسي ورتي هئي، سو ڪاٻي اک ٻڃي اشارو ڪيائين، ”هاڻ ٻي فلائيٽ ۾ وڃجائين، اڄ رهي پئو.“ هن اهو جملو جهونگارڻ جي انداز ۾ چيو ته جيئن ڇوڪري ڪيس مون سان مخاطب ڏسي ڇرڪي نه وڃي.

ڪجهه دير ڪانپوءِ هڪ سيٽ خالي ٿيڻ تي آئون اتي وڃي ويهي رهيس ته آيريل چپن واري ان بندري ڇوڪري مون ڏانهن شڪايتي نظرن سان نهاريو. مون منهن ڦيرائي ڇڏيو، هاڻ ان ساڳي جاءِ تي آصف بيٺو هو. هيٿرو پهچي نهايت چالاڪي سان پرائي پاس جي ٽڪيٽ واري حصي تي هٿ رکي ٻاهر نڪري ويس. لائونج ۾ سامان ٽرالي تي رکي ۽ پاسپورٽ هٿ ۾ جهلي آصف کي وڏا ڀاڪر پائي موڪلايم پي ته سندس اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا. ان مهل مونکي به اهو ڪٿڪو ڪونه هو ته ڪير اسانکي ڏسي رهيو هوندو، ڇاڪاڻ ته آس پاس ڪئي ايشين هڪٻئي کان اکين ئي موڪلائي رهيا هئا. بيگ بيلٽ ذريعي اندر موڪلي، آئون ٽيلهو لڙڪائيندو جهاز ڏانهن وڌڻ لڳس ته آصف جو الوداع لاءِ کنيل هٿ مونکي سوين ماڻهن جي وچ ۾ به ڪافي دير تائين ڇتو نظر

ايندو رهيو، منهنجو هٿ ٻه جواب ۾ دروازو ٺپڻ ٺاڻهن تيزيءَ سان لڏندو رهيو.

آئون هاڻ پنهنجي وطن ڏانهن آڏامي رهيو هئس ۽ هن حسين سفر جي خوبصورت يادگيرين سان گڏ الوداع لاءِ کنيل ڪئي هٿ منهنجي پوريل اکين آڏو لهرائي رهيا هئا. هيرس برگ ۾ ادي شمع ۽ ننڍڙي امر الطاف جا هٿ، واشنگٽن ايئرپورٽ تي بدر شيخ، شهزاد ۽ صنوبر جا هٿ، پيرس جي اسٽيشن تي ليجار جو هٿ ۽ هاڻ هيٿرو تي آصف جو هٿ. ٺهي حالتن ۾ هو سڀ بيٺل هئا. ويندڙ آئون هئس. هڪ گهڙيءَ لاءِ خيال آيو، ڇا وري ڪڏهن موٽي انهن سان ملي سگهبو؟ پر پوءِ مون هميشه جيان ذهن کي رليڪس ڪرڻ لاءِ اياز کي جهونگارڻ شروع ڪري ڏنو،

”دل تيز پرندي وانگر آ
هڪ ٽاريءَ کان ٻي ٽاريءَ تي
ڀوءِ دور ستارن تي پهچي
ٿي اڏري دنيا ساريءَ تي.“

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪوٽ لکپت جو قيدي

مصنف: رسول بخش پليجو

— سنڌ جي چوٽيءَ جي ڏاهي سياستدان ۽ مهان اديب رسول بخش پليجي جي لاهور جي بدنام جيل ۾ گهاريل ستن سالن جي قيد جا ڪڙا مٺا داستان.

— سنڌ ۽ عالم جي سياست جو چرڪائيندڙ آپريشن.

— ملڪ جي ہر ک سياستدانن، اديبن ۽ عالمن جي باري ۾ تورينل تڪيل رايا.

— قيد تنهائي جي انهن نازڪ ۽ تڪليف ده گهڙين جا احوال جڏهن زندگي ۽ موت جي وچ ۾ چند انچن جو مفاصلو رهجيو وڃي.

— سنڌي ادب جي سڀ کان طويل، سڀ کان اثرائتي ۽ سڀ کان نرالي جيل جي ڊائري.

”لنڊن تنهنجا ڪيڏا روپ“

(سفرنامو)

مصنف: طارق عالم ابڙو

طارق عالم ابڙي پنهنجي هن سفرنامي ۾ لنڊن جا ايڏا ته گهڻا روپ دلچسپ انداز ۾ ظاهر ڪيا آهن جو پڙهڻ وقت، پڙهندڙ پنهنجو پاڻ کي لنڊن ۾ موجود محسوس ڪندو ۽ سفرنامو ختم ڪرڻ کان اڳ ڪتاب ڇڏڻ تي دل نه چوندس.

”سوزيءَ سان پيار“

مصنف: الطاف شيخ

پڙهندڙ سندس هر ڪتاب جو بيچيني سان انتظار ڪندا آهن. ’سوزيءَ سان پيار‘ سندس نئين ڪاوش آهي. اميد ته پڙهندڙن کي سندس هي ڪتاب گهڻو پسند ايندو.

”هينئڙو ڏاڙهون ءَ گل جئن“ (شاعري)

”خط، انٽرويو ۽ تقريرون“ (ياگو پيو)

مصنف: شيخ اياز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

امر جليل جو جلد شايع ٿيندڙ ڪتاب

رد ڪيل ڪهاڻيون

دنيا جي بهترين ڪهاڻين ۾ شامل ٿيندڙ ڪهاڻيون.

هن ڪتاب ۾ سندس بهترين ڪهاڻي 'اندرا' کان علاوه زندگي هڪ ڪٽن، هڪ لاش ۽ راتين جا رولاڪ، سرد لاش جو سفر، هوائي کان علاوه ٻيون به ڪهاڻيون شامل آهن.

"جڏهن ماڻ نه هوندس"

امر جليل جي هن ڪتاب جو ٻيو ايڊيشن هٿون هٿ وڪامي ويو. گهڻن پڙهندڙن کي ملي نه سگهيو. سندس ٽيون ايڊيشن فيبروري ۾ شايع ٿيندو.

نيو فيلڊس جا تازا شايع ٿيل ڪتاب

منهنجو ڏس آسمان کان پڇو (ڪهاڻيون)	امر جليل	-/۴۰
مٺي مراد (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	-/۳۳
پتڻ تو پور ڪري (شاعري)	شيخ اياز	-/۵۰
اي جرني ٽو ٿائلنڊ (سفرنامو)	الطاف شيخ	-/۵۰
منهنجي دنيا مرڳهه ترشنا (ناول)	سراج	-/۶۰
اير چنڊ پس پرين (شاعري)	شيخ اياز	-/۶۰
اٿين ڪٿا (ڪهاڻيون)	موهن ڪلپنا	-/۳۰

پڙهندڙن لاءِ خوشخبري

نيوفيلڊس اداري جا هڪ ئي وقت گهٽ ۾ گهٽ ۲۰ عدد ڪتاب گهرائڻ تي ۳۰ فيصد رعايت. ۱۵ عدد ڪتاب گهرائڻ تي ۲۵ فيصد رعايت. ۱۰ عدد ڪتاب گهرائڻ تي ۱۵ فيصد رعايت ۽ ۵ عدد ڪتابن تي ۱۰ فيصد رعايت ڏني ويندي. گهٽ ۾ گهٽ تي ڪتاب يا -/۵۰ رپين جا ڪتاب گهرائيندا. ان کان گهٽ جي آرڊر جي تڪميل نه ٿيندي. ڪتابن جي لسٽ يا ٻي معلومات گهرائڻ لاءِ جوابي لفافو موڪلڻ ضروري آهي. نيو فيلڊس اداري جو هر مهيني شايع ٿيندڙ ڪتاب گهر ويٺي وصول ڪرڻ لاءِ (ميمبر ٿيڻ لاءِ) پنهنجي رضامندي لکي موڪليندا. ميمبر ٿيڻ لاءِ ڪابه ايڊوانس يا شرط نه آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊيو هيلپس پبليڪيشنس جا شايع ٿيل ڪتاب

٠١	بين الاقوامي قانون ۽ تنظيم	فيروز احمد	(ختم ٿيل)
٠٢	جيل ۾ ٢٢ مهينا (ڀاڱو ١)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
٠٣	اڌ ملاقات (خطَ)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
٠٤	جيل گهاريم جن سان	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
٠٥	جيل ۾ ٢٢ مهينا (ڀاڱو ٢)	طارق اشرف	-/٢٠
٠٦	زندگيءَ جو تنها مسافر (ڪهاڻيون)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
٠٧	٤- مارچ ۽ سنڌي جوڌا	—	-/٢٠
٠٨	بهترين ڪهاڻيڪارن جون بهترين ڪهاڻيون	—	(ختم ٿيل)
٠٩	اونداهي ڌرتي روشن هٿ (ناول)	آغا سليم	-/٤٥
٠١٠	رات منهنجي روح ۾	غلام نبي مغل	(ختم ٿيل)
٠١١	٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (ڀاڱو ١)	—	(ختم ٿيل)
٠١٢	ٿڌا چپ (ڪهاڻيون)	ايشورچندر	(ختم ٿيل)
٠١٣	واديون وڻجارن جون (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
٠١٤	٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (ڀاڱو ٢)	—	(ختم ٿيل)
٠١٥	بندر بازاريون (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
٠١٦	شڪليون (خاڪا)	عبدالقادرجوڻيجو	(ختم ٿيل)
٠١٧	يادگار ڪهاڻيون	مختلف ڪهاڻيڪار	(ختم ٿيل)
٠١٨	ٽين دنيا جون ڪهاڻيون	ولي رام ولڀ	(ختم ٿيل)
٠١٩	عظيم ڪهاڻيڪارن جون عظيم ڪهاڻيون	—	(ختم ٿيل)
٠٢٠	دل اندر درياءُ (ڪهاڻيون)	مدد علي سنڌي	(ختم ٿيل)
٠٢١	دل جو بندر (ناول)	ائورل آئيويس/نصير اعجاز	(ختم ٿيل)
٠٢٢	رهيل قرض (ڪهاڻيون)	ظفر حسن	-/١٦
٠٢٣	درد جي خوشبو (ناول)	قاضي خادم	(ختم ٿيل)
٠٢٤	ڪنهن سان سور سليان	مرتب: فيروزاحمد	(ختم ٿيل)
٠٢٥	فڪر جي آزادي	آسٽيفن زويگ/ابراهيم جويو	(ختم ٿيل)
٠٢٦	منهنجو ساگر، منهنجو ساحل (سفرنامو)	الطاف شيخ	-/١٦
٠٢٧	غلامن جو پيڙهو (ناول)	ايرڪ ڪارڊر/دوست محمد ٻٽي	(ختم ٿيل)
٠٢٨	سي ٿي جوين ڏينهن (سفرنامو)	الطاف شيخ	-/١٥

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٠٢٩. عاشي (ناول) هينري رائڊر هئگرڊ/فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
٠٣٠. سي پيڙيون رکين پاڃهه سين (سفرنامو) الطاف شيخ -/٢٠
٠٣١. سڌارٿ (ناول) هرمن هيس/فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
٠٣٢. جيان رس (ڪهاڻيون) الطاف شيخ (ختم ٿيل)
٠٣٣. روح جي ڳولا (ناول) مترجم: فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
٠٣٤. درد جا ڏينهن، درد جون راتيون طارق اشرف (ختم ٿيل)
٠٣٥. سانباهو سموند جو (سفرنامو) الطاف شيخ (ختم ٿيل)
٠٣٦. سورج هوندي مرجهايل (ڪهاڻيون) نجم عباسي (ختم ٿيل)
٠٣٧. آسيه (ناول) هينري رائڊر هئگرڊ/فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
٠٣٨. قلندر (ڪهاڻيون) قرت العين حيدر/مدد علي سنڌي (ختم ٿيل)
٠٣٩. الطاف شيخ جي نوٽبڪ تان الطاف شيخ (ختم ٿيل)
٠٤٠. سزا جا سڪ آسڪر وائلڊ/فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
٠٤١. بهترين سفرناما الطاف شيخ (ختم ٿيل)
٠٤٢. للڪار (ڪهاڻيون) نجم عباسي (ختم ٿيل)
٠٤٣. ڏڪل سريت (ڪهاڻيون) البرٽو موراويا/وليرام ولڀ (ختم ٿيل)
٠٤٤. لنڊن تائين لفٽ (ڪهاڻيون) الطاف شيخ (ختم ٿيل)
٠٤٥. تصوير جو خون آسڪر وائلڊ/فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
(پڪچر آف ڊورين گري) (ناول)
٠٤٦. حليم شو حليم بروهي (ختم ٿيل)
٠٤٧. پارن جون آکاڻيون الطاف شيخ (ختم ٿيل)
٠٤٨. سپون خليل جبران/فضل احمد بچاڻي -/٢٥
٠٤٩. سفر يورپ جي ڊائري (سفرنامو) قاضي عبدالمجيد عابد -/٤٠
٠٥٠. آزادي خاطر (ڪهاڻيون) مرتب: فيروز احمد (ختم ٿيل)
٠٥١. چانديءَ جون تارون (ڪهاڻيون) ماهتاب محبوب (ختم ٿيل)
٠٥٢. مس سدا بهار چنبيلي (ناول) الطاف شيخ (ختم ٿيل)
٠٥٣. پيار ڪهاڻي (ناول) نجم عباسي (ختم ٿيل)
٠٥٤. نيگرو عشق ۽ بغاوت ڪرسٽوفر ڪول/نصير اعجاز (ختم ٿيل)
٠٥٥. شرم پوڻي (ناول) گوبند مالهي (ختم ٿيل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٥٦.	اڳي ائين هياس (جلد ١)	فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
٥٧.	پره کان پهرين (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	١٦/-
٥٨.	بلنديون (ناول)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
٥٩.	رڃ ۾ پاڇا (ناول)	موهن ڪلپنا	(ختم ٿيل)
٦٠.	مون تو کي پيار ڪيو (ڪهاڻيون)	پوپٽي هيراننداڻي	(ختم ٿيل)
٦١.	آيل ڙي اولاڻا (ڪهاڻيون)	علي بابا	(ختم ٿيل)
٦٢.	شاهه لطيف جي شاعري (جلد II)	تنوير عباسي	(ختم ٿيل)
٦٣.	اپٽي ڪهوٽ ته نيشا ٽيوٽي (سفرنامو)	لوڪرام ڏوڏيجا	(ختم ٿيل)
٦٤.	موهن جو دڙو (ناول)	علي بابا	(ختم ٿيل)
٦٥.	ادو عبدالرحمان (ڪهاڻيون)	امر لعل هنگوراڻي	١٢/-
٦٦.	ڌرتي روشن آهي (ڪهاڻيون)	آغا سليم	(ختم ٿيل)
٦٧.	دارون هن ديواني جو (ڪهاڻيون)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
٦٨.	پيغامبر	خليل جبران/ستار	٢٠/-
٦٩.	همه اوست (ناول)	آغا سليم	(ختم ٿيل)
٧٠.	اداس واديون (ڪهاڻيون)	حميد سنڌي	(ختم ٿيل)
٧١.	آئيني جي اڳيان	١٧ ساهتڪار	١٢/-
٧٢.	چنڊ چنبيليءَ ول (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
٧٣.	لهر لهر زندگي (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	(ختم ٿيل)
٧٤.	اڻون ماڻهو (ڪهاڻيون)	سراج	(ختم ٿيل)
٧٥.	ٻه ننڍا ناول (ٻه ناول)	آغا سليم	(ختم ٿيل)
٧٦.	اڳي ائين هياس (جلد ٢)	فضل احمد بچاڻي	٢٤/-
٧٧.	رڻ تي رم جهم (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
٧٨.	واٽ وهندي	علي احمد بروهي	(ختم ٿيل)
٧٩.	مڪليءَ کان ملاڪا تائين (سفرنامو)	الطاف شيخ	٣٥/-
٨٠.	ڪهاڻي جو قافلو	نجم عباسي	١٥/-
٨١.	ساهيوال جيل جي ڊائري	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
٨٢.	سنگاپور وهندي وهندي (سفرنامو)	الطاف شيخ	٣٥/-
٨٣.	چنڊ جا تمنائي (ڪهاڻيون)	آغا سليم	(ختم ٿيل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٨۴.	ڀڳت سنگهه کي ڦاسي	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
٨٥.	سٽ يوگوسلاويائي آکاڻيون	جڳت آڏواڻي	١٠/-
٨٦.	سٽ ڪشميري آکاڻيون	اخترمحيعدين/ايشورچندر	١٢/-
٨۷.	ٻن ڇڙن ۽ چنڊ (شاعري)	آغا سليم	١٠/-
٨٨.	ڪوالالمپور ڪجهه ڪوه (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
٨٩.	ڪپر ٿو ڪن ڪري (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
٩٠.	سڌن مٿي سڏڙا	علي احمد بروهي	(ختم ٿيل)
٩١.	گانڌي	لوئي فشر/نجم عباسي	(ختم ٿيل)
٩٢.	ٻڪل ڪنهڙائيون	خليل جبران/عبدالله الفائز	٢٥/-
٩٣.	ماستر هريامجو ٻڻنڪاڪ وچن....	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
٩۴.	ڪي جو پيچل ٻوليو (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
٩٥.	سرهي سرهي سار (سفرنامو)	ماهتاب محبوب	٥٠/-
٩٦.	خط، انٽرويو ۽ تقريرون	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
٩۷.	ڏنگيءَ منجهه درياهه (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
٩٨.	ڏيئا تيل ڦليل جا	علي احمد بروهي	٣٠/-
٩٩.	راج-گهاٽ تي چنڊ (شاعري)	شيخ اياز	٦٠/-
١٠٠.	موتي جي مهراڻ جا	مرتب: فيروز احمد	۷٥/-
١٠١.	تلاش (ناول)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
١٠٢.	لڙيو سج لڪن ۾ (شاعري)	شيخ اياز	٣٥/-
١٠٣.	ڏاهي جهرڪي ۽ ٻيون آکاڻيون	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
١٠۴.	مرڻ مون سين آهه (ناول)	سراج	(ختم ٿيل)
١٠٥.	پڙاڏو سوئي سڏ (ناول)	سراج	٥٠/-
١٠٦.	رات وچ ۾ (ناول)	برهٽ هيلمڊي/فضل احمد بچاڻي	٢٠/-
١٠۷.	ٻڙ جي ڇانوَ اڳي ڪان ڳهاڻي (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
١٠٨.	اڪ سور (ناول)	رابندرناٿ ٽئگور	٥٠/-
١٠٩.	جت جر وهي ٿو جال (سفرنامو)	الطاف شيخ	٥٠/-
١١٠.	رني ڪوٽ جو خزانو (ڪهاڻيون)	امر جليل	۴٠/-
١١١.	ماسترياڻي (ناول)	مترجم: نجم عباسي	(ختم ٿيل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

١١٢. آکن نيرا ڦليا (شاعري) شيخ اياز (خ...

١١٣. منهنجي دنيا، هيکل وياکل (ناول) سراج

١١٤. رڻ ۾ رڃ جو اتهاس (کهاڻيون) نورالهديٰ شاه (ختم ٿيل)

١١٥. انقلابي ماءُ (سوانح حيات) مترجم: آزاد قاضي

١١٦. ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون شيخ اياز (ختم ٿيل)

١١٧. جلاوطن (کهاڻيون) نورالهديٰ شاه (ختم ٿيل)

١١٨. جڏهن مان نہ هوندس (کهاڻيون) امر جليل (ختم...

١١٩. پونر پري آڪاس (شاعري) شيخ اياز

١٢٠. راهون چنڊ ستارا (سفرنامو) ماهتاب محبوب

١٢١. يادين جي اندلٺ الطاف شيخ

١٢٢. جهڙ نيڻان نہ لهي (شاعري) شيخ اياز

١٢٣. وقت وڻيون وڇوڙيون (ناول) ڪلا پرڪاش

١٢٤. شاه لطيف جي شاعري جلد I، II ۽ III تنوير عباسي

١٢٥. تنهنجي دنيا، سپ رنگ سانول (ناول) سراج

١٢٦. وڄون وسڻ آئيون (شاعري) شيخ اياز

١٢٧. وندرسر محل جو مسافر (سفرنامو) عبدالجبار جوڻيجو

١٢٨. ٻالهيون آهن ڪچ (سفرنامو) الطاف شيخ

١٢٩. روس جو سير (سفرنامو) جواهر لال نهرو

١٣٠. پنهل ڪان پوءِ ۽ جڳ مڙيوئي سپنو شيخ اياز

١٣١. منهن تنين مشعل (خاڪا) تنوير عباسي

١٣٢. فرينچ انقلاب مترجم: محمد ابراهيم جويو

١٣٣. علم تحقيق ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو

١٣٤. اڻين ڪتا (کهاڻيون) موهن ڪلپنا

١٣٥. اڀر چنڊ پس پرين (شاعري) شيخ اياز ...٠/-

١٣٦. منهنجي دنيا مرگهہ ترشنا (ناول) سراج ٦٠/-

١٣٧. اي جرني ٽو ٿائلنڊ (سفرنامو) الطاف شيخ ٥٠/-

١٣٨. پتڻ ٽو پور ڪري (شاعري) شيخ اياز ٥٠/-

١٣٩. مٺي مراد (کهاڻيون) ماهتاب محبوب ٣٣/-

١٤٠. منهنجو ڏس آسمان ڪان پڇو (کهاڻيون) امر جليل ٤٠/-

ڇپرائڻ لاءِ لکو: نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد.

Scanned with CamScanner

هن ڪتاب مان ڪنيل ٽڪرا:

* ڊيئر هتي عشق ۽ دوستي جو اهو ڪنسيپٽ نہ اٿئي، جيڪو پاڻ وٽ آهي. هتي محبوب ۽ محبوبائون بہ ڊسپوزيبل گلاسن وانگر بازار جي ڪموڊٽي آهن. جيستائين هليا تہ هليا، ٿورڙو بہ اختلاف ٿيو تہ معاملو ختم. * سنڌ ميدان جنگ آهي. اسين سنڌ ۾ انقلاب آڻي نٿا سگهون، ان لاءِ تصوروار آهيون پر گهٽ ۾ گهٽ انهن جي دانهن تہ ٻاهر پهچايون...... * انهن ٻنهي مان جنهن کي اڇي اسڪرٽ پيل هئي، سا چڻ جنت جي ڪا حور هئي جيڪا بنه هينئر ٽڪيٽ وٺي زمين تي لٿي هئي. سندس بت جي لچڪ ۽ هر قدم تي جهٽڪا ڪائيندڙ وار ڪنهن چڱي ڀلي ماڻهوءَ کي بيهوش ڪرڻ لاءِ ڪافي هئا. * اسان واري پاسي کو اهڙو همراهہ هجي ها تہ ڪيس مٽياري ۽ لياريءَ جون شيدياڻيون بہ سگنل ڪونہ ڏين ها. پر ڪنهن جي ڀاڳ سان ڪهڙي ريس...... * هاڻ سائين واشنگٽن جو شهر، اسان پاري ڪنهن همراهہ تي بري مهل اچي وجي تہ پوءِ تہ سر ئي هليو وڃي. نہ ڪا مسجد، نہ ڪا ريلوي اسٽيشن، ويجهو ڪو جهنگ بہ ڪونهي. بلڊنگن، اسپتالن ۽ هوٽلن ۾ ٽوائلٽن کي تالا، جي ايمرجنسي ۾ ماڻهو ڪو ڪنڊ پاسو وٺي تہ سوين ڊالر جرمانو. آمريڪا نہ ٿي عذاب ٿي پيو...... * مون ڪان چرڪ نڪري ويو. اسين "سوهو" جي بدنام علائقي ۾ گهڙي چڪا هئاسين. آس پاس ڪئي سيڪس شاپ ڪليل هئا، جتي ٢ ڪان وٺي ١٠ پائونڊن تائين ٽڪيٽون هيون...... * يورپ ۽ آمريڪا ۾ ڪنهن جي بہ حسن جي تعريف ڪرڻ ۾ ڪا بہ خرابي ڪانهي. جيڪڏهين ڇوڪري هوندي واندي تہ ڳالهہ اڳيان وڌائيندي جي نہ تہ فقط ٿينڪس چئي ڇڏيندي. اسان وانگر نہ تہ جي ڪٽي ڪنهن جي سچي دل سان تعريف ڪجي تہ جواب ملندو، "بيحيا توکي ماءُ ڀيڻ ڪانهي ڇا؟" * ٽيوب ۾ رش ڏاڍي هئي. هڪ ڇوڪري تہ اسان ٻنهي جي وچ ۾ ذري گهٽ سينڊوچ ٿي چڪي هئي. هتي لنڊن ۾ ڳاڏين ۾ مرد ۽ عورت جا جسم ٽچ ٿيڻ عام رواجي ڳالهہ آهي. خاص طور تي رش هاورز ۾ تہ چڱي ڀلي ايمان وارو بہ اچي بيهي تہ ايمان خطري ۾ پئجي وڃينس * ويجها ٿياسين تہ منهنجون ذري گهٽ اکيون نڪري آيون. اتي اڪثر عورتن کي بريزيئرس بہ پيل ڪو نہ هيون. ٿورو اڃان بہ اڳتي وڌياسين تہ وات ڦاٽي ويو، مار ڀيڻسان! هاڻ تہ ڪپڙن جو تڪلف بہ ختم ٿي چڪو هو. چوڏاري سون جي تعداد ۾ الف اگهاڙا انگريز ۽ انگريزياڻيون چادرن تي ليٽيل هئا. سندن ڪير جهڙا اڇا جسم سج جي روشني ۾ چمڪي رهيا هئا. آس پاس ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو ڪپڙا پاتل بہ هئا. پر آهي ائين ٿي لڳا جهڙا ڪانگن ۾ ڇهون. ۽ ها، ان مهل تہ اسين ٽئي بہ ڇهن ۾ شامل هئاسين. هو سڀ پنهنجي ڌن ۾ مگن هئا، ڪين اگهاڙپ جو معمولي احساس بہ ڪونہ هو. هجي بہ ڇو، هو سڀ پنهنجي رضا خوشيءَ سان جسم کي برائون بنائڻ لاءِ سن باٿ وٺڻ آيا هئا. انهن مان اڪثر جوڙا هئا، پر ڪي تہ خاندان جي صورت ۾ بہ آيل هئا. سامهون پاڻيءَ مان هڪ ٽيهارو ڪن سالن جي جيالي عورت پنهنجي ڇئن سالن جي اگهاڙي پٽ سان ٻاهر پئي نڪتي، پر سندس رکو پٽ ئي اگهاڙو ڪونہ هو. پريان هڪ همراهہ سائيڪل تي هوڪو ڏئي رهيو هو. مون سڏ ڪيو مانس، پر جڏهن هو ويجهو آيو تہ آئسڪريم کائڻ جو خيال هوا ٿي ويو. هي جيالو بہ سن باٿ لاءِ قدرتي لباس ۾ ئي آئسڪريم وڪڻي رهيو هو. هن نيوڊ بيچ تي اسان هاڻ هرو ڀرو پاڻ کي شڪي محسوس ڪري رهيا هئاسين. • اچي طرف هڪ جيالو ۽ جيالي....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book